
ڪهاڻيون
سونو ڏند
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
پوپٽ

سونو ڏند

(ڪهاڻيون)

رسول ميمڻ

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور
2012ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

POPAT BOOK NO. 30
سونو ڏندُ
(ڪهاڻيون)
ليکڪ: **ڊاڪٽر رسول ميمڻ**
ڇاپو پهريون: 2012ع
تعداد: هڪ هزار
ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي
لي آئوٽ: آصف نظاماڻي
ڪمپوزنگ: فهيم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913
ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور.
ملهه: **-/120**روپيه

All Rights Reserved with the Author

SONO DAND
(Stories)
By: **Dr. Rasool Memon**
First Edition: 2012
Quantity: 1000 Copies
Title Design: Saeed Mangi
Layout: Asif Nizamani
Composing: Faheem Ahmed Solangi
Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913
Published by: Popat Publishing House, Mall Road Khaiprur.
Price: **Rs. 120/-**

ارپنا

زوار احمد جي نالي
جنهن ڪهاڻيون ٻُڌايون،
۽ مون، ڪاغذ تي لکيون.

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سونو ڏند“** اوهان اڳيان پيش آهي. ڪهاڻين جي هن ڪتاب جو ليکڪ ناميارو ڪهاڻيڪار، ناولنگار ۽ اديب **”رسول ميمڻ“** آهي.

رسول ميمڻ جو شُمار جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي مُهندار ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو، جنهن جو ڪهاڻي لکڻ جو هڪ پنهنجو الڳ ۽ منفرد انداز آهي ۽ جنهن ڪهاڻيءَ کي پڙهندڙن جو هڪ پنهنجو وسيع حلقو آهي. هن ڪتاب ۾ شامل گهري فڪر ۽ تخليقي حُسن سان ٽمٽار هي ڪهاڻيون يقيناً پڙهندڙن کي دل ۾ پيهي وينديون.

هو لکي ٿو:

”منهنجي ڪهاڻين جا صوف منهنجي پڙهندڙن لاءِ آهن. اهي انهن جي خوشبوءِ ۽ ذائقو محسوس ڪري سگهندا.

هن مجموعي ۾ ڪل تيرهن ڪهاڻيون شامل آهن. ڪجهه ڪهاڻيون منجهيل محسوس ٿي سگهن ٿيون. فن جي وضاحت ڪرڻ تخليق جي توهين ڪرڻ آهي. تفسيرون لکڻ مُلن جو ڪم آهي، جيڪي مذهبن کي منجهائڻ ٿيون. “

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2012ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبليڪيشن جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي. مهربانيون رسول ميمڻ صاحب جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

- پبلشر نوٽ: **قربان منگي** 7
- پنهنجي پاران: **رسول ميمڻ** 8

ڪهاڻيون

- صفورا چورنگي 11
- آزار 18
- سونو ڏند 22
- قلم جو قيدي 30
- ياءُ جي نصيحت 38
- ڳوٺ 43
- گونگا، ٻوڙا ۽ انڌا 48
- مورتي 52
- پريو مڙس 57
- سوڙهه 64
- پيار 69
- ڳڌهن جي آزادي 74
- چور ۽ بهادر سپاهي 78

پبلشر نوٽ

رسول ميمڻ جو شُمار جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي مُهندار ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو جنهن جو ڪهاڻي لکڻ جو هڪ پنهنجو الڳ ۽ منفرد انداز آهي ۽ جنهن ڪهاڻيءَ کي پڙهندڙن جو هڪ پنهنجو وسيع حلقو آهي. رسول ميمڻ ويجهڙائيءَ ۾ تمام گهٽيون ڪهاڻيون لکيون آهن، جيڪي وقت بہ وقت مختلف رسالن ۾ شايع بہ ٿينديون رهيون آهن. انهن مان ڪجهہ ڪهاڻيون هِن مجموعي ۾ شامل آهن. گهري فڪر ۽ تخليقي حُسن سان ٽمٽار هي ڪهاڻيون يقيناً پڙهندڙن کي دل ۾ پيهي وينديون. ادارو پوپٽ پبلشنگ هائوس سنڌي ٻوليءَ جي هِنَ سرموڙ ڪهاڻيڪار جو ڪتاب سهڻي انداز ۾ ڇاپيندي نهايت خوشي محسوس ڪري رهيو آهي. اسان جي اِها بہ خواهش آهي تہ رسول ميمڻ جا باقي اڻ ڇپيل ڪتابَ بہ ڇپرائي اوهان جي مهربان هٿن تائين پهچايون. اوهان جي لاءِ ۽ رهنمائيءَ جو اوسيئڙو رهندو.

قربان منگي

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس،

خيرپور - سنڌ

پنهنجي پاران

مون وٽ ڪهاڻين جا، جن، ڀوت، پريون ۽ ڏائڻيون، سڀ ماڪوڙن ۽ ڪاڪروچن ۾ تبديل ٿي چُڪا آهن، سڀ شهزادا شهزاديون ۽ جادوگر دونهين، ٻاڦ ۽ هوا ۾ تحليل ٿي چڪا آهن.

”ڪهاڻيون“ ڏاڍو پراڻو نالو آهي. منهنجين تخليقن کي ڪهاڻيون سمجهي پڙهيو وڃي ٿو، جنهن ڪري اهي سمجهه جي دائري کان ٻاهر نڪري وڃن ٿيون. مونکي سمجهيو نه ويو آهي، ڇو جو صحيح معنيٰ ۾ پڙهيو نه ويو آهي.

”ڪهاڻيءَ جو ٻيو نالو ڇا ٿي سگهي ٿو“؟ وري اها ڳالهه منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي.

علامتي ڪهاڻي، سرئلسٽڪ ڪهاڻي، جادوئي حقيقت نگاريءَ واري ڪهاڻي، ايبسٽريڪٽ ڪهاڻي، صحافتي ڪهاڻي. يقين ڪيو مونکي ڪا خبر نه آهي، منهنجيون ڪهاڻيون ڪهڙي سانچي ۾ ماپن ٿيون. بس مان لکندو آهيان. علامت، سرئلزم، ايبسٽريڪٽ، سحرا انگيزي ۽ حقيقت نگاريءَ جي ڪا به ڄاڻ نه آهي. مون وٽ پنهنجو وجدان آهي. پنهنجي اڏام آهي.

ڪنهن نقاد کي اجازت نه ڏيندس ته اهو منهنجي اجازت کانسواءِ ڪنهن تخليق جي چِنبڙ چاڙ ڪري، سنڌ ۾ جنهن اجاڻ لکڻ جي شروعات نه ڪئي آهي. اهو لکڻ جي شروعات ئي تنقيد سان ڪري ٿو جيئن سستي شهرت حاصل ڪري سگهي.

ڪنهن تخليقڪار جي اجازت کانسواءِ ان تي لکڻ ائين آهي جيئن ڪو باغ مان صوف پٽي هلڻ لڳو. مالهي پوڙهان ڪِرڙ وڻ ۽ وڃي وڻيءَ ۾ هٿ وجهي چيائينس: ”اجازت کانسواءِ پرائي باغ مان توکي صوف پٽيندي شرم نه ٿو اچي“ ان وڻي ڇڏائيندي، وڏي هَٿ مان وراڻيو.

”اجازت جي ڪهڙي ضرورت آهي. مون ته ڏسڻ پئي چاهيو جڏهن ٻين باغن ۾ ڳاڙهي رنگ جا صوف آهن ته هن جو رنگ هيڊو ڇو آهي؟“

منهنجي ڪهاڻين جا صوف منهنجي پڙهندڙن لاءِ آهن. اهي انهن جي خوشبوءِ ۽ ذائقو محسوس ڪري سگهندا.

هن مجموعي ۾ ڪل تيرهن ڪهاڻيون شامل آهن. ڪجهه ڪهاڻيون منجهيل محسوس ٿي سگهن ٿيون. فن جي وضاحت ڪرڻ تخليق جي توهين ڪرڻ آهي. تفسيرون لکڻ مُلن جو ڪم آهي، جيڪي مذهبن کي منجهائن ٿيون.

پڙهندڙن جي آسانيءَ لاءِ ڪجهه ڪهاڻين جو پس منظر بيان ڪيان ته بهتر ٿيندو. ڪهاڻي ”گڏهن جي آزادي“ انساني نفسيات تي لکيل آهي. ڪُند ذهن انسان سدائين غلام آهي. اهو گڏهه

جيان خيالي رسي سان ٻڌل آهي. هڪ رهنماءَ جي موت ڪانپوءِ ٻيو رهنماءُ اچي خيالي رسا ڇوڙي انهن کي آزاد ڪري ٿو ۽ اهي اڪيون ٻوٽي گڏهه جيان ان جي ڪڍ لڳي پون ٿا. ڪهاڻي ”سوڙهه“ ان پس منظر ۾ لکيل آهي ته دنيا ۾ سيني کي پنهنجا سور آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ننڍو ڀاءُ ناراض زال کي روئيندو ڇڏي ڀاڄائيءَ جي موت تي تعزيت ڪرڻ وڏي ڀاءُ وٽ وڃي ٿو. تڏي تي سڀ سوڙهه ۾ سمهيل آهن. ننڍو ڀاءُ زال کي خواب ۾ پرچائيندي وڏي ڀاءُ کي ڀاڪر وجهي سمهيل آهي ۽ وڏو خواب ۾ قبر اندر زال کي مرڪندي ڏسي ٿو.

ڪهاڻي ”ڳوٺ“ منهنجو ذاتي الميو آهي. هيءَ زندگي، توهان ۽ قسمت جي وچ ۾ شطرنج راند آهي. شطرنج راند ۾ ڪردار پنهنجي بادشاهه کي بچائڻ جي پوري ڪوشش ڪري ٿو. پر بادشاهه مري وڃي ٿو. مان پنهجي نوجوان پٽ کي بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پر اهو دنيا مان هليو ويو. روئڻهار ڪو ٿي پيو آهيان، وڏيڪ لکڻ نه ٿو چاهيان.

جيئي سنڌي ٻولي

جيئن سنڌي ٻوليءَ جا پڙهندڙ

رسول ميمڻ

ڪراچي

ڪهاڻيون

صفورا چورنگي

مينهن،
وسي نہ وسي
شهر ۾
گپ آهي.
موسم،
هجي نہ هجي
اوڳرائيءَ ۾
گدري جي
ڏپ آهي.

قديم ڳوٺ جو رهواسي گل محمد جڏهن صبح جو سوير گاڏو تيار ڪري ان تي ٽپو ڏئي چڙهندو هيو تہ پاڻ کي سگهارو ۽ چست محسوس ڪندو هيو. گاڏي سان ٻڌل هن جي گڏهہ جا نخرا ڪنهن عورت کان گهٽ نہ هوندا هيا. ان جا چپ وات ۾ وڌل واڳ جي ڇڪ تي جڙ مرڪندي نظر ايندا هيا. گڏهہ روڊ تي ڊڪندي ڪڏهن پوين ڄنگهون مٿي ڪري گاڏي کي ٺڪاءُ ڪرائيندي هئي ۽ گل محمد ان کي پيار مان ٻچڪر ڏيئي سٽر تي هلڪي لٺ وهائي ڪيڏندو هيو.

صدين کان آباد ان ڳوٺ جي پراڻين جاين جا بلاڪ پاڙن وٽان ڇٽي ٻي ترتيب ٿي چڪا هيا. پاڻيءَ جي نيڪاس جو بندوبست نہ هجڻ ڪري پٽيون اڌ آليون هونديون هيون. رستا گپ سان ڀريل هوندا هيا ۽ عورتون مٿي تي دٻا رکي ور وجهي پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي ڳولها ۾ گندي پاڻيءَ مان ايندیون ويندیون هيون. ڪل ملائي چاليهارو گهر هيا. اتي اڪثريت اهڙن اڻ پڙهيل ماڻهن جي هئي جيڪي يا تہ مزدوري ڪري پيٽ پاليندا هيا، يا گڏهہ گاڏا ۽ سزوڪيون هلائي روزگار ڪندا هيا. انهن جون عورتون شهر جي گهرن ۾ ڪم ڪنديون هيون. اتي نہ ڪو اسڪول هيو نہ اسپتال. هڪ وڏيرو هيو جنهن جي اوطاق اجان بہ وچ ڳوٺ ۾ نهيل هئي جيڪا ويران هوندي هئي. اتي ڳوٺ جا ڪتا ليٽيل هوندا هيا ۽ وڏيرو ڪڏهن پراڻا ڪلف لڳل ڪپڙا پائي نشي ۾ لڏندو پاچا مٿي ڪري گهٽيءَ مان لنگهيندي نظر ايندو هيو. اهو اڪثر خاموشيءَ سان اوطاق جي هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجو وقت گذاريندو هيو ڇو جو هاڻي هن وٽ ڪجهہ نہ بچيو هيو. ايئرپورٽ کان ڪينٽ تائين زمين جيڪا ڪڏهن ان جي ملڪيت هئي اها ڀڳڙن مٺ تي وڪامي ان جي هٿن مان نڪري چڪي هئي.

گل محمد صبح جو سوير چورنگيءَ تي راجپوت پکوان سامهون فوٽ پاٿ وٽ گاڏو بيهاري گراهڪن جو انتظار ڪندو هيو. گهڙيءَ نہ گذرندي هئي تہ ڪوهن کي پاڻ سان وٺي وڃي سيمنٽ يا لوهہ جي دڪان تي بيهاريندو هيو ۽ پوءِ گاڏو وزن سان پرجي ويندو هيو. هن جي گڏهہ وٽي اڳين ڄنگهن تي زور ڏيندي هئي ۽ وزن سان پريل گاڏو ويندو هيو سگهارين ڄنگهن سان روڊ تي پڄندو ۽ هر شيءِ کي پوئتي ڇڏيندو.

اتي روزگار هيو. شهر کان ٿورو پري هجڻ ڪري پلاٽ سستا هيا ۽ جايون جام ٺهي رهيون هيون. اڏاوت جي استعمال ۾ ايندڙ ننڍين وڏين شين لاءِ گاڏن ۽ سوزوڪين جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي. گل محمد صبح کان سانجهيءَ تائين ڪم ڪري صفا ڏوڙ ٿي ويندو هيو. ۽ جڏهن واپس ڳوٺ پهچندو هيو تہ هن لاءِ گهر ۾ وهنجڻ جيترو صاف پاڻي بہ نہ هوندو هيو.

صفورا چورنگيءَ جي پسگردائيءَ ۾ عمارتون بلند ٿي رهيون هيون جيئن ڏرتيءَ تي ناسورجا ڳوڙها اپري وقت سان وڌندا هجن. اتي ٻاهران آيل ماڻهن جي پيهہ هئي ۽ ويران روڊن تي گاڏين جي اچ وڃ تيزيءَ سان وڌندي پئي وئي.

هڪ ڏينهن گل محمد ڳوٺ جي ناهموار رستي تان گاڏو پڄائيندو جيئن آيو پئي تہ سوسائٽيءَ وٽ هڪ پيٽي ٺيڪيدار هن کي هٿ ڏيئي روڪيو. اهو پيٽي ٺيڪيدار بنگلن جي شٽرنگ ۽ پرائيءَ جو ڪم ڪندو هيو. انهن ڏينهن اتي مرزا شفيق الرحمان صديقيءَ جي بنگلي جو ڪم شروع ٿيو هيو. جيڪو سٽي گورنمينٽ ۾ ڪلارڪ هيو ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ان چڱو پئسو هٿ ڪيو هيو. گل محمد گڏهہ جون واڳون ڇڪي گاڏو ٺيڪيدار پرسان روڪيو ۽ سواليا نظرن سان ان ڏانهن ڏٺو.

”اڙي پائي، موسميات وٽ گودام مان شٽرنگ جو سامان ڪڻائڻو آهي، گهڻو وٺندين؟“ ٺيڪيدار چيو.

”سائين، توهان سان ڪهڙو حساب. ڳوٺ جا پاڙيسري آهيو جيڪي ڏيو.“ گل محمد چيو.

پوءِ جڏهن گل محمد سامان کڻي سوسائٽيءَ پهتو تہ ٺيڪيدار هن کي اجرت کان گهٽ پئسا ڏنا جيڪي هن رب جو شڪر سمجهي کيسي ۾ وجهي ڇڏيا. ٺيڪيدار هن جي سادگيءَ مان ناجائز فائدو وٺڻ لاءِ پوري عمارت جي لوهہ ۽ سيمنٽ جي ڪڻائيءَ جو ڪم بہ هن جي حوالي ڪيو. يونيورسٽي روڊ تي سفاري پارڪ پرسان شيرباز جي دڪان تان هن کي ڪل ملائي ٻارنهن ٽن لوهہ ۽ سيمنٽ جا هڪ هزار ٻاچڪا ڪڻا هيا جيڪي ضرورت وقت قسطن ۾ ڍوئي اتي پهچائڻا هيا. ٺيڪيدار پنهنجي مرضيءَ مطابق اجرت طئي ڪئي جيڪا گل محمد ٿوري بحث کانپوءِ قبول ڪئي. گل محمد سوچيو گهر پرسان روزگار مليو آهي رب کان بيو ڇا گهرجي. پوءِ هو مرزا شفيق الرحمان صديقيءَ جي ٺهندڙ بنگلي تي سامان لاهي پئسا وٺي کيسي ۾ وجهي ڳوٺ وڃي، گهر ٻاهران گڏهہ ٻڌي، کٽ تي ڍڳهو ٿي سمهي پوندو هيو.

ڏينهن سدائين ساڳيا نہ هوندا آهن. گل محمد لاءِ اهو ڏينهن نياڳ کان گهٽ نہ هيو. هو شيرباز

وٽان سيمنٽ ۽ لوهه سان گاڏو پري يونيورسٽي روڊ تان پئي آيو. گاڏي ۾ ٻڌل گڏهه وزن ڪري پٺن مان پاڻ پئي ڇڏايو. اها ائين چنگهي رهي هئي جيئن ڪا مظلوم عورت چنبي ۾ قاتل وار ڇڏائيندي هجي. گل محمد پيار مان هر هر ان کي سٽر واري لٺ پئي وهائي ڪڍي. گاڏو جڏهن يونيورسٽيءَ ٻاهران نرسريءَ وٽ پهتو ته پويان ٻه شيراز ڪوچ هڪ ٻئي کان نمبر کڻڻ جي ڪوشش ۾ وچ روڊ تي ڊوڙنديون پئي آيون. ڪڏهن هڪ اڳتي پئي ٿئي ته ٻئي پوئتي ۽ ڪڏهن هڪ پوئتي پئي ٿئي ته ٻئي اڳتي. سڄو رستو ڊوڙ ۽ دونهي سان پرجي ويو. گل محمد واڳون ڇڪي گاڏي کي پاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر وٽ سان نرسريءَ جون ڪونڊيون رکيل هيون جنهن ڪري هن کي روڊ کان هيٺ لهڻ جي جاءِ نه ملي. هڪ ڪوچ اچي هن جي گاڏي پويان ٽڪرائي، گڏهه اونڌي ٿي وئي. لوهه ۽ سيمنٽ جا ٻاچڪا مٿان وري اچي گل محمد تي ڪريا. ٻئي رتورت ٿي ويا. ٻنهي ڪوچن ۾ ويٺل ماڻهن وٺي رڙيون ڪيون. ڊرائيورن بريڪ هنيا. ماڻهون هيٺ لٿا ۽ انهن ڊرائيورن کي ڳچيءَ کان جهلي مارڪٽ ڪئي. ٽريفڪ جام ٿي وئي. پوليس پهچي وئي. ٻنهي ڊرائيورن کي چالان ڪري جيل موڪليائون. گل محمد تان لوهي سيخون پري ڪري، سيمنٽ جا ٻاچڪا هٽائي ٻاهر ڪڍيائون. هن جي هڪ ٻانهن گوشت ۾ لڙڪي رهي هئي. سخت زخمي حالت ۾ هن کي اسپتال نيو ويو. گڏهه همت ڪري پاڻ اٿي بيٺي. ان جي اڳين ڄنگهه ڪر مٿان ڪٽجي چڪي هئي. گاڏو ۽ سامان سهيڙي نرسريءَ جي هڪ پاسي رکيائون. گڏهه کي پاڻي پياري ڪنڊ ۾ ويهاري ڇڏيائون.

پهچڻ شرط سرڪاري اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ گل محمد جو آپريشن ڪري ٻانهن ڪٽيائون ۽ رت جون ٻه بوتلون چاڙهي سمهاري ڇڏيائون. جڏهن هوش ۾ آيو ته شيراز ڪوچ جو مالڪ شير خان هن وٽ پهچي ويو. هن پهچڻ شرط گل محمد سان ڏک جو اظهار ڪيو.

”اوپائي صاحب، معاف ڪيو. غلطي ٿي وئي. ڊرائيور وڏا چنبا آهن. انهن کي لک دفعا منع ڪئي آهي ته گاڏيون احتياط سان هلايو. تنهنجي زخمي ٿيڻ تي افسوس آهي. جيڪو خدا کي منظور.“ هن کيسي مان نوٽ ڪڍي گل محمد کي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

”اوپائي صاحب، هي ڏهه هزار وٺ. تنهنجي علاج معالجي لاءِ آهن. خدا توکي جلد شفاياب ڪندو.“

گل محمد آلين اکين سان هن ڏانهن ڏٺو. هن هٿ هٽي پنهنجي ڪٽيل ٻانهن کي محسوس ڪيو ۽ پوءِ هڪ سڏڪو هن جي زخم مان وهندو ڄڻ بستر ۾ جذب ٿي ويو. هن جي آهه نڪري وئي.

”منهنجي گڏهه جا ڪهڙا حال آهن.“ هن سوال ڪيو.

”تنهنجي گڏهه بلڪل ٺيڪ آهي. هن کي ڄنگهه ۾ معمولي ڌڪ آهي. گهٻرائڻ جي ضرورت نه آهي. بابا هر ڳالهه ۾ الله جي مرضي آهي.“ شير خان چيو.

شير خان وڃڻ کان اڳ ڏهه هزار گل محمد کي ڏنا ۽ هن وعدو ڪيو ته هو ڪيس واپس وٺندو. ۽ ڪورٽ ۾ ڪابه دعويٰ داخل نه ڪندو. پوليس پئسا وٺي ڊرائيورن کي آزاد ڪيو ۽ هڪ بيان لکي گل محمد کان آڱوٺو هڻائي ڪيس فائيل ۾ وجهي ڇڏيو ڪيو.

هڪ هفتي کان پوءِ ايمبولينس گل محمد کي گهر ڇڏي وئي. در تي منڊي گڏهه هن جو استقبال ڪيو. شير خان پاران مليل ڏهه هزار پاڻيءَ وانگر وهي ويا. هو سڄو ڏينهن گهر ۾ ڇپگل کٽ تي ليٽيو پيو هوندو هيو هو. هر هر هٿ هٽي پنهنجي ڪٽيل ٻانهن کي محسوس ڪري مايوس ٿي ويندو هيو ۽ پوءِ در ٻاهران بيٺل منڊي گڏهه کي ڏسي دلگير ٿي ويندو هيو. هو گڏهه جي اکين ۾ ڏسي محسوس ڪندو هيو ڄڻ اتي بک جا ڳوڙها لڪيل هجن ۽ هو بي وسيءَ جا لڙڪ لاڙي اندر وڃي وري سمهي پوندو هيو. وقت سان هن جي ڏاڙهي جا وار وڏا ٿي ويا. جسم تي پاتل ڪپڙا پراڻا ٿي ڦاٽي پيا. هو گهر کان ٻاهر نڪري آهستي هلندو روڊ تي اچي بيٺو. پريان يارهن سي بس اچي رهي هئي. هو همت ڪري هڪ هٿ وجهي بس ۾ چڙهي ويو ۽ پوءِ هن اتي ويٺل ماڻهن کي پنهنجي ڪٽيل ٻانهن ڏيکاري پنڻ شروع ڪيو.

"سائين، ڪڏهن مان توهان وانگر چاڪ چڱو ڀلو هيس. گاڏو هلائيندو هيس. عزت جي روزي ڪمائيندو هيس. يونيورسٽي روڊ تي منهنجي گاڏي سان حادثو پيش آيو. ٻانهن ڪٽجي ويئي. معذور ٿي پيس، ڪمائڻ لائق نه آهيان. منهنجي مدد ڪندا. الله توهان جو ڀلو ڪندو." بس ۾ ڪنهن گهٽ وڌ ڳالهايس. ڪنهن روپيو ٻه روپيا ڏنس. ڪنڊيڪٽر بس ۾ سوڙهه هجڻ ڪري جلدي لاهي ٻاهر ڦٽو ڪيس. شام جو جڏهن گهر موٽيو ته پاسي واري ڪيسي ۾ ڪردو ڪڙڪي رهيو هيس. هن راجپوت پڪوان وٽان پنهنجي لاءِ برياني ورتي ۽ گڏهه لاءِ سرائيڪي چارا هائوس تان ڪڙٻ جي ڪتر ورتي. ان رات گهڻن ڏينهن کانپوءِ گڏهه ڀو ڪري. پيچ سان مکيون هڪليون ۽ گل محمد برياني کائي ننڊ ۾ اوڳرايون ڏنيون. پوءِ هو روز يارنهن سي بس ۾ چڙهي ماڻهن کي پنهنجي ڪٽيل ٻانهن ڏيکاري خيرات گهرندو هيو ۽ هن جي گڏهه هن کي دعائون ڏيندي هئي.

اهو شام جو وقت هيو جڏهن اجان سج نه لٿو هيو. وڏين عمارتن جا پاڇا ڊگها ٿي هرشيءِ مٿان حاوي ٿيڻ وارا هيا. گل محمد جيئن ڳوٺ پهتو ته هن جي حيرت جي انتها نه رهي. هن ڏٺو اتي هن جو ڳوٺ نه هيو. هر طرف ڊٺل جاين جا ڍير هيا. ماڻهو پنهنجج ڀڳل سامان ڳولهي هڪ طرف رکي رهيا هيا. ٻار روئي رهيا هيا ۽ عورتون پٽي رهيون هيون. هو هلندو پنهنجي جاءِ اڳيان اچي بيٺو. هن ڏٺو سندس جاءِ جو ڪو وجود نه هيو. ڀڳل بلاڪن هيٺان ڇپگل کٽ ائين ڏسجي رهي هئي جيئن اتي زخمي وجود پيل هجي. گڏهه جو نانءُ نشان نه هيو. هن جي هٿ مان ڪترجي ٿيلهي ڇڏائجي هيٺ ڪري پئي ۽ ورتل گرم برياني هٿ کي يخ ٿڌي محسوس ٿيڻ لڳي. هن هيڏانهن هوڏانهن گڏهه کي ڳولهيو پر اها نه ملي. هو مايوس ٿي وري گهرجي ڍير مٿان آيو ۽ ڀڳل سامان گڏ ڪرڻ لڳو. ٻئي سامان سان گڏ ڍير مان شهيد راڻيءَ جي تصوير نڪتي، جيڪا هن ڪمري جي پٽ تي هنئي هئي. شهيد راڻيءَ جي تصوير ٻاهر ڪيڍي اتي پيل ميري ڪپڙي سان اگهي ۽ پوءِ هن عزت سان پنهنجي ڀڳل سامان ۾ رکي ڇڏي.

جڏهن رات ٿيڻ واري هئي ته ڪامريڊ برڪت ٻاغي پنهنجن ڪجهه ساٿين سان اتي آيو ۽ ان ماڻهن کي گڏ ڪري هڪ جذباتي تقرير ڪئي. "آخر ڪيسين اسان جا قديم تاريخي ڳوٺ ائين

ڏرتيءَ تان مليا ميٽ ڪيا ويندا؟ ڏرتيءَ جي وارثن کي لاوارث ڪيو ويندو؟ ڪيسين ماڳ مڪان ڏارين حوالي ڪري بي گهر ڪيو ويندو؟ مان شهري حڪومت جي اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري عوامي حڪومت کان مطالبو ٿو ڪريان تہ اها هر اهڙي عمل کان پاسو ڪري جنهن سان مقامي ماڻهن جو استحصال ٿئي. ماڻهن ووٽ ان لاءِ نہ ڏنا آهن تہ حڪومت پاڻ بچائڻ لاءِ دهشت گردن جو ساٿ ڏئي سڪون سان راڄ ڪري.“

برڪت باغيءَ جي تقرير تي ڪجهہ نوجوان جذباتي ٿي ويا. انهن شهري حڪومت خلاف نعري بازي شروع ڪري ڏني. برڪت باغي ڳوٺ جي جوشيلن کي ساڻ ڪري صفورا چورنگيءَ تي آيو. ٽائرن کي ساڙيو ويو برڪت باغيءَ هڪ ننڍڙي سوزوڪي ڪار کي روڪي ور مان پيٽرول جي بوتل ٻاهر ڪڍي.ان کان اڳ جو اهو ڪار کي باهہ ڏئي. سوزوڪيءَ ۾ ويٺل همراهہ ٻاهر نڪري هٿ ٻڌي بيهي رهيو.

”بابا مان توهان جو ماڻهو. پير بخش پنهور. ٺٽي آدم جو. سنڌ سيڪريٽريٽ جو سيڪشن آفيسر. گاڏي وري منهنجي ٿا ساڙيو؟“ ان عرض ڪندي چيو.

”حڪومت جو ساٿاري آن...“ برڪت باغيءَ چيو ”نہ ڇڏيندو سانءِ.“

پوءِ باغيءَ شعر پڙهيو.

”مون پڪ سڃاتا پنهنجا ها، ڌارين سان گڏ ڌاڙي ۾.“

هن پيٽرول جي بوتل گاڏيءَ اندر هاري، تيلي ٻاري باهہ ڏني. گاڏيءَ کي باهہ وڪوڙي وئي. پير محمد پنهور منهن مٿو پٽيندو پاسي ٿي ويو. پوليس آئي. ڳوڙها گيس جا گولا هليا. هوائي فائرنگ ٿي. خبر نہ پئي تہ گولي زوڪٽ ڪندي هڪ نوجوان جي سيني کي چيريندي هلي وئي. نوجوان روڊ تي ڪري تڙپڻ لڳو. ان جو رت ريڙهيون ڏيندو ڪليل گٽر ۾ ڪرڻ لڳو. نوجوان روڊ تي راجپوت پڪوان جي تنور مان نڪتل، گراهڪ جي انتظام ۾ رکيل مانيءَ جيان ٿڌو ٿي ويو. ڳالهہ زور وٺي وئي، نوجوان جا وارث لاش مٿان سينو ڪٽي روئڻ لڳا. لاش کي وچ روڊ تي رکي ڌرڻو هنيو ويو. روڊ رستا بند ٿي ويا. پوليس هجوم کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. ڪجهہ ڪلاڪن کانپوءِ حڪومت جو نمائندو پهچي ويو. ان پهچڻ شرط مري ويل جي وارثن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو. برڪت باغيءَ ڪجهہ ساٿين کي ساڻ ڪري نعري بازي ڪئي،

”ظالمو جواب ڏيو. خون جو حساب ڏيو.“

حڪومت جي نمائندي کيسي ۾ هٿ وجهي چيڪ بوڪ ڪڍيو. ٿوري ڏي وٺ کانپوءِ مري ويل جي وارثن لاءِ برڪت باغيءَ ٻن لکن جي امداد جو چيڪ وصول ڪيو. ماڻهو ڏاڍا ٿڪيل ۽ بي حال هيا. انهن جا گهر ڊهي چڪا هيا. ۽ واپس وڃڻ جا سڀ رستا بند ٿي چڪا هيا.

”توهان سيني کي مان پناهہ ڏيندس.“ برڪت باغيءَ چيو. ”مون سان گڏ هلو... توهان جي رهڻ جو بندوبست مان ڪندس.“

هن هڪ ترڪ آندي ۽ ڳوٺ وارن کي پڳل سامان سميت ڪٽي گلستان جوهر جي پهلوان ڳوٺ وٽ هڪ خالي پلاٽ ۾ آباد ڪيو. سيني پنهنجا پراڻا ڦاٽل ڪپڙا ميڙي چوندي ڪائين سان ٻڌي جهوپڙيون ٺاهيون. صبح جي سج ايرڻ کان اڳ هڪ وڏي ايراضيءَ تي جهوپڙيون ٺهي ويون. گل محمد پاڻ سان آندل پراڻيون رلهيون ۽ چادرون ڏئي لڪڻ جي جاءِ ٺاهي ورتي. هن کي هر هر پنهنجي گم ٿيل گڏهه جو خيال پئي آيو. هو سوچي رهيو هيو. خبر نه آهي اها ڪيڏانهن هلي وئي؟ اها ڪهڙي حال ۾ هوندي؟ داڻو پاڻي نصيب ٿيو هوندس الائي نه؟ هو سوچيندو ويو ۽ هڙ مان پنهنجو پڳل سامان ڪڍي جاچيندو ويو. صبح سان برڪت باغي انهن وٽ آيو ۽ چيائين.

”جيڪڏهن توهان کان ڪو جهوپڙين جو قبضو ڇڏرائڻ اچي ته ان کي ٻڌائجو توهان برڪت باغيءَ جا ماڻهو آهيو. پوءِ به نه مڙي نه هڪدم مونکي اطلاع ڏجو ته اچي ان کي سڌو ڪيان.“

برڪت باغيءَ جي وڃڻ کانپوءِ هر ڪنهن کي ڏنڊي ڏاڙيءَ جي لڳي. گل محمد پهلوان ڳوٺ کان صفورا چورنگي پهچي وري يارهن سي بس ۾ چڙهي خيرات گهرڻ شروع ڪئي. هو وري زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ شامل ٿي ويو. هن جي اندر ۾ صرف هڪ پريشاني هئي. هو هر وقت پنهنجي وڃائجي ويل گڏهه کي ياد ڪري پيو ٿڌا ساهه ڀريندو هيو. هن صفورا چورنگيءَ جي آسپاس روڊن تي گهمي گهڻا دفعا ان کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي پر اها هن کي ڪٿي نظر نه آئي.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ اتي رهندڙ ماڻهن کي خبر پئي ته ايراضيءَ تي قبضو ڇڏائڻ لاءِ برڪت باغيءَ کي آڇ ٿي آهي، پر برڪت باغيءَ هڪ وڏي رقم جي گهر ڪئي آهي. اها خبر ٻڌڻ شرط هر ڪو پاڻ کي لاوارث سمجهڻ لڳو ۽ مايوس ٿي مٽي کي هٿ ڏئي ويهي رهيو.

بس ۾ پنندي هڪ دفعي گل محمد جي نظرمنديءِ گڏهه تي پئجي وئي. جوهر ڪامپليڪس سامهون ڪنڊيءَ جي وٽن سان چار پنج عبدالله ڳوٺ جا افغاني گڏهه کي ڇهبڪ هڻندا ڊيڪائيندا، گڏهه تي ٽپا ڏئي لهندا چڙهندا پاڻ ۾ مذاق ڪندا ۽ وڏا ٽهڪ ڏيندا پئي آيا. اهو ڏسي ڪاوڙ مان گل محمد جو منهن ٽامو ٿي ويو. گل محمد زندگي ۾ ڪڏهن نه وڙهيو هيو. هن صبر ۽ شڪر سان وقت گذاريو هيو. هن جي ٻانهن ڪنجي وئي. هن جو ڳوٺ مليا ميٽ ٿي ويو. هن جو گهر مٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو. قبضي مافيا هن کي غلط استعمال ڪيو. هن ڪو احتجاج نه ڪيو. پر پنهنجي گڏهه جي تذليل ٿيندو ڏسي هن جي منهن ۾ رت ڀرجي آيو. هو بس بيهاري هيٺ لهي، هڪ هٿ سان لٺ سڌي ڪري وڃي افغانين تي ڪڙڪيو. هڪ ٻن کي چيلهه واريون وهائي ڪڍيائين. هڪ افغانيءَ پٿر کڻي مٽي ۾ هينس. هن جي نرڙ مان رت وهندو اکين ۾ اچي پيو. هن هٿ هڻي رت اگهيو. ٻيو افغاني ڊڪندو هن جي چيلهه ۾ اچي وچڙيو. هن هٿ ۾ جهليل لٺ جو ڳن وات ۾ وهائي ڪڍيس.

ماڻهو وچ ۾ پيا ۽ افغانين کي ڇنڊ پٽي پري ڪيائون.

”اڙي شرم نه ٿو اچيوَ اپاهج فقير سان ٽا وڙهو.“

افغاني ڪاوڙ ۾ ٽڪون اڇلائيندا هليا ويا. ۽ هن وڃي گڏهه کي ڪن ۾ هٿ وڌو. ڪاوڙ ۾ هڪ

لٽ گڏهه کي ٻه وهائي ڪڍيائين.

”رن رلي مئي آن.“ هن چيو ۽ گڏهه مالڪ کي سجاٽي چپ مٿي ڪري ڏند ڪڍڻ لڳي. پوءِ هن جي من ۾ پيار پرجي آيو ۽ هو گڏهه جي مٿي تي ائين هٿ ڦيرڻ لڳو جيئن ڪو نياڻيءَ کي پيار ڪندو آهي.

”مان ايڏو ٻه بي غيرت نه آهيان جو توکي وساري ڇڏيان.“ هن اکين جا ڳوڙها اگهندي چيو.

هن رسو ڳولهي گڏهه جي ڳچيءَ ۾ وڌو ۽ گڏهه ڪنهن حيادار عورت جيان ڪنڌ هيٺ ڪري منڊ ڪائيندي هن پويان هلڻ لڳي.

***

آزار

هڏن کهڙو ذائقو
هِڏن ناهي
سَتُ
پنهنجي زخمي
وات جو،
ڪتو چوسي
رَتُ.

هن کي پيشاب لڳو هيو. هڪ عجيب بي چيني محسوس ڪري رهيو هيو. ائين پئي لڳس ڄڻ مغز سُن ٿي ويو هجيس. ڊڪيو پئي ته ڊڪي نه پئي سگهيو. گهميو پئي ته بانبڙا پئي پاتائين. هو آهستي هلندو اسپتال جي در وٽ پهتو. جڏهن چانٺ ٽپيو ته جسم ۾ سيون لڳندي محسوس ڪيائين. ماڻهن جي هجوم کي چيريندو هلندو ويو. هر طرف آهون بلند ٿي رهيون هيون. ماڻهون ڇچريل وجودن سان فرش تي ريڙهيون پائي رهيا هيا.

”جسم کي ڪنڊو پوندو.“ ڪٿان ڪو آواز آيو.

”وجود کي ڊاهڻ جي قيمت. وجود کي ٺاهڻ جي قيمت... توکي ادا ڪرڻيون پونديون.“

هو تيز هلندو ڪرندو اٿندو پيشاب خانو ڳولهڻ لڳو. هن جا نرا سڄي ويا هيا. هو تيزيءَ سان اسپتال جي وارڊن ۽ ورانڊن ۾ ڊوڙڻ لڳو. هر هنڌ هجوم هيو. ڪٿي ڪا جاءِ خالي نه هئي. هن جو پيشاب نڪرڻ وارو هيو. هو ڊوڙڻ لڳو. هن محسوس ڪيو تيز ڊوڙڻ باوجود هو اڳتي نه وڌي رهيو آهي. هن کي سور محسوس ٿيڻ لڳو. هن جا نرا ناسور جي ڳوڙهين جيان لڙڪي رهيا هيا. آپريشن ٿيٽر جو سيڪڙات ڊاڪٽر هن جي پرسان لنگهيو. ان جي نوڙهه جي پاسن کان ڏگها وار هيٺ وهي رهيا هيا. هن پيشاب وهندي محسوس ڪيو. سڀ پيشاب خانا پريل هيا. ماڻهو اگهاڙن پيرن سان پيشاب خانن ۾ بيٺل هيا. ڪا جاءِ خالي نه هئي. هن جي همت جواب ڏئي وئي. هو هلندو هڪ ڪنڊ وٽ پهتو نه چاهيندي به هن پيشاب ڪرڻ شروع ڪيو. پيشاب جيڪو هڪ ليڪ جيان هيو. ليڪ جيڪا ڏگهي ٿيندي وئي. ليڪ جيڪا ڏنگي ڦڏي ٿي لفظن ۾ تبديل ٿي وئي. لفظ جيڪي ڄڻ وات مان نڪري رهيا هيا. لفظ جيڪي ڳالهائي رهيا هيا. جن ۾ صدائون هيون. آهون هيون. ليڪ جيڪا ڏگهي ٿيندي هيٺ فرش تي نانگ جيان رڙهندي اڳتي وڌي هلڻ لڳي. اها وارڊن، ورانڊن، آفيسن ۽ انتظار گاهن مان لنگهيندي، پئي وئي. جنهن ۾ لحظا، منٽ، ڪلاڪ، ڏينهن، رات، مهينا، سال، ۽

صديون سيخ ۾ ٽانڊن تي رکيل گوشت جي ٻوٽين جهڙا هيا. ليڪ جي ڏار جنهن جي تک ٻوڏ جيان هئي، جنهن ۾ ڦيٿن واريون ڪرسيون، لوهي پلنگ، ڪينچيون، چاقو، آڪسيجن جا سلينڊر ۽ رت جون بوتلون لڙهنديون پئي ويون.

وهندڙ پيشاب ڪري هن کي سڪون محسوس نہ ٿئي رهيو هيو. هن جي نرن جي سوڄ وڌندي پئي وئي. هو پريشان ٿي ويو. سڪون جي ڳولا ۾ پڇندو اڳتي وڌڻ لڳو. هن هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ شروع ڪيو. ڪٿي ڪابہ پناهگاهہ نہ هئي. هو تيز ڊڪڻ لڳو. هن جا قدم ڏرتيءَ کان مٿي ٿي ويا. هن پنهنجو وجود مٿي کڄندو محسوس ڪيو. هو پکيءَ ۾ تبديل ٿي ويو هن ڏٺو هن جي چوڌاري هزارين ڪاغذ اڏامي رهيا هيا. سڀ ڪاغذ پکين ۾ تبديل ٿي ويا. جن جي پرن تي ڪارا چٽ هيا. هر چٽ ۾ هڪ تصوير هئي. معذورن جون تصويرون. اڏامندڙ دونهين جون تصويرون. تباهہ ٿيل عمارتن جو تصويرون. باهہ ۾ سڙيل انسانن جون تصويرون. آپگهاتي دهشت گردن جي منڊين جون تصويرون. تباهہ ٿيل گاڏين جون تصويرون. هزارين لکين لامحدود تصويرون. اهي سڀ ڪنهن واچوڙي ۾ تبديل ٿي ويون. هن جو وجود وڪڙ کائيندو مٿي بلند ٿيندو ويو. ناسي جهڙ هيٺان هن هٿ هٽي محسوس ڪيو. جهڙ آسمان جي اک مان وهي رهيو هيو. هڪ وسيع اک جيڪا اوپر کان اولهہ تائين ڦهليل هئي ۽ اک ۾ پيلي سج جو گول تارو جنهن مان باهہ جا اُلا ڪر ڪٽي لهرائي رهيا هيا. پوءِ جهڙ ڳوڙهن ۾ تبديل ٿي ويو. لکين ڳوڙها ڌرتيءَ تي ڪري وهڻ لڳا. هن محسوس ڪيو هن جو پيشاب وهي رهيو آهي. هن جا نرا جهڙ جهڙا آهن. هو آپگهاتي بمبار آهي. هن جي نرن وٽ بم ٻڌل آهي. هو ڦاٽندو ۽ ذرا ذرا ٿي آسمان ۾ اٽڪي پوندو. رات جي اوندهہ ۾ هن جا ذرا آسمان ۾ اٽڪي پوندا. ۽ اهي پيشاب جي قطرن جيان چمڪڻ لڳندا. هن پنهنجا ٻئي هٿ نرن تي رکي ڇڏيا. سور کان هن جي ڪنن ۾ سيٽيون وڄڻ لڳيون. هن جي نس نس پيشاب سان ڀريل هئي. هن جي وجود اندر پيشاب رڳن ۾ روڊن تي تيز گاڏين جيان ڊوڙي رهيو هيو. هن جي وجود ۾ هر طرف گاڏيون ڊوڙي رهيون هيون. هزارين هارن وڄي رهيا هيا. روڊن تي گپ هئي. رستا پڳل هيا. سوين گاڏيون ماڻهن سان ائين سٽيل هيون جيئن هن جي نرن ۾ پيشاب ڦاٿل هيو. گاڏيون وزن ڪري سور کان چيچلائي رهيون هيون. ماڻهو گاڏين مان پيشاب جيان وهڻ وارا هيا. پيٽ ۾ ماڻهن جي بدن ۾ بوءِ هئي. انهن جي جسم مان پگهر هيٺ ڳڙندو سٿرن تي وهي رهيو هيو. اهي دانهين رهيا هيا.

”اڙي ڪتي جا پٽ. او حرامي، گاڏي تيز هلاءِ“

ماڻهو هٿن سان گاڏيءَ کي ڌَڪ هٽي رهيا هيا. ڊرائيور سامهون لڳل آئيني ۾ ڏسي کلي رهيو هيو. ان جا ٿهڪ ڏينهن جيان ماڻهن مٿان پون پون ڪري رهيا هيا. ماڻهن کي بس جي پائيپ ۾ لڙڪندڙ ٻانهن تي ڏنگ محسوس ٿي رهيا هيا. اهي سجنديون ڦاٽڻ لڳيون. انهن ۾ پيشاب جهڙو زهر ڀريل هيو. روڊ تي اوچتو ٽريفڪ جام ٿي وئي. هن جا نرا سڄي ويا. هن جو پيشاب وهي ويو. اهو وهندو هڪ ڊگهي ليڪ ۾ روڊن تي اڳتي وڌندو ويو. ماڻهن جي پراڻن بوٽن هيٺان. فٽ پاٿ تي پيل آنڊن پرسان

ڪانئي ۾ تنگيل ڍڳي جي ڪٽيل ران هيئان. اها ڏکي ليڪ ڪليل ڳٽر ۾ ٻار جيان ڪري پئي. ماڻهن ٻار جو لاش ڪڍي روڊ تي رکيو. اهو لڪير ۾ بدلجي ويو. لڪير ڏکي ٿيندي اڳتي وڌندي نيٽي جيٽيءَ جي پل وٽ پهچي خودڪشي ڪري ڇڏي.

ماڻهو پل تي بيهي پيٽ مان اٿو ڪڍي هيٺ سمنڊ ۾ اڇلائي رهيا هيا. مڇيون ڪائي انهن جي پيٽ ڪي دعا ڪري رهيون هيون. ماڻهو پنهنجا ڦڦڙ ڪڍي پل مٿان اڏامندڙ هِلين ڏانهن اڇلائي رهيا هيا. هليون هوائي جهازن جيان گهٽ هٽي ڦڦڙن تي حملو ڪري رهيون هيون. افغاني ڇوڪري جي ٿالهه ۾ جهليل ڦڦڙن جا ٽڪر ساهه ڪٽي رهيا هيا. سمنڊ جي وير چڙهندي وئي. سمنڊ جي وچ ۾ نظر ايندڙ ڏٻڻ پاٽيءَ سان ڍڪجي وئي. تمر جا وڻ ٻڏي ويا هن محسوس ڪيو هن جا نرا ماشڪيءَ جي پکال جيان سجي مٽل ڍور جي پيٽ جهڙا ٿي ويا آهن. هن نہ برداشت ٿيندڙ درد محسوس ڪيو. ٽٽل دل جي سور کان بہ وڌو درد. هن جي دل ڳاڙهي شربت جي ڀريل گلاس جيان هئي. شربت جو گلاس جيڪو چپن تائين ايندي ڪنهن جي هٿن مان ڪري ذرا ذرا ٿي ويو هجي. هن جي محبوبا جيڪا هن جي وفا جي ٻيڙيءَ مان سمنڊ جي ڏٻڻ ڪي ڪنارو سمجهي هيٺ لهي بيهي رهي. ان جي ڪپڙن تي تمر جي ساون ٻوٽن جهڙا نشان هيا. سمنڊ جي وير وڌي رهي هئي ۽ پورو سمنڊ هن جي نرن ۾ سمائجي ويو. هو ايرندڙ وير کان رڙيون ڪري روئڻ لڳو. هر هنڌ پيشاب خانن جا در بند هيا. ماڪوڙين جون ڏکيون قطارون ڇڻ مينهن وسڻ کان اڳ پناهگاهه جي در وٽ بيٺل هيون. ڪولين جي هٿن ۾ درخواستون هيون. اهي در کلڻ جي انتظار ۾ ڪاري ڏاڪي ۾ تبديل ٿي ويون. اهي بي وس هيون. ڪوليون پيرن هيٺان لتاڙجي رهيون هيون. ڪوليون ڪمزور هيون. هو بہ درخواست جهلي بيٺل ڪول هيو. هن ڪي اهڙي نوڪريءَ جي ڳولها هئي جنهن ۾ هو پيشاب ڪري سگهي. چور دروازي کان پيشاب خانو کليل هيو. جمعدار پئسا وٺي فارغ ڪري رهيو هيو. هن وٽ پئسا نہ هيا.

”اڙي جمعدار رحم ڪر.“ هن چيو ”پيشاب خاني جو در کول... هاڻي حد ٿي وئي... ڳالهه برداشت کان ٻاهر آهي.“

جمعدار هن ڪي چور دروازي ڏي اشارو ڪيو. هن ان ڪي نرا ڏيکاريا. هن جو پيشاب وهڻ لڳو. هن جو سڪون ختم ٿي ويو. هو سڪون جي ڳولها ۾ ڊوڙڻ لڳو. هن ڪي ڪٿي بہ سڪون نظر نہ آيو. هن سوچيو ڌرتيءَ تي ڪٿي بہ سڪون نہ آهي. سڪون ڪي ڳولهڻ سڪون وڃائڻ آهي.

هو ڊڪي رهيو هيو. هن جون ڄنگهون تيز حرڪت ڪري رهيون هيون. هو محسوس ڪري رهيو هيو ڌرتي هڪ هنڌ بيٺل آهي، اها هن جي قدمن هيٺان پوئتي نہ لنگهي رهي آهي. هو هيٺ ويهي رهيو. ڌرتي گول ڦرڻ لڳي. ڌرتيءَ جي گردش ڪري موجود سڀ شيون هڪ ٻئي ۾ ملي گم ٿي ويون. اتي هُن جي چوڌاري دائرا هيا. هن جو وجود هڪ مرڪز جيان هيو جنهن ۾ دائرن جون سڀ لڪيرون اوتجي رهيون هيون. هن جو وجود پاٽيءَ جي ڏار ۾ وهنجي رهيو هيو. هو پاڻ ڪي هيڻو ۽ ڪمزور محسوس ڪري رهيو هيو.

“پريشانيون ڪمزورين کي جنم ڏين ٿيون.” ڪنهن هن جي ڪن ۾ پِڙڪو ڪيو.

“مان ڏاڍو پريشان آهيان.” هن چيو.

“پريشانين مان ڇوٽڪارو ڪمزورين تي ضابطي سان حاصل ٿئي ٿو.”

“اهو ڪيئن؟” هن چيو.

“ڪمزورين کي قابو ڪرڻ لاءِ توکي ڏاڍو ڪمزور ٿيڻو پوندو. هٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا... ڪنڌ نوائڻو پوندو.”

هو ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو. هن جي وهندڙ پيشاب ڪري عدالت جو ڪمرو خراب ٿي ويو. جج ڪرسي ڇڏي ڀڄي ويو. پرسان بيٺل سرڪاري وڪيل تشويش ۾ مبتلا ٿي ويو. هو سزا جو مستحق ٿي ويو. هن کي اگهاڙو ڪري ٿاڌي ۾ ٿڌي فرش تي اونڌو سمهاري ڪو ڦٽڪا وهائي رهيو هيو. چيلهه تي لڳندڙ ڦٽڪن ڪري هن کي ڏاڍو سڪون محسوس ٿي رهيو هيو. هو هر ڦٽڪي تي فرحت مان هڪ آهه ڀري رهيو هيو. سڪون کان هر هر هن جون اکيون بند پئي ٿي ويون. ڪو هن کي بيهوش سمجهي پاڻيءَ جو گلاس ڇپن تي رکي رهيو هيو. هن منهن ڀري ڪري ڇڏيو.

“منهنجو مسئلو پيئڻ نه پيشاب ڪرڻ آهي... مون کي پيشاب ڪرڻ ڏيو... مان مري رهيو آهيان... مان ڏاڍو ڪمزور آهيان... مان ڏاڍو پريشان آهيان.”

ٻن سپاهين هن کي ٻانهن کان وٺي پيشاب خاني ۾ اڇلايو. هن پيشاب ڪرڻ شروع ڪيو. اڻ کٽ پيشاب... لامحدود پيشاب... لامڪان پيشاب... لافاني پيشاب... پيشاب جيڪو بي انت هيو... جنهن جي نه ڪا ابتدا هئي نه ڪا انتها... پيشاب جيڪو امر هيو.. جنهن کي جاري رهڻو هيو.

هو ان رات سوير سمهيو هيو. ڏينهن جو نوڪريءَ جي ڳولها ۾ شهر مان ڀٽڪي سانجهيءَ جو موٽيو هيو. ڏاڍو ٿڪيل هيو. بک تي پاڻي پي سمهيو هيو. ٿڪ کان هن جي اک نه پئي کلي. هو اٿيو- تيز ڪائيندو اکيون مهٽيندو پيشاب خاني جو درکولي اندر هليو ويو.

***

سونو ڏند

حياتي پڳ جيان آهي،
ماڻهوءَ جي مٿي تي ويڙهيل.
ڪنهن جي ننڍي،
ڪنهن جي وڏي.
ڪنهن جي اجري،
ڪنهن جي ميري.
۽ ان جي پاندَ سان،
هرڪو اگهي ٿو،
زندگيءَ جا ڳوڙها.

تن ڏينهن سکر ۽ شڪارپور وچ ۾ پڪو رستو نہ هيو. ماڻهوءَ گهٽ سفر ڪندا هيا. هرڪو ڳوٺن تائين محدود هيو. پنهنجي حد اندر وسيلن ڪي ڪتب آڻي پورت ڪندو هيو. ڏيتي ليتيءَ جا ايڏا ذريعا نہ هيا ۽ سڀ ڪو پنهنجي حال ۾ خوش رهڻ جي ڪوشش ڪندو هيو.

چيٽ ۾ نظرپور چوڌاري سرنهن جا فصل ايڏا پِلا ٿيندا هيا جو پورو ڳوٺ چڻ گلن جي ٻوڏ ۾ ويڙهيل نظر ايندو هيو. آڙين جا ولر ڳوٺ ٻاهران ڍنڍين تي لهندا ۽ اڏامندا هيا. ڪنب جي ڪنارن تي نرم مٽيءَ ۾ ٽُٻٽيون ڪڏ ڪوڏي آنن تي آرو ڪنديون هيون ۽ ڪٻڙن تي رنگبرنگي پنپورين جا ڪٽڪ لامارا ڏيندا هيا. سانوڻ ۾ پاڻيءَ جو وڏو زور هوندو هيو. ڪا خبر نہ پوندي هئي تہ ٻوڏ اچي ڪڙڪو ڪندي هئي. ۽ پاڻ سان سڀ وهائي ويندي هئي. چانور جام ٿيندا هيا ۽ ڍُبن ۾ ڪُرڙيون ترندي نظر اينديون هيون.

ربڏني جو گهر ڳوٺ جي اتر پاسي ڪنب جي ڪناري هيو. چڱو وڏو گهر هيو جنهن ۾ هڪ پاسي ڪچين ليپو ڏنل پٽين تي شهتير رکيل چار ڪوٺيون هيون. ۽ انهن اڳيان ونگ وارن ڪليل درن تي ٿهيل دالو هيو. پري تائين پڌر هيو جنهن جون حدون هڪ ننڍي اوڏڪي پٽ ۽ ڍينگرن جا ڍير هيا. ڪليل در وٽ ٻہ ڪتا پنهنجين اڳين ڄنگهن تي منهن رکي ستل هوندا هيا. هڪ ڪوٺيءَ ۾ ڇڄل واڻ واريءَ کٽ تي نابين پوڙهي ويٺل هوندي هئي. ٻئي پاسي ٻن ڪمرن اڳيان آڏاٽان رکيل هوندا هيا جن جي سٽ جون تانيون اڳڻ جي اڌ تائين ڦهليل هونديون هيون.

رب ڏني کي رب سٺو روزگار ڏنو هيو. آڏاٽن مان آمدني ٿيندي هئي ۽ زمينن مان ايترو اناج ملندو هيو جو اهو پوري سال لاءِ ڪافي هوندو هيو. هن بچت ڪري ٿورا ڏوڪڙ پڻ ڪٺا ڪيا هيا جيڪي هن کي وڏي پٽ جي طهر تي خرچ ڪرڻا هيا. هن کي ٻه پٽ هيا. هڪ ننڍو جيڪو اڃان ماءُ جي ٿڃن تي هيو. ۽ ٻيو جيڪو پورن ڇهن سالن جو ٿي چڪو هيو. هن جي خواهش هئي ته ٻنهي جا طهر ساڳي ڏينهن تي ٿين. پر حڪيم هادن هن کي صلاح ڏني، "ننڍي جو نه وڏي جو طهر ڪراءِ. ننڍي جي ڪل وقت سان وڏي ٿي ويندي ۽ ڪو فائدو نه ٿيندو."

ربڏني کي حڪيم جي ڳالهه ۾ وزن نظر آيو.

"سچ چوين ٿو حڪيم هادن." ربڏني چيو "پئسا هٿن جي مَرُ آهن. وري ٿيا ته ڏسنداسين. اڄايو تڪڙ جو ڪهڙو ضرور آهي."

حڪيم هادن نظرپور جو نالي وارو جراح هيو. هر هنڌ هن جي هاڪ هئي. پوري تڪ جا طهر هو ڪندو هيو. انبن جي مند ۾ جڏهن ٻارن کي ڳاڙهيون ڦوڙهيون نڪرنديون هيون ته حڪيم هادن ڪانيءَ ۾ پَٽ ڦاسائي ٻار کي ٽڪو ڏئي گند ٻاهر ڪڍي ڦوٽل ڇيڪي مٿي وجهي مٿان اڳڙي ٻڌندو هيو. ٻار سور کان ڏرتيءَ تي ليٽڙيون پائي روئندو هيو. ۽ حڪيم هادن ڪيسي مان جَنوَر جي ٽڪي ڪڍي ٻار جي وات ۾ وجهندو هيو. هو نم جي ڪانيءَ تي ڪپهه ويڙهي ڪٽيل ڦودني ۾ ٻوڙي پوڙهن کي وات ۾ وجهي انهن جا ڪاڪڙا ڪٽندو هيو ۽ سمنڊ ڦيڻ جي ناس وجهندو هيو. هن جي گهر واري ٽامي جي ٿانءَ ۾ تلسي رکي ان کي دکائي دونهي مٿان هڪ پاٽ رکندي هئي جنهن جي پاسي کان سوراخ هوندو هيو. هوءَ ان ۾ نڙ وجهي دونهون ٻار جي ڪن ۾ وجهندي هئي. ٻار ماءُ جي هنج ۾ رڙيون ڪندا هيا. ۽ پوءِ جڏهن اها نڙ هٽائي پاٽ مٿي ڪندي هئي ته سڙيل تلسيءَ ۾ جيئرا جيت ڦٽڪندي نظر ايندا هيا. جيترا جيت نڪرندا هيا اوترا پئسا وٺندي هئي.

هڪ سياري جڏهن ڇڻا مٽر جام ٿيا ۽ سرنهن سان هر شيءِ واسجي وئي. ربڏني فيصلو ڪيو ته هو وڏو پٽ طهرائي اڌ وزن هلڪو ڪندو. سياري ۾ ڪپڙو ٻه ڪافي وڪاميون هيو جنهن ڪري هن جي آڏاٽن جي آمدني ڪونيءَ جي ڪنڊ ۾ پوريل پانڌاري جي پيرجڻ ڪانپوءِ ٻه بچي پئي هئي. هو هڪ ڏينهن صبح جو سوير اٿيو. هن پٽ ۾ بينل برمي هينيان ويهي گرم پاٽيءَ ۾ ٽٻي ڏئي، سائي اڇي ڪِناريءَ واري گوڏ ٻڌي نيري رنگ جي ڪالر واري قميص پائي مٿي تي پڳ ويڙهي ۽ پيرن ۾ زين تي ٿهيل ونگوڙيدار جتي وجهي هن پٽ ۾ مٿيءَ سان ليپ ڏنل آئيني اڳيان بيهي جڏهن ڦٽي ڏني ته خوشيءَ کان هن کي پنهنجيون پوريون اکيون چمڪندي محسوس ٿيون. هن هٿ هٽي پنهنجن ڪنن ۾ لڙڪندڙ سونين والين کي مهٽي صاف ڪيو. هو جڏهن گهر کان نڪري کهيءَ وٽ پهتو ته ٽانگي وارو تيار بيٺو هيو. ان ربڏني جي ويهڻ سان وٺي گهوڙو پڄايو. ناهموار رستي تي ٽانگو ائين هيٺ مٿي ٿي هلڻ لڳو جڻ ان جا ڦيٿا ننڍا وڏا هجن. جڏهن ٽانگو سکر پهتو ته ڪچڙي منجهند ٿيڻ واري هئي. ربڏني سِيرو چوڪ وٽ ڌرمشالي ۾ ديوان جي هوٽل تي ننڍي گوشت سان ماني کاڌي. ۽

پوءِ هو مندر ٻاهران پهتو. اتي عورتون ۽ مرد دهل وڄائي هار مونيم تي پچن ڳائي رهيا هيا. هو مندر پويان ڦري هڪ گهري نيري رنگ واري جاءِ وٽ اچي بيٺو. هن اڳتي وڌي در کڙڪايو ۽ اندر هليو ويو. سامهون صندل تي صابو ويٺل هيو. صابو هن کي ڏسي کليو تہ هن جي وات ۾ پاسي کان ڏند چمڪڻ لڳو. صابوءَ جي ان ڏند تي سونو پٽ چڙهيل هيو. جيڪو هن کي شڪارپور جي واڳو در واري سواميءَ ان تي ڪي پوتر شبد لکرائي سوکڙيءَ ۾ ڏنو هيو. صابو سواميءَ کي گرو ڪوٺيندو هيو. پنهنجي من جي هر پيڙا ان آڏو اوري آٿت ماڻيندو هيو. اهو سونو ڏند هن وٽ گروءَ جي نشاني هيو. جنهن ۾ وڏي مٽيان ۽ رمز رکيل هئي. ان تي اڪريل سنها پاڪ شبد صابوءَ لاءِ وڏي معنيٰ وارا هيا. هن کي لڳندو هيو جڏهن هو ڪائيندو آهي تہ ان ڏند معرفت اهو حلال ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. رات جو سمهڻ کان اڳ هو ان کي لاهي اکين تي رکي چمندو هيو ۽ پوءِ ڪپڙي جي ننڍڙيءَ ڳوتريءَ ۾ وجهي ڌاڳو سُوٽي بند ڪري ويهاڻي هيٺان رکي سمهندو هيو. ان ڏند جي هن وٽ اهميت ان ڪري بہ هئي تہ ٽي مهينا اڳ سوامي ديهانت ڪري ويو هيو ۽ ان جي پرلوڪ سڌارڻ کان پوءِ ان جهڙو ٻيو ڏند حاصل ڪرڻ محال هيو.

ربڏني ڪي اندر ايندو ڏسي صابو صندل تي سڌو ٿي ويٺو.

"اچ رئيس اچ." هن چيو "پلي ڪري آئين. ويهہ."

ربڏني ويهڻ سان پاسي واري ڪيسي ۾ هٿ وجهي سوَ وارا بہ نيرا نوٽ ڪڍي صابوءَ اڳيان رکيا.

"پري کان آيو آهيان فقير." پوءِ هن چيو "وقت ڪونهي. واپس بہ ورڻو آهي. پٽ جو طهر آهي. حالي هي وٽ ٻيا ڳوٺ ايندين تہ جام. پوري سٺ سان اچجانءِ. ڏوم ڏڙاڪو ڪري. مانيءَ گرهہ کائي. ننڍڙي لاءِ خير جي دعا ڪجانءِ."

"حاضر رئيس حاضر." صابوءَ هٿ ٻڌندي چيو "پڳوان وڌائيندءِ. رب ڪيچ ڪندءِ." ربڏني صابوءَ کي ڳوٺ جا سڀ پار پتا ڏنا. ۽ تاريخ جي پڪ ڪري روانو ٿيو. هو ڌرمشالي مان نڪري. پهلومل گهتيءَ مان ٿيندو شاهي بازار پهتو. هن رکئي ميمڻ جي دڪان تان ڳاڙهي گوڏ جو ڪپڙو ورتو ۽ پرسان ٺي ڳانا ورتا. آخر اهو وقت بہ آيو جڏهن ٻار کي وهنجاري هن جا مينديءَ لڳل هٿ ۽ پير ڌوئي اچي قميص پارائي ڳاڙهي گوڏ ٻڌي وئي. ٻانهن ۾ ڳانا پائي ڳچيءَ ۾ ماڪي فقير جو تعويذ وڌو ويو. وچ ڳوٺ ۾ شاهہ جي پڌر وٽ کهيءَ چوڌاري ٻهارا ڏئي ڇٽڪار ڪيا ويا. اتي ڪاٺ جي ٿوڻين تي بيٺل نبات نما شيشي جي فانوسن جي صفائي ڪري گاسليٽ اوتيو ويو. سانجهيءَ ٽاڻي صابو پنهنجي سٺ سميت نظرپور پهچي ويو. سندس سٺ جو شهناز ڪدڙو سيني جي نظرن جو مرڪز هيو. پورو لال جو ان هيو جنهن جي ڳتن مان رت پئي ٽميو. ڳوٺ جا شونقين ان مٿان فدا پئي ٿيا. جڏهن رات ٿي تہ پڌر ۾ فانوس روشن ڪيا ويا. سڀ کان پهريون لڏڻ فقير آيو ۽ پنهنجين ڳالهين سان راڄ کي ڪلائي ڪيرو ڪري وڌو. پوءِ صابوءَ دهل تي ٿاڦ هنئين ۽ ٻين سر ملايو. شهناز پيرن ۾ گهگهرو پائي جڏهن ناچ شروع ڪيو تہ رات جي چپ ۾ وٽن تي ويٺل پکي جاڳي پيا. ماڻهن جون اکيون ڦاٽي

ويون ۽ ڪن ڪڙا ٿي ويا. ڳوٺ ۾ اهڙو مزو انهن پهريون ڪونہ ڏٺو هيو. شهناز جڏهن گهنگهرو ڇمڪائي دهل جي ٿاڪ تي ڇيلهہ لوڏي گول ڦريو تہ ڪيترن جون دليون اڇل ڏئي مٿي چڙهي آيون. شهناز نچندو رهيو ۽ رات جو دير تائين فانوسن ۾ گاسليٽ اوتبو رهيو. محفل جي گرمي ڪٿي بہ ٿڌي نہ ٿي. نيٺ پرهہ ڪان پهريون سڀ گهرن ڏي روانا ٿيا. ربڏني صابو ۽ ٻين فقيرن کي گهرجي اڱڻ ۾ ڪٿون وجهي سمهڻ جي جاءِ ٺاهي ڏني، جيئن اهي سج اڀرڻ کان اڳ ٿوري دير آرام ڪري تازا توانا ٿين ۽ شام جو طهر ڪانپوءِ وري منڊلي مچائي سگهن. فقير ڏاڍا ٿڪيل هيا جنهن ڪري سمهڻ سان انهن کي ننڊ وٺي وئي. سمهڻ کان اڳ صابوءَ جيئن ئي سونو ڏند لاهي صاف ڪري ڪپڙي جي ڳوٿريءَ ۾ وجهي ڌاڳو سُوٽي وهاڻي هيٺان رکيو تہ پريان پڊر ۾ لڱل برمي جي اوٽ مان مريم جو پٽ اهو سڀ ڏسي رهيو هيو. ان جي نظر صابوءَ جي سوني ڏند ۾ هئي جيڪو هن جي وهاڻي هيٺيان ڳوٿريءَ ۾ پيل هيو.

مريم جو پٽ ڳوٺ جو شرارتي ڇوڪرو هيو. ماڻهو هن کي پيءُ جي نالي بدران ماءُ جي نالي سان سڏيندا هيا. مائي مريم کي سدائين ڪاري قميص ۽ ٻانهن ۾ ڪولابا پاتل هوندا هيا. هوءَ گهٽيءَ ۾ گهر ٻاهران ويٺي حقو ڇڪيندي هئي. ڳوٺ جي ڪا عورت ويامبي هئي تہ هرڪو مائي مريم کي وٺي ويندو هيو. مائي مريم پنهنجي ڪم ۾ ماهر هئي. جڏهن عورت پيڙ لهندي هئي تہ مائي مريم ٻن وڏن ديڳڙن کي هڪ ٻئي مٿان رکي انهن جي ڪنارن کي مٽيءَ سان لنبي وڏڦ چڪائيندي هئي ۽ اهو عرق ويامل عورت کي ڏئي چڱا پئسا ڪمائيندي هئي. هن جو مڙس هڪ ضعيف ۽ ننڍي قد وارو شخص هيو جيڪو سڄو ڏينهن زال جي خدمت ۾ گذاريندو هيو ۽ شام جي پهر تماڪ ڏوئي چاٽي ڦل ۾ وجهي تانڊا رکي حقو ٺاهي زال اڳيان رکندو هيو پوءِ ڪٻ ڪڍي هن اڳيان ويهي رهندو هيو. ان کي ڇڙو گوڏ ٻڌل هوندي هئي ۽ اگهاڙي پٺيءَ جو ڪرنگهو ائين نڪتل هوندو هيو جڻ هن کي ڪنڌ کان وٺي ويهڪ تائين نانگ چنبڙيل هجي. مائي مريم جي وڏي ڌيءَ جوان ٿي هڪ ٽپيدار سان پڄي وئي. باقي اٺن سالن جو پٽ هيو جنهن کي ماڻهو مريم جو پٽ سڏيندا هيا. ڇوڪرو ڏاڍو ٽڪ هوندو هيو. هڪ دفعي رئيس علڻ ڳوٺ ۾ سرائڪين کي گهرايو جيڪي پتلين جو تماشو ڏيکاريندا هيا. جڏهن رات جو ٿي ڪٿون ڏئي اندر ڏيئا ٻاري پتلين کي هيٺ لاٿو ويو تہ ڇوڪرو پتلين جو ناچ ڏسي چريو ٿي پيو. اوندهہ ۾ وجهہ وٺي هو هڪ پتلي چورائي ڀڄي ويو. سرائيڪي فنڪارن پنهنجي وڃائجي ويل پتليءَ کي گهڻو ڳولهيو پر اها نہ ملي. مريم جو پٽ پوءِ پتلي هٿ ۾ ڪٽي چار ماڻهو ڏسي انهن سامهون نچائيندو هيو. ماڻهو خوش تہ نہ ٿيندا هيا پر هن کي منهن ۾ پوندا ڏئي اهڙي حرڪت تي ملامت ڪندا هيا. هڪ دفعي مريم جو پٽ ڍنڍ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏندي بچيو. نظرپور ۾ هڪ اهڙي ڍنڍ هوندي هئي جنهن ۾ فيروزي ڪنول ٽڙندا هيا. ان ڍنڍ جا ڪنول هندو مهانگي اگهہ وٺي مندرن ۾ چاڙهيندا هيا. ڪنولن مان ساوا واڱڻائي ڌاريدار پبڻ پيدا ٿيندا هيا. جن جو ذائقو ۽ خوشبو پنهنجو مٽ پاڻ هئي. مريم جو پٽ پبڻ پٽڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ لٿو ۽ وچ ڍنڍ ۾ پاڻيءَ اندر اونهيءَ ڪڏ ۾ هيٺ هليو ويو.

ٻڌڻ لڳو. ڪجهه رهاڪن جي نظر پئجي وئي. انهن ٻڪي پاٽيءَ ۾ تپا ڏنا ۽ گهلي ٻاهر ڪيڊي ڪناري تي ڦٽو ڪيائونس. ڇوڪرو ڪڏهن نه سڌريو. ماءُ سان وڙهندو هيو ته پتر پاڙي وارن جي گهر ۾ هٽندو هيو. راج ڏسي ڪجندو هيو ۽ پاڻ وٽائڻ لاءِ مچلائپ ڪندو هيو.

ان رات جڏهن صابو صبح جي هير ۾ ساٿو تي سمهيو ته سمهڻ سان هن کي اهڙي ننڊ وٺي وئي جو ڪونگهرا هڻڻ لڳو. ڇوڪرو پير پير ۾ ڏئي هن مٿان آيو ۽ وهاٽي هينان هٿ وجهي ڪپڙي جي ڳوٿري هٿ ۾ ڪٽي ڏاڍو ڍلو ڪري سونو ڏند ٻاهر ڪيڍي پنهنجي وات ۾ وجهي جڏهن ڏند تي چاڙهيو ته جڻ هن جي جسم ۾ ڪرنٽ اچي ويو. هن جا ڪلها حرڪت ڪرڻ لڳا ۽ چيلهه لڏڻ لڳي. نچندي ڪنڌ کي ست ڏنائين ته سونو ڏند هن جي وات مان ڇڏائجي پري وڃي ڪريو. ڇوڪرو پنهنجي اهڙي حرڪت تي حيران ٿي ويو ۽ ڪجهه دير حواس وڃائي وينو. پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏند ڳولهڻ جي ڪوشش ڪيائين. پڌر ۾ برمي چوڌاري گپ هئي ۽ پريان لئي جي سڪل ڪانين جو ڍير پيل هيو. اجان پرهه ڦٽيءَ ۾ دير هئي. اوندهه ۾ برمي چوڌاري گپ ۾ هٿ هڻي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ڏند ائين گم ٿي ويو جڻ جادوءَ جو نهيل هيو. ڇوڪري پويان پير ڪيا ۽ پجي جان ڇڏائي. جڏهن صبح ٿيو ته صابوءَ ننڊ مان اٿي برمي مان گلاس پري ڪٽ تي ويهي گرڙي ڪئي ۽ پوءِ وهاٽي هينان هٿ هڻي ڳوٿري ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن هن کي ڳوٿري نه ملي ته هن ڪنڌ ورائي ڪٽ هينان ڏٺو. هن جي ذريءَ گهٽ دانهن نڪري وئي. ڪٽ هينان ڳوٿري ائين پيل هئي جيئن بڪايل ٻليءَ جي ٻچي جو لاش. جنهن جو پيٽ سڪل هجي. هن هيٺ نوڙي ڳوٿري ڪٽي هٿ وجهي سونو ڏند ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي پر اتي ڪاريءَ وارا ڪک هيا "اڙي گهوڙا ڙي." هن وٺي رڙ ڪئي، "مري ويس." منهنجو سونو ڏند هائي، منهنجي گرو سوامي ڀڳت جي نشاني. اڙي او ربڏنا ڏوڙ پوي تنهنجي طهر کي. منهنجي گروءَ جو سونو ڏند. ڪاٽي. هاڙي ربڏنا شل خدا تنهنجو خانو خراب ڪري. شل سنئين نه ٿئين."

صابو ڪٽ تي ويهي روئيندو پٽيندو رهيو. هن جي گوڙ تي ٻيا فقير به اٿي وينا ۽ انهن به وٺي دانهون ڪيون. ربڏنو پڇندو انهن وٽ آيو ۽ صابوءَ کي دلاسو ڏئي هيڏانهن هوڏانهن ڏند ڳولهڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ڏند نه مليو. گپ ۽ ماٽهن جي اچ وڃ ايتري هئي جو ڪاشيءِ پنهنجيءَ جاءِ تي نه هئي. ربڏنو پريشان ٿي ويو. هن ڪنن کي هٿ هڻي پنهنجيون واليون لاهي صابوءَ کي ڏنيون.

"اڙي فقير ڇو هيانءُ لاٿو ٿي." هن واليون صابوءَ کي ڏيندي چيو "هي وٺ سونيون واليون ٻيو گهڙائي پائجانءِ."

"مان ڏوڙ وجهان تنهنجين والين کي." صابوءَ چيو "ڏند منهنجي گروءَ جي سوغات هيو. واڳوٽي سواميءَ جي سوڪڙي هيو. اڙي شل پڳوان پينگو ڪريئي. ٻار ٻچو مرئي."

ربڏنو هيسجي ويو ۽ واليون هٿ ۾ جهلي سوچڻ لڳو ته هو سونو ڏند ڪٿان آڻي.

صبح جو سوير نه صابوءَ ڏُڌ پيتو نه نيرن ڪئي. ڪاوڙ مان ٽانگو گهرائي ساٿين سميت لانگ

ورائي وجي وينو ۽ منهن مٿو پٽيندو سکر روانو ٿي ويو.

ڇڻ راڄ مان رنگ ئي نڪري ويو. سڀ بي دليا ۽ بي مزي ٿي ويا. شام جو حڪيم هادن ڪاني صاف ڪري پاڪي روهيءَ تي لائي تکي ڪري پهچي ويو. ٻار کي پاٽ اونڌي ڪري ان تي ويهاري ڪاڪي نورل پويان ٻانهن ۾ هٿ وجهي سوگهو ڪري پڪڙيو. حڪيم هادن ڳاڙهي گوڏ مٿي ڪري مصريءَ جو ڳنڍيو ٻار جي وات ۾ وڌو. پوءِ هن آڱر مٿي ڪري ٻار کي چيو "هو ڏس جهاز."

ٻار جيئن ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو ته ڪاني وجهي تيز پاڪي وهائي ڪڍيائين. ٻار جا ڪيڪر نڪري ويا. وٺي رڙيون ڪيائين. رت ايئن وهڻ لڳس جو ڪتا نه چٽين. ڪاڪي نورل پويان هٿ وجهي ڪٽي ڪٽ تي سمهاريس. مبارڪن جا ٺڙڪا پئجي ويا. پاٽ سڌي ڪري ان ۾ حڪيم هادن گهور ورتي ۽ پوءِ هو رت هاٽي پاڪي صاف ڪري ڪپڙي ۾ ويڙهڻ لڳو. ٻار جو رت ائين وهڻ لڳو ڄڻ نلڪو کلي ويو هجي. هن سوچيو جهٽ ۾ بند ٿي ويندو. پر رت بند نه ٿيو. سڄي رلهي رت ۾ آلي ٿي وئي ۽ رت واڻ هيٺان ٺمي پٽ تي پوڻ لڳو. سڀ پريشان ٿي ويا. حڪيم هادن چيلهه کي هٿ ڏئي ٻار مٿان بيهي ماجرا ڏسندو رهيو. هن هيڊي مرهم جي دٻي کولي ليپ ڪيو ۽ مٿان پٽي ويڙهي پر رت نه رڪيو. هن ڳاڙهي مرهم جي دٻي کولي پٽي ڪئي ۽ پوءِ هن هر دوا آزمائي. ٻار جو رنگ اڇو ٿيندو صفا پيلو ٿي ويو. هن جون اکيون ڍريون ٿي ويون ۽ ڪنڌ هڪ پاسي لڙي ويو.

"اڙي حڪيم کو ٻِلو ڪر." ربڏني جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

حڪيم هادن پريشان ٿي ويو. اهڙو منجهيو جو هن کي ڪو حيلو نه پئي سجهيو. سانجهيءَ ٽاڻي ٻار دنيا مان موڪلائي ويو. هن جو ميندي لڳل هيڊو لاش ڳاڙهي رلهيءَ تي رکيل هيو. سڀ روئي رهيا هيا. عورتون سينو ڪٽي رهيون هيون ۽ ماءُ وار پٽي رهي هئي.

"اڙي صابو ڏاڍي ڪيئي." ربڏني روئندي چيو.

هن جي اڇي پڳ چڙي ڍلي ٿي ڳچيءَ ۾ لوڙهي جيان لڙڪڻ لڳي.

"اڙي اهڙي ڪيئي ڪو دشمن سان ٻه نه ڪري." ربڏني ٻئي هٿ مٿي کي ڏيندي ڏرتيءَ تي ويهندي چيو "مان مران ها. اڙي ٻچڙو نه مري هان."

پوءِ سال لنگهي ويا. ويڙهي مان ٻار جي جدائيءَ جو ڏک ڪڏهن نه گهٽيو. جڏهن ڏس انڊڙي ڇڳل واڻ واريءَ کٽ تي ويٺي نير وهائيندي هئي. ماءُ ڪاري رئي سان لڙڪ اگهندي هئي ۽ ربڏنو برمي پرسان اوڪڙو ويهي ٻئي هٿ مٿي کي ڏئي پيو "هاءِ هاءِ" ڪندو هيو. هن جو ننڍو پٽ وڏو ٿي ويو پر هن ان کي طهرائڻ جي همت نه ڪئي. هن کي پڪ هئي ته صابوءَ جي بددعا ويڙهي ۾ ڪارا ڪپڙا پائي ڏند ڪڍي ڏائڻ جيان گهمي ٿي. ڪڏهن ٻه ڪجهه ٿي پئي سگهيو. ڇڙو بهانو گهرجي. هن ٻه چار دفعا شهر رقم موڪلي صابوءَ کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي پر صابو ڏند جي گم ٿيڻ تي اهڙو ڪاوڙيل هيو جو صفا ٻِر لڳو پيو هيو.

هڪ سانوڻ ۾ جڏهن تيز مينهن وسي رهيو هيو ۽ ربڏنو مَنهيءَ ۾ ويهي پٽ کي ياد ڪري ٻاهر

وسندڙ مينهن جي ڪرندڙ بوندن ۾ ٿهندڙي ڦاٽندڙ ڦوٽن کي ڏسي رهيو هيو. هن کي پري کان برمي پرسان گپ ۾ ڪاشيءِ چمڪندي نظر آئي. هن غور سان ان کي ڏٺو ۽ پوءِ هو اٿي مينهن ۾ ٻاهر آيو. هن هيٺ نوڙي اها هٿ ۾ کڻي برمي تان ڌوئي جڏهن ڏٺو تہ اهو صابوءَ جو گم ٿيل سونو ڏند هيو. جنهن تي هڪ پاسي سنها ديوناگري حرف اڪريل هيا. هن ڏند کي مٺ ۾ ائين سوگهو ڪيو جيئن هن کي خزانو ملي ويو هجي. هو ٻڪندو اندر آيو ۽ ڏند کي ڪپڙي سان اگهي ڪپهہ ۾ ويڙهي تختي تي سائي پوتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو. هو خوشي محسوس ڪرڻ لڳو ۽ سوچڻ لڳو تہ هو شهر وڃي سونو ڏند صابوءَ کي ڏئي مڪتي ماڻيندو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٽانگو ڪري هو سکر پهتو ۽ وڃي صابوءَ سان مليو. هن جڏهن سونو ڏند کولي صابوءَ اڳيان رکيو تہ ان جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. هو زار و قطار روئڻ لڳو. هن ڏند هٿ ۾ کڻي ان کي چار دفعا چميو. پوءِ اکين تي رکي صندل تان اٿي ربڏني کي ڀاڪر پاتو.

”اڙي ربڏنا تنهنجا لک ٿورا, اڙي تنهنجيون مهربانيون.“ هن روئڻ گاڏڙ ٽهڪ ڏيندي چيو. ”اڙي ماريا, ايڏا ڏينهن اجايو رلايئي. خلق کلايئي ۽ راڄ رڙايئي.“

ربڏني هن کي سڄي ڳالهہ کولي ٻڌائي ۽ پوءِ هٿ ٻڌي عرض ڪيو. ”فقير پنهنجي پِٽَ واپس وٺ. توکي پنهنجي گروءَ جي سوغات ملي ۽ هاڻي مون کي مڪت ڪر تہ ٿورو سک جو ساهہ کڻان.“

صابوءَ ربڏني مٿان ٻئي هٿ ڦيري پنهنجي مٿان ائين آندا ڄڻ ان جون سڀ مصيبتون ميڙي پنهنجي مٿان اڇلايون هجن.

”شل ڀڳوان ڀلو ڪريئي. حياتي ڏيئي. اڙي شل تنهنجا ٻچا جيئن.“ صابوءَ چيو.

جڏهن ربڏني کي پڪ ٿي وئي تہ هاڻي صابوءَ جي دل صاف آهي تہ هن هٿ ٻڌي موڪلاڻي ڪئي ۽ واپس ڳوٺ اچي ٻئي پٽ جي طهر جون تياريون شروع ڪيون. ربڏني کي محسوس ٿيو جيئن هن جو وزن هلڪو ٿي ويو هجي. هو اهڙن زنجيرن مان آزاد ٿيو هجي جن تي وقت جي ڪٽ چڙهي وئي هجي. وڏي پٽ جي وفات کانپوءِ هن جون خوشيون ختم ٿي چڪيون هيون. پر پوءِ بہ هن سوچيو ”ٿوري گهڻي خير خيرات ڪري هو ننڍي پٽ جو طهر سادگيءَ سان ڪندو. هن ڪاڄ ڪنو ڪيو ۽ ڳاڙهي گوڏ وني ان کي ائين ڏسڻ لڳو ڄڻ اتي هن جي مئل پٽ جو رت لڳل هجي. پوءِ هن سوچيو. گهبرائڻ جي ڳالهہ نہ آهي. هاڻي هن جي پٽ جي جيءَ کي جوکو نہ آهي. رب ۾ اميد آهي تہ سڀ خير ۽ خيريت سان ٿي ويندو.“ جڏهن طهر جي تاريخ ويجهي ٿي تہ هن حڪيم هادن بجاءِ سکر وڃي حڪيم صالح جراح کي دعوت ڏني تہ اهو اچي هن جي پٽ جو طهر ڪري. حڪيم صالح جراح جو دواخانو واري تڙ تي ٺاري خان جي اجرڪن واري ڪارخاني پويان هيو. هو سياڻو حڪيم ۽ قابل جراح هيو. هن جي پوري اتر جي علائقي ۾ هاڪ هئي. هن هٿان طهر ڪندي ڪڏهن ڪا غلطي ڪانہ ٿي هئي. حڪيم هڪ وڏي رقم عيوض نظر پور هلڻ لاءِ تيار ٿيو. پٽ جي مرتيي کانپوءِ ربڏنو ڏاڍو محتاط هيو. هن بهتر سمجهيو تہ هن ڀيري حڪيم هادن کي ڇڏي ڪنهن چڱي جراح جو

بندوبست ڪجي جيئن ڪا ڪسر نہ رهجي وڃي ۽ هٿ نہ ملٽا پون.

هن نہ ڪنهن ڪدڙي فقير کي ڪوٺ ڏني نہ ناچن جو بندوبست ڪيو. هن سوچيو کهڙي منهن سان شڪارپور واري لڏڻ فقير کي سڏائي ڀوڳ ڪرائي ۽ کل مچائي. پٽ جي وڃوڙي ڪانپوءِ هن جي اکين جو پاڻي ئي نہ پئي سڪيو. ان ڏينهن نہ لنگهن توتلي وڄائي نہ دهلن کي ڏڪ لڳا. پري ڪنب ڪناري ڪنهن چارڻ جي بين جو آواز وڌ وجهندو رهيو ۽ پٽ جي ديڳين هيٺان ٻرندڙ ڪاٺين جو دونهون دکندو رهيو.

ان ڏينهن اوچتو مينهن وسي پيو. حڪيم صالح جڏهن ٽانگي مان لٿو تہ هن جا بوٽ پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا. تڙ تڪڙ ۾ مينهن ڪري ٿمندڙ منهيءَ هيٺان ماڻهن ماني کاڌيءَ ۽ پوءِ ٿپهريءَ ٻانگ سان ٻار کي تيار ڪري ڳاڙهي گوڏ ٻڌي. ڳانا پارائي اڇي اونڌيءَ پاٽ تي ويهاريائون. حڪيم صالح جراح پاڪي سنڀالي ڪاني وجهي ٽڪو ڏنو تہ مبارڪن جا آواز بلند ٿيا. ٻار کي ڪنيءِ وڃي کٽ تي سمهاريائون. حڪيم پاٽ سڏي ڪئي تہ گهور سان گڏ پاڻيءَ جون بوندون بہ ان ۾ ڪرڻ لڳيون. ڪا گهڙي گذري ٻار کي ماڻس چادر مٿي ڪري ڏٺو تہ هن جي دانهن نڪري وئي. رت ائين وهي رهيو هيو جيئن وسڪاري ۾ پاڻي ٻنا پيچي وهندو هجي. هن وٺي رڙ ڪئي.

“اڙي منهنجو ٻچڙو. اڙي ربڏنا هي ويل تہ ڏس.”

ربڏنو ٻار مٿان آيو. هو ڏسڻ سان هيسجي ويو. سندس لڱ ڏڪڻ لڳا. ماڻهن صالح جراح کي سڏيو. ان هڪڙيون پٽيون لاٿيون ٻيون چاڙهيون. پر رت نہ رڪيو. وهندو ويو ۽ ٻار هيڊو ٿي ڊرو ٿيندو ويو. صالح جراح ڪو حيلو نہ ڏسي هٿ مهٽي چپ ٿي ويو ۽ روج پئجي ويو. هرڪو ڊاڍيون ڪري روئڻ لڳو.

“اڙي حڪيم ڪجهہ ڪر. رب جو نانءُ تي ڪجهہ ڪر. اڙي هي هٿن مان هليو ويندو. اڙي ڪو هيلو هلاءِ.” ربڏني ليلائيندي چيو.

حڪيم اهڙو چپ ٿي ويو جهڙي پٽ. نہ ڪري نہ ڪڇي.

“بابا جيڪا رب جي مرضي.” ان چيو “حياتي هوندس تہ بچندو. باقي بندي جي وس کان ٻاهر آهي.”

ٿوري دير ۾ رلهي گوڏ وانگر ڳاڙهي ٿي وئي ۽ کٽ هيٺان رت تي ماڪوڙا ڪنا ٿي ويا. ربڏنو حڪيم صالح جراح مان مايوس ٿي ويو. هن جي پڳ ڍري ٿي گوگهي جيان ڳچيءَ ۾ ڪري پئي. سڀ رستا بند ٿي ويا. هو هٿن سان پنهنجا وار پٽڻ لڳو ۽ پوءِ چرين جيان وسندڙ مينهن ۾ وٺي ٻاهر ڀڳو. هو برمي پرسان ويهي گپ ۾ هٿ وجهي ڪا شيءِ ڳولهڻ لڳو.

(هيمو فليا جي مريضن ڏانهن)

***

قلم جو قيدي

اهي جمهوريت جا ڏينهن هيا. ماڻهن گھڻن سالن کانپوءِ سک جو ساهہ کنيو هيو. مارشلا جو دور ختم ٿي چڪو هيو. نشرياتي ۽ اشاعتي ادارن کي ڪنهن حد تائين آزادي ڏني وئي هئي. سول عدالتون پنهنجو ڪم ڪري رهيون هيون. جلسن ۽ جلوسن تان پابندي هٽائي وئي هئي. پر ڪا خبر نہ پوندي هئي اوچتو ملڪ ۾ مارشلا لڳي ويندي هئي ۽ ماڻهن جا بنياد حق غصب ڪري انهن کي مفلوج ڪيو ويندو هيو.

اهي ملڪي تاريخ جا سنا ڏينهن هيا. روئڻ ۽ ٽهڪ ڏيڻ جي آزادي هئي. ڪتابن جا دڪان ماڻهن سان سٽيل هوندا هيا. روسي ادب جا ترجما سستن اگهن تي دستياب هيا. هرڪو اديب ۽ دانشور ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. ڪميونسٽ ۽ دهريو سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هيو. ۽ پاڻ کي شراب جو عادي سڏائڻ فيشن ۾ شامل هيو.

ڪامريڊ غلام حسين غازيءَ جي من ۾ بہ وڏي آنڌ مانڌ هئي. هن جي من اندر اهڙي پيڙا هئي جيڪا هن کي هڪ ناول لکڻ تي مجبور ڪري رهي هئي. هڪ اهڙو ناول جيڪو منفرد ۽ حقيقت کي ويجھو هجي. جنهن ۾ ڪردارن جا اندروني احساس سمايل هجن. غلام حسين ڪو وڏو اديب نہ هيو. هن جون بہ چار تخليقون غير معروف رسالن ۾ ڇپجي چڪيون هيون. تخليقڪارن جي سيلاب ۾ هن جي حيثيت ان ڪک جهڙي هئي جيڪو لڙهندي نظر نہ ايندو آهي. پر هن وٽ جذبن جو طوفان هيو جيڪو هن کي ان ڳالهہ تي اپاري رهيو هيو تہ هڪ ڏينهن هو ملڪ جي وڏي ناول نگار جي حيثيت ۾ سامهون ايندو. ۽ سڀ ماڻهو هن جي تخليقي صلاحيتن جو اعتراف ڪندا.

هڪ ڏينهن غلام حسين پين ۽ پنوڪڙي پنهنجي لکڻ واري ڪنڊ ۾ وڃي ويٺو ۽ هن سوچڻ شروع ڪيو. هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو لکڻ جي شروعات ڪيئن ڪري. هن جي ذهن ۾ ناول جا ڪيئي خاڪا هيا. پر هو اهڙي موضوع تي لکڻ پيو چاهي جيڪو نئون ۽ ڇرڪائيندڙ هجي. جنهن ۾ اندر جي احساسن جون تڏيون بوندون ماڻهو پنهنجي مغز تي وسندي محسوس ڪري. هن همت ڪري لکڻ شروع ڪيو. جڏهن ڪجهہ صفحا لکيا تہ هن جو هٿ رڪجي ويو. هن محسوس ڪيو هو سٺو نہ لکي رهيو آهي. هن جي لکڻ ۾ گهرائپ نہ آهي. مايوسي ۽ نراسائيءَ کان هو بددل ٿي ويو. هن پنا هٿن ۾ ڪٺي ڦاڙي ڦٽا ڪيا ۽ مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيو. هن گھڻا ڏينهن ڪوشش ڪئي. هو ڪجهہ نہ لکي سگهيو. اٿندي ويهندي. ڪائيندي پيئندي سوچن ۾ غرق هوندو هيو. هن وٽ پيڙائن جو طوفان هيو. هو چاهي پيو تہ پهرين ناول لکڻ کانپوءِ هو ملڪ جو سڀ کان وڏو ناول نگار ٿي سامهون اچي. هو روز لکڻ شروع ڪندو هيو. ۽ ٿوري دير لکڻ کانپوءِ پنا ڦاڙي ڦٽا ڪندو هيو. گھڻن ڏينهن کانپوءِ هن کي خيال آيو تہ هو هڪ اهڙي شخص جا احساس چٽيندو جيڪو بي ڏوهي ڪنهن جيل

۾ آندو ويو آهي. ۽ پنهنجي بي گناهيءَ جي احساس ۾ وڪوڙجي زندگيءَ جا ڏينهن گهاري رهيو آهي. ان شخص جو ڪو ڏوهه نه آهي. هو حالتن ۽ ناانصافين جو شڪار آهي. اهو هڪ معصوم شخص آهي جيڪو دنيا جي حالتن اندر پيسجي اهڙي احساس ۾ مبتلا آهي جيڪو معاشري جي ناانصافين ۽ انڌ برابرين سان ڀرپور آهي. هن لکڻ شروع ڪيو ۽ هو لکندو ويو. هو پنهنجي لکڻ مان مطمئن هيو. هن کي لڳي رهيو هيو ته هو جيڪي ڪجهه لکي رهيو آهي ان ۾ سچائي سمايل آهي. ۽ حقيقتن جي ويجهو آهي. هن هڪ معصوم شخص جي حياتيءَ جو خاڪو لکيو. ۽ هڪ اهڙو معصوم ڪردار تخليق ڪيو جيڪو زماني جي ويساهه گهاتين ۾ وچڙندو ويو. ۽ ان جو انجام جيل جي هڪ اهڙي ڪوٺڙي ٿيو جتان هن جو ٻاهر نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هيو. ان معصوم ڪردار جا جيل ۾ گهاريل ڏينهن ڏاڍا عذابناڪ هيا. هو لکندو ويو ۽ ان معصوم بي ڏوهي ڪردار کي اڳتي اپاريندو ويو. هڪ جاءِ تي اچي هن جو قلم رڪجي ويو. هن سوچيو هو جيل ۾ موجود ان ڪردار سان انصاف نه ڪري رهيو آهي. ڇو جو هن وٽ جيل جو ڪوبه مشاهدو نه آهي. هن زندگيءَ ۾ نه ڪڏهن جيل ڏٺو ۽ نه اتي رهندڙ انسانن جي ڏکن ۽ سورن جو مشاهدو ڪيو آهي. ۽ هو منجهي پيو ۽ سوچڻ لڳو ته هاڻي هن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هن سوچيو لکڻ کان اڳ ضروري آهي ته جيل جو مشاهدو ڪجي. ٻه چار ڏينهن اندر رهي اتان جي رهڻي ڪرڻيءَ جو جائزو وٺجي جيئن لکڻ ۾ آساني ٿئي ۽ ڪردار سان انصاف ڪري سگهجي. هن ناول جي صفحن کي ويڙهي ٽيبل جي خاني ۾ رکيو. ۽ هڪ ڏينهن همت ڪري هو شهر جي سينٽرل جيل ۾ وڃي اتان جي جيلر سان مليو. جڏهن هن جيلر سان پنهنجو تعارف هڪ لکندڙ جي حيثيت ۾ ڪرايو ته جيلر هن کي عزت سان ويهاريو.

”ڪيئن اچڻ ٿيو آهي. مان توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟“ جيلر چيو.

”دراصل مان هڪ ناول لکي رهيو آهيان. جنهن جو هڪ ڪردار جيل جو قيدي آهي ۽ سزا ڀوڳي رهيو آهي. مان چاهيان ٿو ان ڪردار جي احساسن جي عڪاسي ڪيان. منهنجو جيل جو مشاهدو نه آهي. جيڪڏهن اجازت ڏيو ته ٻه چار ڏينهن جيل ۾ رهي اهو سڀ پاڻ ڀوڳي محسوس ڪيان ۽ پنهنجي تخليق ڪيل ڪردار سان انصاف ڪري سگهان.“ هن ذري گهٽ جذباتي ٿيندي چيو.

جيلر هڪ ڇپندڙ مرڪ سان هن ڏانهن ڏٺو. ان جون تيز اکيون ان ڳالهه جو جائزو وٺڻ لڳيون ته هن جي سامهون ويٺل شخص چريو ته نه آهي.

”قانون ان شيءِ جي اجازت نه ٿو ڏئي.“ جيلر چيو.

”جيلر صاحب ائين نه ڪيو.“ غلام حسين چيو. ”ٻن ٽئن ڏينهن جي ڳالهه آهي. مان توهان جو احسانمند رهندس. هڪ سٺي ڪم ۾ توهان ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا ۽ مان ڪتاب جي مهاڳ ۾ توهان جو ذڪر ڪندس جنهن مان توهان جي نيڪ نامي ٿيندي.“

هن جي ڳالهه تي جيلر ڪليو ۽ ان جو رويو دوستاڻو ٿي ويو.

”ڇڱو جيڪا تنهنجي مرضي.“ جيلر چيو. ”پر هڪ ڳالهه جو خيال رکجانءِ جيل گلن جي سيج

نہ آهي، هوشياريءَ سان رهجانءِ.“

هن گهنٽي وڄائي هڪ سپاهي کي گهرايو ۽ ان کي چيو ”هو غلام حسين کي جيل ۾ رجسٽرار سان ملائي.“

غلام حسين جڏهن جيل جي رجسٽرار سان مليو تہ ان هن کي پنجون نمبر بيرڪ ۾ ٽيون نمبر جاءِ ڏني. سپاهي هن کي ساڻ ڪري بيرڪ ۾ ڇڏي ويو. بيرڪ جا سڀ قيدي حيرت ۾ هن ڏانهن ڏسڻ لڳا. هن اتي پيل فراسي کولي سڌي ڪري وڇائي ۽ ان تي ليٽي پيو.

”شڪل مان تون شريف ۽ لکيل پڙهيل ماڻهون ڏسجي رهيو آهين. توکي آخر ڪهڙي ڏوهہ ۾ جيل اماڻيو ويو آهي؟“ هڪ قيديءَ هن جي ويجهو ويهندي چيو.

قيديءَ جي اهڙي سوال لاءِ هن جو ذهن تيار نہ هيو.

”خون جي ڏوهہ ۾.“ پوءِ هن پڪو منهن ڪندي چيو ”مون خون ڪيو آهي. هڪ ظالم کي موت جي ننڊ سمهاريو آهي.“

هن اهو سڀ ان ڪري چيو جيئن قيدي هن کي پاڻ جهڙو سمجهي هن جي ويجهو اچن ۽ دل جا حال اورين.

اها رات هن بيرڪ ۾ جاڳنديءَ گذاري. هن چوگرد هر شيءِ جو جائزو ورتو. هن پاڻ کي اتان جي ماحول ۾ ڪپائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن اتي موجود قيدين سان ڪچهري ڪري انهن جي زندگيءَ جي تجربن کي ذهن ۾ سانڍڻ شروع ڪيو. هن کي خبر هئي تہ هن وٽ صرف ٻہ راتيون آهن ۽ ٻن راتين ۾ هن کي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪرڻو آهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو جيل اندر اها خبر گردش ڪرڻ لڳي تہ ملڪ ۾ مارشلا لڳي چڪي آهي ۽ جمهوري حڪومت کي برطرف ڪري وڏيون گرفتاريون ڪيون ويون آهن. ملڪ جو وزيراعظم نظربند آهي. ۽ ماڻهو روڊن تي نڪري فوجي حڪومت خلاف نعري بازي ڪري رهيا آهن. اها خبر ٻڌڻ سان غلام حسين جون وايون بتال ٿي ويون. هن بيرڪ ٻاهران بيٺل سپاهين کي سڏي ٻڌايو تہ هو جيلر سان ملڻ چاهي ٿو. سپاهي جيڪي ڏاڍا منجهيل ۽ پريشان هيا. انهن هن کي ٻڌايو ”رات هڪ ترت حڪم ذريعي سيني آفيسرن جون بدليون ڪري فوج نوان آفيسر مقرر ڪيا آهن. نئون جيلر جڏهن بيرڪ جي دوري تي اچي تہ تون ان سان ملاقات ڪري سگهين ٿو.“

اها ڳالهہ ٻڌڻ سان غلام حسين ڏاڍو پريشان ٿي ويو. هو ٻئي هٿ مٿي کي ڏئي بيرڪ اندر ويهي رهيو.

”پريشان ٿيڻ جي ڳالهہ نہ آهي.“ هڪ قيديءَ هن کي چيو ”اهو سڀ هن ملڪ اندر ٿيندو رهندو آهي.“

غلام حسين سوچيو هو هن کي ڪيئن ٻڌائي تہ هن جي پريشانيءَ جو سبب ڪهڙو آهي؟ هن ان کي ڪو جواب نہ ڏنو ۽ وقت جو انتظار ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن جيل اندر سيني کي ٻڌايو ويو ”نئون

آفيسر جيڪو هڪ فوجي آهي جيل جي دوري تي نڪتل آهي هرڪو فضيلت جو مظاهرو ڪري ۽ ان کي اکيون مٿي ڪري نہ ڏسي.“

غلام حسين اها خبر ٻڌڻ شرط ڏاڍو جذباتي ٿي ويو ۽ بي چينيءَ مان نئين آفيسر جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. جڏهن نئون آفيسر گهمندو هن جي بيرڪ ٻاهران آيو تہ هو همت ڪري لوهي سيخن وٽ وڃي بيٺو.

”مان بي گناهہ آهيان.“ هن ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو. ”مان هڪ اديب آهيان. منهنجو ڏوهہ صرف اهو آهي تہ مان هڪ ڪردار جي احساسن کي حقيقت جو رنگ ڏيڻ لاءِ جيل ۾ آيو هوس. مون ڪوبہ ڏوهہ نہ ڪيو آهي. مون کي آزاد ڪيو وڃي.“

فوجي آفيسر ڪجهہ دير بيرڪ اڳيان بيهي هن کي ڏسندو رهيو. بہ سپاهي اڳتي وڌيا ۽ انهن غلام حسين کي ڌڪا ڏئي پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

”مان تنهنجو رڪارڊ ڏسندس. جيڪڏهن تون بي گناهہ هوندين تہ توکي ڪابہ سزا نہ ملندي.“ آفيسر چيو ۽ هو اتان هليو ويو.

غلام حسين کي آفيسر جي ڳالهہ تي ٿورو آٿت مليو. هو هلڪا قدم کڻندو واپس وڃي پنهنجي بستر تي ويٺو. آفيسر پنهنجي دفتر ۾ پهچي ڏٺو. پنجون نمبر بيرڪ ۾ ٽيون نمبر جاءِ تي غلام حسين جي نالي اڳيان ڏوهہ جي ڪالم ۾ قاتل جو لفظ لکيل هيو. اهو سڀ پڙهڻ ڪانپوءِ آفيسر ٿڌو شوڪارو ڀريو.

”ڇريو ڪنهن جاءِ جو.“ هن ڀڻڪيو.

هن حڪم ڏنو تہ غلام حسين جو نالو انهن قيدين ۾ شامل ڪيو وڃي جن کي پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ لاءِ فوجي عدالت ۾ پيش ڪرڻو آهي. ان حڪم تي جلد عمل ڪيو ويو ۽ غلام حسين جو نالو شامل ڪري هن کي ٻين قيدين سان فوجي عدالت سامهون آڻي ٻيهاريو ويو. ڪيترن ڏينهن کان جيل ۾ رهڻ ڪري غلام حسين جي ڏاڙهي وڌي وئي هئي. ۽ هن جا وار وڏا ۽ بي ترتيب ٿي چڪا هيا، ڏسڻ سان ائين پئي لڳو جڻ هو عادي مجرم ۽ خوني هجي. فوجي عدالت ۾ هڪ آفيسر هن جو فائيل پڙهندي سوال ڪيو.

”ڇا تون قتل جو اعتراف ڪرين ٿو... يا ڪجهہ صفائيءَ ۾ چوڻ چاهيندين؟“

”مان ايترو چوڻ چاهيندس تہ اهو سڀ ڪنهن غلط فهميءَ جو نتيجو آهي. مان ڏوهاري نہ پر هڪ اديب آهيان. مان جيل جي انتظاميا کان اجازت وٺي صرف ٻن راتين لاءِ جيل آيو هوس جيئن پنهنجي رهيل ناول جي ڪردار جي ڪيفيتن جي جيل اندر رهي سٺي ترجماني ڪري سگهان. جيل جي ماحول جو مشاهدو ڪيان ۽ هڪ ناول لکي ماڻهن آڏو آڻيان. پر جيل ۾ هڪ رات گذارڻ ڪانپوءِ ملڪ ۾ مارشلا لڳي وئي. جيل انتظاميا تبديل ٿي وئي ۽ منهنجي بي گناهيءَ جي گواهي ڏيڻ وارو ڪوبہ نہ بچيو.“

عدالت هڪ دفعو ٻيهر هن جي رڪارڊ جو مطالعو ڪيو ۽ فوجين پاڻ ۾ ٿورو بحث ڪيو.

”اڙي ڇٽ جا پٽ ڇا ٿو بڪين.“ هڪ فوجي آفيسر جنهن جون اکيون ڳاڙهيون هيون ان رڙ ڪري چيو ”اسان کي ڇريو سمجهيو ٿي يا اسان کي بيوقوف آهيون. ڳالهيون اهڙيون ڪر جيڪي سمجهه ۾ اچن. اجايو اسان جو وقت نه وڃاءِ. تنهنجي رڪارڊ ۾ سنئون سڌو لکيل آهي ته تون هڪ قاتل آهين. ۽ اسان جي خابروءَ جي رپورٽ مطابق اهڙو اظهار تو بيرڪ جي قيدين سان پڻ ڪيو آهي. باقي اديب هوندين پنهنجي لاءِ.. اجايو رعب رکي اسان کي ڇتو نه ڪر.“

فوجي عدالت هن کي ڏوهي قرار ڏئي قتل جو قلم هنيو ۽ عدالت ۾ ٻڌڻيءَ جي تاريخ ڏئي روانو ڪري ڇڏيو.

غلام حسين کي ٻهريون دفعو احساس ٿيو ته هو ڦاسي چڪو آهي جيڪڏهن هن هٿ پير نه هنيا ته هو بي ڏوهي ماريو ويندو. اهو سوچي هو پنهنجن ڪجهه ويجهن دوستن سان رابطو ڪيو. هڪ سپاهيءَ معرفت هر هڪ اهڙي دوست سان رابطو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جيڪو همدرد ماڻهو هيو. اهو هڪ ڏينهن جيل ۾ هن سان ملڻ آيو. ملاقات دوران هن پنهنجي ان دوست کي سڄي صورتحال کان واقف ڪيو ۽ اهو عرض ڪيو ته ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ فلاحي تنظيمن ۽ رابطي جي ذريعن وسيلي حقيقت کي سامهون آندو وڃي جيئن فوجي حڪمرانن کي خبر پوي ۽ هن جو ڪيس سمجهڻ ۾ آساني ٿئي، پر هن جي دوست کيس ٻڌايو ”ملڪ اندر سخت سنسرشپ لاڳو ڪري سيني ادارن تي ڪڙي نظر رکي وئي آهي. بنياد حقوق معطل آهن. هرڪو ڊنل آهي ۽ ڪير به جبر خلاف آواز اٿارڻ لاءِ تيار نه آهي.“

اهو ٻڌي غلام حسين ڏاڍو دلگير ٿي ويو. ۽ افسوس مان متو جيل جي سيخن تي رکي سڏڪي پيو. هن جي دوست کيس تسلي ڏني ۽ چيو ”هڪ صورت آهي جيڪڏهن اسان ان جيلر تائين پهچي پئون جنهن توکي به راتيون جيل اندر گهارڻ جي اجازت ڏني هئي. اهو جيلر جيڪڏهن انساني همدرديءَ جي بنياد تي فوجي عدالت ۾ اچي اهو بيان ڏئي ته تو ڪو ڏوهه نه ڪيو آهي ۽ ان صرف هڪ ڪردار جي مشاهدي لاءِ توکي جيل اندر ٻه راتيون رهڻ جي اجازت ڏني هئي ته پوءِ تنهنجي جان ڇٽي سگهي ٿي.“

دوست جي ڳالهه ٻڌي غلام حسين جي منهن تي ڪجهه سرهائي اچي وئي. ”پوءِ تون ڪوشش ڪري ان جيلر جو پتو لڳاءِ. مان سمجهان ٿو تون ان جيلر کي ڳولهڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيندين. جيڪڏهن تون ان تائين پهچي وئين ته اهو ضرور تنهنجو ساٿ ڏيندو. ڇو جو منهنجي خيال ۾ هو هڪ کرو ماڻهو آهي.“

دوست جي وڃڻ کانپوءِ غلام حسين واپس بيرڪ ۾ آيو. ۽ بستر تي ويهي پنهنجي بي وسيءَ تي روئندو رهيو. هن جي دوست جيلر جي ڳولها ۾ ڪا به ڪثر نه ڇڏي. فوجي حڪومت جي اچڻ کانپوءِ سِوِل ملازمن کي غير اهم ذميواريون سونپيون ويون هيون جنهن ڪري اهي سڀ پَس منظر ۾ هليا ويا

هيا. اهوئي سبب هيو جو هن جو دوست ان جيلر کي ڳولهيندو رهيو پر ان تائين پهچي نہ سگهيو.

ٻڌيءَ جي تاريخ تي غلام حسين کي ٻين قيدين سان جيل گاڏيءَ ۾ وجهي فوجي عدالت آڏو پيش ڪيو ويو. هو جڏهن عدالت ۾ آيو تہ آفيسرن هن جو ڪيس پڙهي هن ڏانهن ڏٺو.

”تون پنهنجي صفائيءَ ۾ ڪجهہ چوڻ چاهيندين؟“ ڳاڙهين اکين واري فوجيءَ چيو.

”مان چئي چڪو آهيان تہ مان ڏوهي نہ پر هڪ اديب آهيان ۽ هڪ غلط فهميءَ جو شڪار ٿيو آهيان. منهنجي ڪيل وضاحت تي ٿڌي دل سان غور ڪيو وڃي. مان قاتل نہ پر هڪ مظلوم آهيان جنهن کي بي گناهہ قيد ۾ بند ڪيو ويو آهي.“

فوجي ڪاوڙمان پنهنجن هٿن ۾ جهليل پين کي مهٽڻ لڳو.

”گهڻي بڪ بڪ جي ضرورت نہ آهي.“ پوءِ ان چيو ”حالتون ۽ شاهديون اهو ثابت ڪري رهيون آهن تہ تون هڪ قاتل آهين. ۽ هيءَ عدالت توکي ڏوهي قرار ڏيندي موت جي سزا ٻڌائي ٿي. ايندڙ مهيني جي پنجين تاريخ تي توکي ڦاسي ڏني ويندي.“

اهو ٻڌڻ سان غلام حسين جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. هن جي مٿي کي چڪر اچي ويو ۽ هن کي پرسان بيٺل سپاهيءَ جي ڪلهي جو سهارو وٺڻو پيو. هو ٿيڙ کائيندڙ قدمن سان واپس موٽيو. هن کي ان رات بيرڪ مان موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ منتقل ڪيو ويو جتي هو بي سڌ ٿي ڪريو ۽ روئي پنهنجي بي گناهيءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندو رهيو.

هن جي دوست کي جڏهن اها خبر پئي تہ غلام حسين کي ڦاسيءَ جي سزا اچي چڪي آهي تہ اهو ڏاڍو پريشان ٿيو. هن لاءِ هاڻي اهو ضروري ٿي چڪو هيو تہ هو ان جيلر کي جلد ڳولهي عدالت ۾ آڻي جيڪو غلام حسين جي بي گناهيءَ جو واحد ثبوت هيو. پر اهو جيلر هن کي ڪٿي نہ مليو. هو نااميد نہ ٿيو ۽ پنهنجي ڳولها کي جاري رکيو.

مهينو گذرندي دير ئي نہ لڳي. غلام حسين ڦاسيءَ جي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ سڀ آسرا لاهي موت جو انتظار ڪندو رهيو. هن کي ڪٿان بہ ڪا اميد جي روشني ايندي نظر نہ آئي. هو ڪمزور ٿي چڪو هيو ۽ اونداهي ڪوٺڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ منهن گوڏن ۾ لڪائي ويٺل هوندو هيو. هو هاڻي محسوس ڪري رهيو هيو تہ بي گناهي ڇا ٿيندي آهي؟ مظلوميت ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي؟ ۽ بي رحميءَ جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ هو لاچار ٿي چڪو هيو ۽ موت هن کي ڪجهہ قدمن جي فاصلي تي نظر اچي رهيو هيو.

جڏهن هن کي ڦاسي اچڻ ۾ بہ ڏينهن بچيا تہ هن جو دوست نيٺ ان جيلر تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جيڪو ڪنهن ڏورانهين ڳوٺ ۾ هڪ اهڙي ننڍڙي ٽاٽي جو انچارج هيو جتي اڃان بجلي نہ هئي. ان اتي پهچي جيلر سان حال احوال ڪيو ۽ ٻڌايو تہ هن جي دوست کي جلد ڦاسي اچڻ واري آهي. ڳالهہ جي اهميت کي سمجهي اهو هن سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويو. هڪ ڏينهن جي سفر ڪانپوءِ اهي فوجي عدالت جي هڪ آفيسر سان ملڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. جيلر اتي پهچي فوجين کي

حقيقت کان آگاهه ڪيو. پر انهن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. انهن سمجهيو شايد جيلر هڪ وڏي رشوت وٺي ان جي حق ۾ گواهي ڏئي رهيو آهي.

”پو تون ايڏا ڏينهن ڪٿي هئين؟“ هڪ فوجيءَ هن کان سواءِ ڪيو ”ان وقت ڇو نه ظاهر ٿئين جڏهن مقدمو هلي رهيو هيو؟“

”مونکي ڪا خبر نه هئي.“ جيلر چيو ”مون ته ڪڏهن اهو سوچيو به ڪونه هيو ته اهو بي گناهه شخص موت کي ايڏو ويجهو ٿي ويندو؟“

وضاحت ڪانپوءِ فوجين کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته ڪجهه آهي ضرور جيڪو پوريءَ طرح کلي انهن سامهون نه آيو آهي. ڳالهه سمجهڻ ڪانپوءِ فوجين غلام حسين کي شڪ جو فائدو ڏيندي هن جي موت جي سزا معطل ڪري هڪ حڪمنامي ذريعي اهو پيغام اماڻيو ته نئين گواهيءَ جي روشنيءَ ۾ هن تي نئين سر مقدمو هلايو ويندو ۽ حڪم نامي جي هيٺان ٻڌڻيءَ جي تاريخ درج ڪئي وئي.

غلام حسين کي لڳو جڻ ڪنهن اونداهي کوهه ۾ هيٺ ڪرڻ کان اڳ هن کي پويان پڪڙي پري ڪيو ويو هجي. هو دل ۾ پنهنجي ان دوست جو شڪر گذار ٿيڻ لڳو جنهن جي جستجو هن جي جان بچائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي هئي. گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ رات ننڊ ڪندي گذاري. ٻئي ڏينهن هن کي واپس بيرڪ ۾ آندو ويو. جتي هو عدالت پاران ڏنل ٻڌڻيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو. ان وچ ۾ ملڪ جون حالتون خراب ٿي چڪيون هيون. ڪيترن ماڻهن کي شهرن جي چوراهن تي سرعام ڦاسيون ڏنيون ويون ۽ سوين بي گناهن کي ڪوڙا هنيا ويا. جمهوريت لاءِ جدوجهد ۾ ماڻهو هٿيار کڻي ٻاهر نڪتا ۽ هڪ وڏي ويڙهه شروع ٿي وئي. ڪيترن ڳوٺن تي بم وسايا ويا. ڪيئي ماڻهو ٽينڪن هيٺان چيڀاٽجي ويا. پوري فوج ان مصلح جدوجهد کي منهن ڏيڻ ۾ مصروف ٿي وئي.

غلام حسين جيل اندر مقدمي جي تاريخ جو انتظار ڪندو رهيو. پر ملڪي حالتن ڪري هن کي ڪڏهن به ڪنهن فوجي عدالت ۾ پيش نه ڪيو ويو. تاريخن پويان تاريخون گذرنديون ويون ۽ غلام حسين کي جيل ۾ ڪيترا سال گذاري ويا. باغين هڪ دفعو جيل جي پٽ پيجي ڪيترن قدين کي آزاد ڪرايو پر غلام حسين کي ڀڄڻ جو موقعو نه ملي سگهيو. باغين پاران ٿيل ان حملي ۾ هو مرندي مرندي بچيو. ڪيتريون گوليون هن جي ڪنن وٽان لنگهي ويون ۽ جيل ۾ هر طرف ٻرندڙ باهه ۾ هن لڪي جان بچائي. رت ۽ باهه جي درياهه ۾ وقت لڙهندو ويو. غلام حسين جيڪو جيل ۾ اچڻ وقت نوجوان هيو ان جي ڏاڙهيءَ ۾ اڇا وار ڳوڙهن جيان چمڪڻ لڳا. هو اڌوهيءَ جو ٿي چڪو هيو. هن جي زندگيءَ جا خوبصورت ڏينهن جيل اندر بسر ٿي چڪا هيا. غلام حسين هاڻي گهٽو نه ڳالهائيندو هيو. هو جيل جي ماحول جو حصو ٿي چڪو هيو. هن کي محسوس ٿي رهيو هيو ڪاري رات جو انت ڪٿي به نه آهي. اميد جو سج ڪڏهن اڀرڻو نه آهي. بي بيگناهيءَ جي واٽ تي هلندي لاوارث بي ڪفن مري ويندو ۽ جيل جي انتظاميا هن جي لاش کي پٽ ٻاهران ڦٽو ڪندي. جتي هو گمنامين جي انڌيرن ۾ گم ٿي ويندو. هو بي گناهيءَ جي احساس کان ذري گهٽ چريو ٿي چڪو هيو. ڪڏهن هو

جنون ۾ اچي پنهنجن بي ترتيب وڏن وارن کي هٿ وجهي پٽڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. هو سوچيندو هيو اهڙي ڏکي قيد کان چڱو هيو ته هن کي ڦاسي اچي وڃي ۽ هو موت جي منهن ۾ وڃي بي گناهي ۽ بي وسيءَ جي احساس کان آجو ٿئي.

هڪ دفعي هو بيرڪ ۾ بستري تي ليٽي ڇت کي گهوري پنهنجي ماضيءَ تي سوچي رهيو هيو ته جيل اندر هڪ وڏو لڙمچي ويو. ڪيترن قيدين جي ٺهڪن جا آواز اچي رهيا هيا ۽ ڪيترا قيدي هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏئي رهيا هيا. هر طرف نعرا بلند ٿي رهيا هيا. غلام حسين اٿيو ۽ هن جڏهن پڇيو ته هن کي ٻڌايو ويو "فوجي آمر پنهنجي ساٿين سميت جهاز جي حادثي ۾ مارجي چڪو آهي."

ڪجهه ئي ڏينهن ۾ ملڪ اندر اليڪشن ٿي ۽ جمهوري دور واپس اچي ويو. نشرياتي ۽ اشاعتي ادارن تان سنسرشپ ختم ڪري انهن کي آزاد ڪيو ويو. انساني حقن جون تنظيمون وري سرگرم ٿي ويون. غلام حسين جي ڪيس جو نئين سر جائزو وٺي هن کي آزاد ڪيو ويو. جمهوري حڪومت هڪ خط ذريعي هن سان معذرت ڪئي. جنهن ۾ اهو لکيو ويو "آمريت جي دور ۾ هڪ غلط فهميءَ جي بنياد تي هن سان جيڪي وهيو واپريو ان تي هر ڪو شرمسار آهي ۽ جمهوري حڪومت هن سان معذرت ڪندي آزاديءَ جو حڪم نامو جاري ڪري ٿي."

غلام حسين جڏهن جيل مان نڪتو ته هو ٻين کي هٿ ڏئي هلي رهيو هيو. هن جي ڄنگهن جي طاقت ختم ٿي چڪي هئي پر هن جي من اندر هڪ وڏو طوفان لڪيل هيو. هو هڪ اهڙي تجربي مان گذريو هيو جيڪو جهنم جي باهه جي احساس کان به بدتر هيو. هن وٽ هزارين مشاهدا ۽ پوڳنائن جا انبار هيا. آزاد ٿي هو گهر پهتو. هن ٽيبل جي خاني ۾ هٿ وجهي پنهنجو اڻ پورو ناول ٻاهر ڪيو ۽ پوءِ هن لکڻ شروع ڪيو. هو لکندو ويو. لکندو ويو. ۽ لکندو ويو.

***

ڀاءُ جي نصيحت

وڏو ڀاءُ ڏاڍو فڪرمند هيو. سدائين ننڍي ڀاءُ لاءِ پيو سوچيندو هيو. ننڍو ڀاءُ ڪو ڪم نہ ڪندو هيو. ڳوٺ ٻاهران ڏمڻ ماڇيءَ جي هوٽل تي ويهي چانهہ پيئندو هيو ۽ مائي ڀاڳيءَ جا ڪلام ٻڌندو هيو.

اهي ساوڻ جا ڏينهن هيا، هر طرف جل ٿل هيو. چڱا مينهن وسيا هيا. دريائن ۾ پاڻي بہ سرس آيو هيو. ٻنيون ٻارا پاڻيءَ سان اهڙا سٽيل هيا جو انهن وچ ۾ زمين ٽڪر نظر نہ پئي آيو. هر ڪو ڪم ڪار سان لڳل هيو. هارين جا هر چيڪڙ ۾ پرجي ويا ۽ ڏاند سهڪڻ لڳا. هر ڪو ساريالي فصل جي تياريءَ ۾ مصروف هيو. گوڏي پاڻيءَ ۾ رونبو ٽيڻ لڳو ۽ نانگ ترندي نظر آيا. چند ٻگيا ٻگيا تي پوک جي پاڻيءَ ۾ لڏڻ لڳو ۽ ڏيڏرن آسمان مٿي تي کنيو.

وڏو ڀاءُ ڪوڏر ڪلهي تي رکي گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ آلي چيڪڙ ۾ احتياط سان آهستي هلندو جڏهن هوٽل اڳيان لنگهيو تہ ڏٺائين ننڍو ڀاءُ گوڏن کي پوتڙ ويڙهي چانهہ جون چسڪيون وٺي مائي ڀاڳيءَ جي ڪلام تي ڪنڌ لوڏي رهيو آهي. اهو ڏسي وڏي ڀاءُ جو اڳتي وڌڻ رڪجي ويو. هن سوچيو چو نہ ننڍي ڀاءُ کي نصيحت ڪيان جيئن هو راهہ راست تي اچي ۽ جڏهن هر ڪو ڪم سڪار سان لڳل آهي ۽ روزگار جو رستو کليل آهي، هو بہ نياڳ چڏي اچي ٻين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي محنت ڪري پنهنجن پيرن تي بيهي. اهو سوچي هو گپ ۾ پير پير ۾ ڏئي اچي هن پرسان وينو. وڏي ڀاءُ کي پرسان ويٺل ڏسي ننڍو گوڏن تان پوتڙو ڇوڙي ادب مان سڌو ٿي وينو. ”منهنجا ڀاءُ.“ وڏي چيو. ”ڇو ٿو اجايو وقت وڃائين. مان توکي هوٽل تي ويهڻ ۽ چانهہ پيئڻ کان روڪڻ نہ آيو آهيان. تون ڀلي هتي ويهہ ۽ چانهہ پي مائي ڀاڳيءَ جا ڪلام ٻڌ، پر منهنجي نصيحت تي پڻ عمل ڪر.“ نئين پئرا ”حڪم ڪر منهنجا ڀاءُ... ڪهڙي نصيحت؟“ ننڍي وراڻيو.

وڏي هوٽل ۾ ٽيبل پرسان ڪوڏر رکي ۽ ڀاءُ سامهون سڌو ٿي وينو.

”مان توکي ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ دنيا ڪيڏي ترقي ڪئي آهي. ماڻهون ڪڏهن جو وڃي چنڊ تي پهتو آهي ۽ مريخ تي پهچڻ وارو آهي. هر طرف انسان محنت ۾ ڀڄ ڊڪ ۾ مشغول آهي. هرڪو چاهي ٿو تہ هڪ سٺي زندگيءَ گذاري دنيا ۾ سرخرو ٿئي. هن وٽ دولت هجي. پئسو پائي ۽ ڪار بنگلو هجي ۽ صحتمند ٻار هجن. پر مان ڏسان ٿو تہ تو ۾ ڪو حال ڪونهي ڳوٺ جا سڀ پورهيت پوکن ۾ مصروف آهن. هرڪو رونبو ڪري روزگار حاصل ڪري رهيو آهي، پر تون هتي هوٽل تي ويهي اجايو وقت وڃائي پاڻ کي برباد ڪري رهيو آهين.“

”تہ پوءِ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي ادا... جيئن تون صلاح ڏئين.“ ننڍي چيو.

”منهنجي ڳالهہ مڃ.“ وڏي چيو.“ محنت ڪر. محنت ڪندين تہ وڏو ماڻهون ٿيندين. سستي ڇڏي

چستي ڏار. پنهنجا هڏ ۽ مغز کول. جسم کي تڪليف ڏي. اٺ ۽ ڪم کي لڳي وڃ. آن ايندو گنديون پريبيون ته سياڻو سڏبين.“

ننڍو سوچ ۾ پئجي ويو ۽ ڏاڙهي کنهي وڏي کي ڏسڻ لڳو.

”پر ادا ڳالهه ته ٻڌ.“ ننڍي چيو ”صبح سان سبزين جا ٽوڪرا گاڏيءَ تي رکرائيم. ڪڙهائيءَ واري کي واڙي تان کير ڪٽائيم ۽ گاهه ڪٽي واڙي تي پهچائيم. بس چانهه پاڻيءَ جا پئسا نڪري آيا... بيو چا گهرجي؟“

وڏو ڀاءُ ننڍي جي ڳالهه ٻڌي منجهي پيو. هو سوچڻ لڳو ته ننڍي کي ڪيئن سمجهائجي ته اهو سڀ زندگي گذارڻ لاءِ اڻپورو آهي.

”نه منهنجا ڀاءُ تون منهنجي ڳالهه نه سمجهي.“ وڏي چيو. ”اهو جيڪي ڪجهه ڪمائي رهيو آهين اهو نه هجڻ جي برابر آهي. توکي گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي ۽ هن زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ سڀ کان گوءِ کڻي اڳتي وڌڻو آهي.“

ننڍي ڪجهه نه ڳالهايو ۽ وڏي ڀاءُ جي ڳالهين کي غور سان ٻڌندو رهيو. وڏو هن کي سمجهائڻ جي پوري ڪوشش ڪرڻ لڳو.

”منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌ.“ وڏي چيو. ”اڄ مان جيڪا توکي نصيحت ڪرڻ وارو آهيان اها زماني جي حقيقت آهي. توکي اهڙي رستي جو ڏس ڏئي رهيو آهيان، جيڪو سولو ۽ ويجهو آهي. جيڪڏهن تون ان تي هلندين ته وقت کان پهريون منزل تي پهچي ويندين. توکي جيڪڏهن ڪمائڻو آهي ته دل کولي ڪماءِ. وڏيڪ محنت ڪري وڏيڪ پئسا ڪماءِ. هڪ ڏينهن تو وٽ ايترا پئسا ڪٺا ٿي ويندا جو تون انهن مان هڪ مينهن وٺجاءِ ۽ مينهن جي خوب خدمت ڪجانءِ. ان کي تازو گاهه کارائجانءِ ۽ جهنگ ۾ گهمائجانءِ ڦرائجانءِ. اها توکي ججهو کير ڏيندي. پوءِ تون اهو کير وڪڻي پئسا گڏ ڪجاءِ. تو وٽ ايترا پئسا گڏ ٿي ويندا جو تون پوءِ هڪ ٻي مينهن وٺجاءِ ۽ ائين هڪ ڏينهن تو وٽ مينهن جو واڙو ٿي ويندو. پر هڪ ڳالهه ٻڌ تون کير ۾ پاڻي ضرور ملائجاءِ. پر ايترو گهڻو نه ملائجاءِ جو کير ڇڊو ٿي وڃي ۽ ماڻهون توکان کير وٺڻ کان پاسو ڪن. اهڙي طريقي سان ملائجانءِ جو وٺڻ واري کي خبر نه پوي. جڏهن تو وٽ گهڻا پئسا گڏ ٿي وڃن ته تون انهن مان ٿوري زمين وٺجانءِ. زمين ڪنهن هاريءَ کي ٻٽيءَ تي ڏئي وقت جو انتظار ڪجانءِ ۽ جڏهن فصل تيار ٿئي ته ان سان ڦڏو ڪري گهڻو اَن ڦٻائڻ جي ڪوشش ڪجاءِ. جيڪڏهن هاري ڪِرڪِر ڪري ته ان کي چيلهه ۾ لت هڻي ان جي عزت ۾ هٿ وجهجانءِ. جيڪڏهن پوليس ۾ وڃي ته تو وٽ پئسي جي ڪمي نه هوندي. صوبيدار کي رشوت ڏئي واپس روانو ڪجانءِ. هاري مجبور ٿي تنهنجن قدمن ۾ ڪري پوندو. جاڙي ويندين تنهنجي پويان هلندو ۽ تنهنجو وفادار ٿي پوندو. ائين تون گهڻيون زمينون وٺجانءِ. تو وٽ هڪ ڏينهن سوين ايڪڙ زمين هوندي ۽ هزارين هاري هوندا. تو وٽ وڏو راڄ ڪاڄ هوندو. ماڻهو تنهنجا سلامي ٿيندا ۽ تون پنهنجي تڪ جو چڱو مڙس ٿي ويندين. جڏهن تنهنجي

تڪ يا پرپاسي جهيڙا ۽ ڪاري ڪاريءَ جا قصا ٿيندا تہ سپ جرگو سڏائي تو وٽ پهچي ويندا. تون انهن ڏينهن ۾ وڏيون ميڇون رکرائجانءِ ۽ هر هر هٿ سان وڪڙ ڏئي مڇ کي مٿي ڪجانءِ. هر جرگي کان پوءِ ماڻهو هڪ وڏي رقم توکي منصف طور عيوضي ۾ ڏيندا ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪاريءَ کي قتل ڪرڻ کان اڳ تو وٽ رهائين تہ ان سان تو وٽ ڇيڙڇاڙ جا مڪمل اختيار هوندا. سپ تنهنجي هٿ ۾ هوندو، ڪنهن جي پڳ لاهين يا ڪنهن کي ٻڏرائين. جيڪڏهن تون اجان بہ همت ڪندين ۽ پنهنجي پرپاسي وڏيرن ۽ چڱن مڙسن کي گڏ ڪري انهن جي صلاح سان قبيلائي جهڳڙا ڪرائي بہ چار معمولي ماڻهو مارائي انهن جي وارثن جي پنيرائي ڪري فيصلن ۾ انهن جو امين ۽ همدرد ٿي ويهندي تہ ماڻهن جي دل ۾ تنهنجي عزت ۽ خوف وڌي ويندو سپ تنهنجي تابع ٿي پوندا ۽ جتي ويندين اتي تنهنجا هٿ چمندا. پنهنجي دهشت ويهارڻ لاءِ هڪ ٻيو ڪم ڪجانءِ. اوڙي پاڙي جا لوفر گڏ ڪري ڌاڙيلن جو ٽولو ناهجانءِ ۽ انهن کي ضرورت وقت پنهنجي اوطاق ۾ پناهہ ڏجانءِ. تڪ جا لاوارث ۽ واٽيا اغوا ڪرائي انهن وٽ همدرديءَ طور تڏي تي وڃي ڏک جو اظهار ڪجانءِ ۽ انهن کي خاطري ڪرائجانءِ تہ انهن جا اغوا ٿيل ماڻهو تنهنجي ڪوشش سان جلد بازياب ٿي گهر پهچي ويندا. پوءِ شريفن ۽ ڌاڙيلن جي وچ ۾ دلاليءَ جو ڪم ڪجانءِ. پنگ ۾ جيڪي پئسا ملن انهن مان اڌ پاڻ ڪٽجانءِ ۽ اڌ ڌاڙيلن کي ڏجانءِ. تنهنجو اثر ۽ رسوخ ڏسي فوجي حڪمران توڏانهن پنهنجو ايلچي موڪلي وزارت جي آڇ ڪندا جيڪا تون ڪڏهن نہ نڪرائجانءِ ۽ هڪدم وزارت قبول ڪري سياست ۾ داخل ٿجانءِ. جيئن فوجي چون انهن سان ها ۾ ها ملائجانءِ. جيڪڏهن ائين ڪندين تہ ڪاميابي تنهنجا قدم چمندي ۽ تنهنجن هٿن ۾ وڏي طاقت اچي ويندي.

پوري تڪ ۾ تو جهڙو طاقتور ماڻهو ٻيو ڪوبہ نہ هوندو. پوليس توکان ڊڄندي ۽ اها تنهنجي مرضي هوندي تہ ڪنهن کي اندر ڪرائين يا ٻاهر. وڏا آفيسر تنهنجي در تي ايندا ۽ اهي پنهنجيون بدليون روڪرائڻ ۽ سٺيون ڪرسيون وٺڻ لاءِ توکي ايلاز منٿ ڪندا. حڪمرانن سان ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ضد نہ ڪجانءِ. ماڻهو جيڪڏهن آمريت خلاف آواز اٿارين تہ انهن کي ڌمڪائي چپ ڪرائجانءِ ۽ ها هڪ خاص ڳالهہ ڪڏهن بہ غيرت جو مظاهرو نہ ڪجانءِ. ٻہ چار شراب جون بوتلون گاڏيءَ جي ڊڳيءَ ۾ پاسيريون ڪري رکجانءِ ۽ ضرورت وقت ڪنهن فوجي آفيسر کي پيش ڪري سرخرو ٿجانءِ. آگسٽ جي مهيني ۾ ان ڏينهن صبح جو سوير اٿي هڪ منٽ جي خاموش اختيار ڪجانءِ پوءِ قومي سلامتيءَ جي دعا گهرجانءِ. ملڪي سياست تي سمجهي ڦوڪي قدم کڻجانءِ. فوجي حڪومت کي ڪمزو ٿيندو ڏسين تہ هڪدم ملڪ جي وڏي سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪجانءِ ۽ هڪ ڏينهن تون ڏسندين تہ شاهہ صاحب تو وٽ اچي مانجهاندو ڪري تنهنجي اهڙي عمل تي خوش ٿي ان کي آمريت جي شڪست ۽ جمهوريت جي فتح قرار ڏيندو. فوجي حڪومت جي خاتمي کانپوءِ تون عوامي نمائندي جي صورت ۾ سامهون ايندين ۽ تنهنجا وار نيارا ٿي ويندا.

توکي پارٽي هر صورت ۾ صوبائي اسيمبليءَ جي ٽڪيٽ ڏيندي ۽ ڪاميابي تنهنجا قدم چمندي، بس تون چڙو ڪوشش ڪري مخالف اميد وارن جا سَنڌ پڃائجانءِ ۽ چار هوائي فائر ڪري، هڪ اڌ سڌو فائر ڪجانءِ. ماڻهو مرندا يا زخمي ٿيندا انهن جي پرواهه نه ڪجانءِ. ابتا سبتا ٺپا هڻي پاڻ کي ڪامياب ڪرائي، دهلن ۽ دمامن سان شرنائيون وڄائيندو هڪ وڏي جلوس جي صورت ۾ چار ڪلاڪ روڊ بلاڪ ڪري پنهنجي اهميت جو احساس ڏيارجانءِ.

جڏهن اليڪشن کٽي پهريون دفعو اسيمبليءَ ۾ ويهندين ته تنهنجي سامهون مٿي هڪ نوڙهو اڳواڻ تقرير ڪندو. تون ڪوشش ڪري اڳين سيٽ تي ويهجانءِ ۽ ان جي تقرير جي هر جملي تي پنهنجي اڳيان پيل ٽيبل کي زور سان ڌڪ هڻي وڄائجانءِ. تون ڏسجانءِ اهي توکي وزارت ۾ هڪ وڏو قلمدان ڏيندا ۽ تون قلم هٿ ۾ جهلي هر ڪاغذ تي صحيح ڪجانءِ. ڪڏهن به آڱوٺي جو استعمال نه ڪجانءِ. منهنجي خيال ۾ ان پوري عرصي اندر قدرت توتي ايتري مهربان ٿي چڪي هوندي جو تون ٿورو گهڻو لکڻ پڙهڻ سکي پوندين ۽ توکي ڪابه ڳالهه سمجهڻ ۾ ڪا تڪليف ڪونه ٿيندي پر تڏهن به هوشياريءَ سان ڪم ڪجانءِ. توکي هڪ وڏو دفتر ملندو. جڏهن تون ڪرسيءَ تي ويهندين ته سڀ ماڻهو تو مٿان گهور پيا ويندا. هرڪو تو اڳيان مٺي زبان ڳالهائيندو ۽ احساس ڏياريندو ته وقت اچڻ تي اهو تو مٿان قربان ٿي ويندو. تون انهن جي ڳالهين ۾ نه اچجانءِ. اهي سنا ماڻهو نه هوندا. تون سياڻپ ڪري انهن کي استعمال ڪجانءِ. ڪڏهن به سڌا پئسا نه وٺجانءِ. آفيس ٻاهران ويٺل منشيءَ معرفت وٺجانءِ. هر نئين بجٽ ۾ تو وٽ پئسي جي ريل پيل وڏي ويندي. تو وٽ ٺيڪيدار ايندا ۽ شهر جا سرمائيدار تنهنجي دعوت ڪندا. نيون نوڪريون نڪرنديون ته نوجوان درخواستون کڻي تو وٽ پهچي ويندا. انهن کي آسرا دلاسا ڏئي درخواستون وٺي نوڪريءَ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏجانءِ ۽ اهي نوڪريون وڪڻي ڪروڙين روپيا ڪمائجانءِ. ڪڏهن وقت ڪڍي اسپتالن ۽ اسڪولن ۾ وڃجانءِ. جيڪڏهن اسيمبليءَ ۾ ڪڏهن ڳالهائڻ جو موقعو ملئي ته هڪ جملو هر هر استعمال ڪجانءِ ۽ اهو جملو اٿئي، ”ڪنهن به صورت ۾ سنڌ جو سودو ٿيڻ نه ڏبو.“

جيڪڏهن تون منهنجي صلاح ۽ نصيحت تي عمل ڪيو ته اهو ڏينهن پري نه آهي جنهن ڏينهن تو وٽ ڪيترين ئي گاڏيون هونديون ۽ هر وڏي شهر ۾ تنهنجا خوبصورت بنگلا هوندا. تون هزارين ايڪڙ ٻنين جو مالڪ هوندين ۽ ٻاهرين ملڪن جي بئنڪن ۾ تنهنجا ڪروڙين روپيا جمع هوندا.“

وڏي ڀاءُ ڳالهه پوري ڪري ننڍي ڀاءُ کي ڏٺو جيڪو وڏي ڌيان سان هن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هيو.

”پوءِ ڇا ٿيندو؟“ ننڍي ڀاءُ سوال ڪيو.

”پوءِ اهڙو وقت ايندو جڏهن تون آرام سان بنگلي جي اڱڻ ۾ ويٺو هوندين. سڀ ڪم ڪار تنهنجا نوڪر ڪندا. هڪ خوبصورت ٽيبل تي تنهنجي اڳيان چانهه جو ڪوپ رکيل هوندو ۽ تون ڏڪ ڀري مزي سان مائي ڀاڳيءَ جا ڪلام ٻڌندين. تون سوچ اهي ڏينهن ڪيڏا نه سڪون ۽ فرحت وارا هوندا.“ وڏي ڀاءُ چيو.

ننڍو ڀاءُ هڪ گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو.

”ادا اهوئي تہ ڪري رهيو هوس.“ ننڍي ڀاءُ چيو. ”مزي سان ڇانهہ ۾ رهيو هوس ۽ مائي ڀاڳيءَ جا ڪلام ٻڌي رهيو هوس. جيڪڏهن ڇانهہ ۾ مائي ڀاڳيءَ جا ڪلام ئي ٻڌڻا آهن تہ پوءِ ايڏي هٿڻ جو ڪهڙو فائدو!.“ وڏو ڀاءُ هن جي ڳالهہ تي ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ ڪوڏر ڪلهي تي رکي هليو ويو.

***

ڳوٽ

اونده جي
ٻن چيڙن وچ ۾
رکيل آهن،
انسان جي هٿ ترين تي،
زندگيءَ جا ڏيئا.
حياتي تيل جيان آهي
۽ موت،
لاٽ جو انجام.

راند ڪنهن به صورت ۾ کيڏڻي هئي. وقت جي پونجيءَ کي ڪٿي نه خرچ ڪرڻو هو. وقت جا لمحا، گهڙيون، ڏينهن رات، مهينا سال ۽ صديون آڪاش ۾ جهڙجي چڳل ٽڪڙن جيان لنگهي رهيا هيا. سج اڳيان ڪڏهن ڇانوَ ڪڏهن اس ۽ وجود وهڪري ۾ ويو پئي ڏڪجندو ڪارا تجندو ۽ چڙندو.

هو ڄاڻي پيو ته هن جو مدمقابل عام رواجي رانديگر نه آهي. اهو پنهنجي عقل ۾ لاثاني ۽ حرفت ۾ بي مثال آهي. ان جي آڱرين ۾ جادو آهي ۽ اکين ۾ اهڙي شرارت سمايل آهي، جنهن کان هو محفوظ نه رهي سگهندو، پر پوءِ به هن کي کيڏڻو هيو. کيڏڻ تمام ضروري هيو. چوهٺ اڇن ڪارن خانن واري راند هن اڳيان وڇائي وئي. ان جا خانا ڏينهن ۽ رات جيان هيا. هن سوچيو جيڪر هو آخري حد ڇهي سفلتا ماڻي سگهي ۽ سامهون ويٺل کي شڪست جا توتا چٻائي ڏند کٽا ڪري سگهي. هن جو مدمقابل بظاهر ڏاڍو محتاط هيو ۽ هيءُ پر اعتماد. هن سوچيو، هو پل وڏو رانديگر هجي پر هيءُ پنهنجي عقل ۽ ذات کي استعمال ڪري، ان لاءِ اهڙا چار وڇائيندو جو اهو وچڙندو ويندو ۽ هٿيار ڦٽا ڪري پيش پوندو.

جڏهن راند شروع ٿي ته هن جي حصي ۾ اچا اَٺ پيادا، ٻه هاٿي، ٻه اُٺ ٻه گهوڙا، هڪ وزير ۽ بادشاه آيو. هن کي بادشاه ڏاڍو عزيز هيو بادشاه جنهن ۾ هن جي عزت، پيار ۽ روح محفوظ هيو. بادشاه جيڪو قداور ۽ هشمت وارو هيو. بادشاه جنهن جي سونهن ۽ رعب هر شيءِ مٿان حاوي هيو. بادشاه جنهن جا هٿ هن پنهنجن چپن سان سوين دفعا چميا هيا. بادشاه جنهن مٿان هو جان گهورڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو هيو. هن ڏٺو اڇن ڪارن چوهٺ خانن مان ٻٽيهه والاريل هيا. هن جو مدمقابل بظاهر فڪرمند هيو. هن سوچيو هو اهڙي چال هلندو جو مخالف جون وايون بتال ٿي ويندڙيون ۽ اهو اچرج ۽ حيرت مان هن ڏانهن ڏسي پنهنجن ڪمزور هٿن جي ڏڪندڙ آڱرين سان ڳوٽ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو. هو ڏاڍو پر اعتماد هيو. هن کي پڪ هئي ته راند هن جي هٿن مان نه ويندي ۽ هو فتحياب ٿيندو. راند شروع ٿيڻ کان اڳ مدمقابل نظرون کڻي هن جي پر اعتماد منهن ڏي ڏٺو. هن جي چپن تي مرڪ هئي ۽ هو چال هلڻ جو

منتظر هيو.

”ڇا توکي راند جي اصولن جي خبر آهي؟“ مدمقابل ڇيو.

”ها... مان ڄاڻان ٿو راند جا اصول ڪهڙا آهن.“

”تہ پوءِ توکي ان ڳالهہ جي بہ خبر هوندي تہ راند توڙ تائين ڪيڏٽي آهي. جيستائين هڪ ڳوٽ بہ جيئري آهي يا جيستائين سڀ ڳوٽون مري ختم نہ ٿيون ٿي وڃن.“

”پر اها ڳالهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي تہ بادشاهہ جي مرڻ جي صورت ۾ ننڍين ڳوٽن جي ڪهڙي حيثيت هوندي؟“

”بادشاهہ جي مرڻ سان راند ڪمزور ٿيندي.. ختم نہ ٿيندي“

”بادشاهہ جي مرڻ سان، پيادا، هاٿي، اٺ، گهوڙا ۽ وزير ڪنهن لاءِ وڙهندا؟“

”بادشاهہ جي مرڻ جي صورت ۾ اهي سڀ پنهنجي جان جي حفاظت ڪندا ۽ پنهنجي بچاءَ خاطر وڙهندا.“

”تہ پوءِ انت ڪٿي ٿيندو؟“

”جڏهن آخري ڳوٽ پنهنجو دَمُ ڏيندي.“

هو ٿي ڪجهہ دير چپ ٿي ويا ۽ نظرون هيٺ ڪري ڳوٽن کي ڏسندا رهيا.

هن جي مدمقابل سوچيو. هو هرچال محتاط ٿي کيڏندو. هن کي خبر هئي تہ راند ۾ بادشاهہ کي وڏي اهميت آهي. بادشاهہ جي ختم ٿيڻ سان راند ختم تہ نہ ٿيندي پر ان جو مقصد فنا ٿي ويندو. اها بي سبب ٿي ويندي. هن جي هر ڳوٽ لاوارث ٿي مرڪز کان الڳ ٿي ويندي. ڳوٽ جو هر قدم لاحاصل ٿي ويندو ۽ ان جي وجود جي ڪا اهميت نہ رهندي. جيڪڏهن اهي بادشاهہ جو بچاءُ نہ ڪري سگهيون تہ پنهنجي جان جي حفاظت ڪيئن ڪنديون؟ ۽ ائين بادشاهہ جي ختم ٿيڻ جي صورت ۾ پياچ ڪائي پوئتي پيچنڊڙ لشڪر جي حيثيت پويان لڱنڊڙ تير ڪري هيٺ ڪرنڊڙ سپاهين جهڙي ٿي ويندي. هو سوچ ۽ فڪر سان اهڙي چال هلندو جو پنهنجي هر ڪارآمد ڳوٽ جو بچاءُ ڪندي اڳتي وڌي هڪ ڪاپاري ڏڪ هڻندو.

مدمقابل جي انداز کي ڏسي هن سوچيو. هو جيئن پيادي کي اڳتي وڌائندو تہ هو پنهنجي گهوڙي کي ٽپ ڏياري وچي هن جي آخري قطار ۾ بيٺل فوج جي مک سربراهہ آڏو بيهاريندو ۽ پوءِ جڏهن هن جو مخالف هن جي ويجهو ايندو تہ هو اٺ کي پاسي سان رکي حملي لاءِ تيار ڪندو ۽ هاٿين کي ٻاهر آڻي وزير کي ڇيپاڻڻ جي ڪوشش ڪندو. جڏهن راند اڳتي وڌندي تہ هو پنهنجي وزير کي ميدان ۾ آڻي بادشاهہ کي ”شهہ“ ڏئي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيندو. هو سوچيندو ويو ۽ مرڪندو ويو. هن زندگيءَ جي سفر ۾ ڪيترا تجربا ڪيا هيا ۽ مشاهدا ماڻيا هيا. هن ڪافي اٽڪلون ۽ ڪرتب سکيا هيا. هن ڪيتريون چالون سکيون هيون.

”تہ پوءِ پهرين چال تون هلندين؟“ هن جي مدمقابل ڇيو.

”نہ... تون.“ هن جواب ڏنو.

هن کي خبر هئي تہ چال جي شروعات انت جو ڏس ڏيندي آهي. شروعات جي انداز مان مدمقابل جي ارادي جي پروڙ پوندي آهي.

هن جي مدمقابل تعريف ڀريل نظرن سان هن ڏانهن ڏٺو. ان جي اکين ۾ هن لاءِ داد سمايل هيو. پوءِ ان هٿ وڌائي آڱرين سان هڪ پاسي وارو پيادو اڳتي سوريو. هو سمجهي ويو تہ هن جو مدمقابل هاٿين جو رستو کولي رهيو آهي ۽ هڪ وڏي وارَ جي تياري ڪري رهيو آهي. هن مدمقابل جي چال کي سمجهي گهوڙن جو رستو کولڻ لاءِ اڳتي هٿ وڌايو. پوءِ هڪ جنگ ڇڙي پئي. راند جا جانور پيادن مٿان ٽپا ڏئي هٽڪڻ لڳا. وات سان سنک وڄائي رڙڻ لڳا ۽ ڪپ ڪيڏي ڊوڙڻ لڳا.

هن جو مدمقابل ڇنبدي ڦوڪي قدم ڪٽي رهيو هيو ۽ وڏي اعتماد مان ڳوٽن کي اڳين صفن ۾ آڻي ڄار وڇائي رهيو هيو. راند هلندي رهي ۽ اڃان سڀ ڳوٽون سلامت هيون.

هڪ گهڙي اهڙي آئي جو هن جو مدمقابل جڻ منجهي ويهي رهيو. هن جي نرڙ ۾ گهنج پئجي ويا ۽ هو سوچ ۾ ٻڏي ويو. ائين پئي ڏٺو جڻ اهو داوءَ جي چال ۾ ڦاسي پيو هجي. ان محسوس ڪيو هجي راند ان جي هٿن مان نڪرندي پئي وڃي. اهو گهڻي دير چپ ڪري ويهي ڳوٽن کي جاچيندو رهيو.

”اڃان تہ راند جي شروعات آهي.“ هن چيو ”تنهنجي منهن تي مايوسي جون ايڏيون ريکائون ڇو؟“

هن جي ڳالهہ تہ مدمقابل جو ڪنڌ هيٺ تي ويو. جڻ ان کي ڏک پهتو هجي.

”مان واقعي ئي مايوس ٿيو آهيان.“ ان چيو ”ڇو جو راند وقت کان اڳ ختم ٿي چڪي آهي.“

”ڪيئن؟“

”شايد توکي خبر نہ آهي؟“

”مان سمجهان ٿو اهڙي ڳالهہ نہ آهي.“

”نہ.“ مدمقابل چيو ”تون غلط سمجهي رهيو آهين.“

”تہ پوءِ چال هل.“ هن چيو.

هن جي مدمقابل هٿ وڌائي ڳوٽ کي اڳتي وڌايو ۽ پوءِ چيو.

”شهہ“

هن هيئنان ڊرتي نڪري وئي. هن هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. سڀ رستا بند ٿي چڪا هيا. هن جو پيارو بادشاهہ پڳل تلوار سان زخمي وچ ميدان ۾ بيٺل هيو. ان جي ساڄي پاسي اٺ هيا. کاٻي پاسي هاٿي هيا. سامهون گهوڙا هيا ۽ هڪ وزير کي هٿن ۾ فرمان هيو جنهن کي هو تيز آواز ۾ پڙهي پنهنجي فتح ۽ هن جي شڪست جو اعلان ڪري رهيو هيو. وزير پويان فاتح بادشاهہ پنهنجي چمڪندڙ تلوار مياڻ مان ڪيڏي هوا ۾ لهرائي ٿهڪ ڏئي رهيو هيو.

هن پنهنجي زخمي بادشاهہ کي بچائڻ لاءِ آخري ويڙهہ شروع ڪئي. وزير کي وزير اڳيان آندو جنهن تلوار هڻي هن جي منڍي الڳ ڪري ڇڏي، سڀ گهوڙا پٽر جا ٿي ويا. سڀ اٺ ميڻ جا ٿي ويا. سڀ هاٿي

عاج ۾ تبديل ٿي ويا ۽ پيادا رڻ ۾ مٽيءَ تان بيٺل تيز سج هيٺان پگهرجي واريءَ ۾ جذب ٿي ويا. ميدان ۾ بادشاهه پنهنجي ليڙون ليڙون لباس سان بيٺو رهيو. هو نه پيو چاهي ته هن جو بادشاهه ختم ٿي وڃي. هن جو بادشاهه ميسارجي وڃي. هن وٽ رحم جي اپيل جو ڪوبه اختيار نه هيو. اها سڀ راند هئي ۽ راند جا ڪي اصول هيا جن تي هلڻ ضروري هيو. هن گهڻو سوچيو پر هن جو اعتماد ذرا ذرا ٿي پڳل شيشي جيان وکرجي ويو. هن جي سوچن جا قدم زخمي ٿي رت ڳاڙڻ لڳا. هو روئڻ هارڪو ٿي ويو. هن محسوس ڪيو. هو وڏي خوشفهميءَ ۾ مبتلا هيو. هن مدمقابل جي قابليت جو صحيح اندازو نه لڳايو هيو. اهو وڏو حرفتي ۽ هوشيار هيو. راند عروج تي نه پهتي هئي ته ان جو انت ٿي ويو. سندس هن پئي چاهيو ته جيڪر بادشاهه نه مري. هو جيڪر ان لاءِ ڪجهه ڪري سگهي، پر اهو سڀ هن جي وس کان ٻاهر هيو. هن جو بادشاهه مايوس اکين سان هن ڏانهن نهاري رهيو هيو. انهن ۾ حياتيءَ لاءِ التجا سمايل هئي. هڪ اداسي سمايل هئي. ”مونکي معاف ڪجانءِ منهنجا پيارا بادشاهه. مان تولاءِ ڪجهه نه ڪري سگهيس“ هن چيو. .اهو سڀ منهنجو قصور هيو. مان تنهنجي حياتي ۽ بچاءَ لاءِ بهتر نه سوچي سگهيس. مان تنهنجي زخمي وجود تي مرهم نه هڻي سگهيس. منهنجو ضمير ڏوهي آهي ۽ مان ان ڏوهه کي روح جي گهرائين تائين محسوس ڪري رهيو آهيان.“

هو هڪ ڏکي سوچ ۾ گم هيو ته اوچتو ساڳيو آواز گونجيو.

”شهه“

هن راند مان پنهنجو هٿ ڪڍي پاسي ڪيو ۽ پوءِ چپ ڪري ويهي اندر ۾ سڏڪڻ لڳو. ٿوري دير ۾ بادشاهه اکيون ٻوٽي هيٺ ڪري پيو ۽ سڌو ٿي سمهي پيو. هن جو اندر رڙيون ڪرڻ لڳو. هن جي من ڳوڙهن جا ڍڪ پريا، ڳيت ڏئي هن هر هر لڙڪن جو سيلاب اندر پيئي اوتيو. هن جو بادشاهه مري چڪو هيو. سڀ گهوڙا، اٺ، هاٿي ۽ پيادا شڪست کاڌل لشڪر وانگر ۾ بيٺل هيا. اتي بادشاهه نه هيو. هن جي مدمقابل واهه جو وار ڪيو هيو. پهرين ڏک سان راند جو پاسو پلٽي وڏو هيو. هو مايوس ٿي چڪو هيو. هن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. هن ۾ مدمقابل سان اکيون ملائڻ جي همت نه هئي.

”راند جاري رهندي“ مدمقابل چيو.

”پر منهنجو بادشاهه مري چڪو آهي.“ هن جواب ڏنو.

”بادشاهه جي مرڻ سان ڪو فرق نه ٿو پوي.“

”اهو ڏکيو آهي ته مان بادشاهه بنا راند جاري رکان.“

”نه... تون راند جا اصول ٽوڙي رهيو آهين.“

”مان مايوس ٿي چڪو آهيان.“

”پر ميدان مان ڀاڄي ٿي ڀڄڻو نه آهي.“

”مونکي ان لاءِ وڏو پٿر سيني تي رکڻو پوندو.“

”مان توکي ڀڄڻ جي اجازت نه ڏيندس.“

”ائين نہ ڪر... رحم ڪر... ڪجھ ڪهل ڪاءُ... راند ختم ڪر.“

”ايڏو بزدل نہ ٿيءُ.“

هو وري هيٺ ڪنڌ ڪري ويهي رهيو. ڳوڙها هن جي اکين مان وهي راند مٿان ڪري هاريل رت جيان نظر اچڻ لڳا. هن همت ڪري هٿ وڌائي ڳوٽ کي اڳتي سوريو ۽ پوءِ هن جا اٺ چرين جيان ٽِرشا ڊوڙي صحرا جي انت کي ڳولهڻ لڳا. هن جا هاٿي مستن جيان هلندا پٿين سان ٽڪرائجڻ لڳا. هن جا گهوڙا بي سبب ٽپا ڏئي ٻوٽ پر پئي ڪريا. هن جا پيادا رستو وڃائي وېٺل لشڪر جا بچي ويل اڪايل فرد هيا.

هو بادشاهہ بنا راند کيڏندو رهيو ۽ سڏڪندو رهيو.

***

گونگام ٻوڙا ۽ انڌا

هن سان دنيا ۾ وڏيون ناانصافيون ٿيون. هو رنو تہ هن جي اکين جا ڳوڙها سڪي چڪا هيا ۽ خشڪ چپن مان اچ هيٺ ڳڙي رهي هئي. وقت ۽ حالتن هن کي نستو ڪري ڇڏيو. هن سوچيو هو وقت کان بدلو وٺندو. ناانصافين جو حساب ڪندو. ظلم ۽ نفرت جي باهہ کي پنهنجي رت سان وسائيندو. هو هر هنڌ درد جي دانهن ڏيندو. ماڻهن جي من ۾ جذبو جاڳائيندو ۽ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو هر هنڌ امن هوندو. شانتي هوندي ۽ پيار گيتن جي پايل پائي رقص ڪندو. هو پنهنجو چچريل زخمي جسم ڪٽي سٽ ڏئي اٿيو ۽ ليڙون ليڙون لڙڪندڙ لٽن سان زخمن کي لڪائي منڊڪائيندو هڪ اهڙي دنيا ۾ اچي پهتو جتي هر طرف اوندهہ هئي. ماڻهو اوندهہ ۾ ٿاڦوڙا هڻي هيڏانهن هوڏانهن رستو ڳولهي رهيا هيا. اتي اوندهہ ڪاري ڪپڙي جيان اکين کي ويڙهيل هئي. هرڪو ٻئي سان ٽڪرائجي رهيو هيو. افراتفريءَ جو عالم هيو. اوندهہ ۾ هيٺ ڪريل کي ڪوبہ سهارو ڏئي اٿارڻ وارو نہ هيو. ماڻهو پيرن ۾ لتاڙجي پيسجي رهيا هئا.

”ڪير آهي هن سماج جو رکوالو. هن اوندوهہ جي انڌي معاشري جو جوابدار ۽ بي نور قدمن هيٺان پيسجندڙ مظلوم لاچار رڙين کان بيگانو؟“ هن اتي اوندهہ ۾ پهچي زور سان چيو ”ڪير آهي هن ڪاري دستور جو محافظ جنهن تحت هر طرف جهالت کي پروان چڙهڻ لئي ائين آزاد ڇڏيو ويو آهي؟ ڪير آهي هن انڌي سماج جو اڳواڻ؟ ڳالهايو. اي اوندهہ جو ڪاج ٿيندڙ انسانو.اي ازل کان اوندهہ جي چڪيءَ ۾ پيسجندڙ ايامن کان انڌيرن ۾ ٿاڦوڙا هڻندڙ هيٺن هڏن وارا حيوان کان بدتر انسانو.!“

هو اوندهہ ۾ رڙيون ڪندو رهيو ۽ هو اتي افراتفريءَ جي عالم ۾ ڪاري اوندهہ اندر ڪنهن کي نظر نہ آيو. هن جو آواز انڌي ٿاڦوڙا هڻندڙ عوام جي آهن ۾ دٻجي ويو.

”اٿو ۽ هر طرف آڳ لڳائي ڇڏيو. اها آڳ توهان جي اکين کي جلا بخشيندي. ان آڳ جي روشنيءَ ۾ اوندهہ سڙي رک ٿي ويندي ۽ اها آڳ جي روشني توهان کي نوبنو ڪندي.“

هو وڏي آواز ۾ اوندهہ اندر رڙيون ڪري چوندو رهيو. هن جي ڪنهن هڪ نہ ٻڌي. سڀ اوندهہ جا هيراڪ ٿي چڪا هيا. اوندهہ انهن جي زندگي هئي. اوندهہ انهن جو فلسفو هيو. اوندهہ انهن جي سياست هئي ۽ اوندهہ انهن جو ادب هيو علم هيو.

هو پوءِ ان دنيا جو حصو ٿي ويو. اوندهہ هن جي اکين ۾ لهي وئي. اوندهہ ۾ مسلسل رهڻ ڪري هن جي اکين ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. هن جو نور موڪلائي ويو. هو ٿاڦوڙا هڻڻ لڳو ۽ رستو ڳولهڻ لڳو. جڏهن هو گهڻي جدوجهد ڪانپوءِ ان اوندهہ جي دنيا مان نڪري ٻاهر آيو تہ هو انڌو ٿي چڪو هيو.

هو پنهنجي لاغر چڪنا چور زخمي جسم سان لٽ سهاري ٽاڦوڙا هڻندو اڳتي وڌيو. هن جون اکيون موڪلائي ويون هيون. هو اڳي کان هيٺو ٿي چڪو هو. هن جا هٿ هوا ۾ هيڏانهن هوڏانهن تڙپي رستو تلاش ڪري رهيا هيا. هڪ اهڙو رستو جنهن تي هلي هو پنهنجي ناسور بڻيل زخمن جي مرهم تلاش ڪري سگهي. پنهنجن ڏکن دردن ۽ پيڙائن جو حل ڪڍي سگهي. هو هلندو رهيو ۽ پوءِ هو گونگن جي دنيا ۾ پهچي ويو.

گونگن جي دنيا ۾ سيني جون زبانون ڪٽيل هيون. انهن کي قطار ۾ بيهاري ڪنڌ مٿي ڪري آسمان کي نهارڻ لاءِ چيو ويو هيو ۽ پوءِ پڇيو ويو هيو. ”ڇا آسمان ۾ ڏينهن جو تارا آهن؟ ڇا آسمان ۾ رات جو سج اڀري ٿو؟ ڇا آسمان ۾ هو آهي؟ ڇا آسمان ۾ هي آهن؟ ڇا آسمان جو رنگ آسماني آهي؟“ پوءِ انهن جي زبانن کي پاڙن کان ڇڪي ٻاهر ڪڍي ڪٽيو ويو. اهي رت ڳاڙيندا رڙيون ڪندا پڄندا ويا. ڪٽيل زبانن جا ڍير لڳي ويا ۽ اهي وڍيل وات جيان ڳالهائڻ لڳيون.اهي ڏپ ڪري ويون ۽ انهن مان بغاوت جي بوءِ هر طرف ڦهلجڻ واري هئي ته انهن کي نفرت جي باهه ڏئي ساڙي رک ڪيو ويو. پوري قوم گونگي هئي۽ هو وڍيل وجود وارو ذرا ذرا ٿيل انسان پنهنجين نابين اکين مان ڳوڙها وهائي هڪ پرجي آيل وڏي آواز ۾ انهن کي مخاطب ٿي رهيو هيو.

”اي نادانو! اي ابوجهه انسانو. ڳالهايو. توهان جي بقا ڳالهائڻ ۾ آهي. رڙ ڪيو جيڪا زندگي آهي. آهه ڪيو جيڪا آزادي آهي. اي بي زبان وڍيل وات وارا انسانو. خاموشي جي دنيا جا مظلومو. وقت جا وڍيل گگدامو. اٿو هڪ آواز ۾ انسانيت جو نعرو هڻي ظلم جا در ۽ ديوار ڍاهي ڇڏيو. اي انسانو منهنجي التجا جو ڪو ته اثر وٺو. منهنجي آواز تي ڪو ته لفظ ڪڍو. منهنجي صدا تي ڪو ته سڏ ڏيو. منهنجي روئڻ تي ڪا ته آهه ڀريو. نڙيءَ جا دروازا کوليو ته لفظ بغاوت جي گهوڙن تي سوار ٿي توهان جي چپن مان نڪرن ۽ اهي ظالم سان جنگ ڪري ڪنهن انقلاب جي اڳواٽي ڪن. اٿو ۽ هڪ آواز ٿي هر طرف ڦهلجي وڃو.“

هو چوندو رهيو۽ ماڻهن هڪ نه ڪُڇي. اهي سڀ گونگا هيا. لفظ انهن کان موڪلائي چڪا هيا. انهن چوڻ چاهيو ٿي ته اهي چئي نه پئي سگهيا. اهي مجبور هيا. بيوس هيا. لاچار هيا. پوءِ هو اجڙيل دنيا وارو شخص هڪ ڏينهن رڙيون ڪندي چپ ٿي ويو. هن کي اتي گونگن جي دنيا ۾ سال گذري ويا ۽ پوءِ صديون گذري ويون. هن جي ڪنن ڪڏهن ڪو آواز نه ٻڌو. هن جا ڪن گونگن جي دنيا ۾ آواز ٻڌڻ لئي سڪي مئا. آخرڪار هن جي ڪنن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ هو ٻوڙو ٿي ويو.

هو ڪمزور جسم وارو مظلوم انسان جيڪو هاڻي انڌو هيو ٻوڙو هيو تنهن سوچيو ته هن جي زبان اجان سلامت آهي. هو پنهنجي زبان کي استعمال ڪندو. ماڻهن کي ٻڌائيندو ته سچائيءَ جي وات کهڙي آهي؟ انصاف ڪٿي آهي؟ ظلم مان ڇوٽڪارو ڪيئن ممڪن آهي؟ هڪ دفعو وري اٿيو ۽ لٽ سهاري پنهنجي ڇيهون ڇيهون وجود سان اڳتي وڌيو. هن رڻ جهاڳيا. ريگستان رليا ۽ سمنڊ پار ڪيا. هن جا لتا ليڙون ليڙون ٿي ڪنهن غريب ملڪ جي جهنڊي جيان لهرائجي رهيا هيا. هو

مايوس نہ هيو. هڪ آس هئي جنهن سهاري هو هيٺين هڏن ۾ وڏو زور محسوس ڪري رهيو هيو. هو هلندو رهيو. هن جي لٽ هن کي هڪ نيئن دنيا ڏانهن گهليندي رهي. هو وڌندو رهيو. نيٺ هو هڪ اهڙي دنيا ۾ پهچي ويو جتان جا رهاڪو ٻوڙا هيا.

هو ٻوڙن جي دنيا ۾ پهتو تہ هن جي قدمن جو آواز ڪنهن جي ڪن تي نہ پيو. ان دنيا جي رهواسين جا ڪن ڪٽيل هيا. ڪنهن وقت اها آوازن جي دنيا هئي. اتي هر طرف آواز هيا. ماڻهو اهي آواز ٻڌي سگهندا هيا. پوءِ انهن آوازن کي نفرت خوف مايوسي ۽ موت جو روپ ڏئي ايڏو تہ اوچو ڪيو ويو جو اهي آواز ڪنهن ڏائڻ جي ڳلي مان تيزيءَ سان نڪرندي محسوس ٿيا. اهي تيز ٿيندا ويا. اهي هر طرف ڦهلجي ويا. اهي ايڏا تہ تيز ٿي ويا جو ماڻهن هٿ ڏئي پنهنجا ڪن بند ڪري ڇڏيا ۽ جڏهن انهن اهي هٿ پنهنجن ڪنن تان هٽايا تہ اهي ٻوڙا ٿي چڪا هيا.

هن وڏيل وجود واري ٻوڙن جي وچ ۾ بيهي ڳالهائڻ شروع ڪيو هن جو آواز ڪنهن نہ ٻڌو. هن رڙيون ڪيون ۽ پوءِ رنو. هن جي اهڙي عمل تي اتان جي انسانن جي منهن تي ڪو تاثر نہ ابريو. اهي جانورن جيان ڪنڌ هيٺ ڪري رستن تي رليا پئي. هن اڳتي وڌي هڪ انسان کي ٻانهن ۾ هٿ وڌو.

”ٻڌ، اي انسان ٻڌ.“ هن ان کي روڪي چيو ”منهنجي درد جو داستان ٻڌ. منهنجي دل جا ارمان ٻڌ. منهنجي من جا مونجهارا ٻڌ. منهنجي اندر جي آهہ ٻڌ.“

هو هن کي زور سان چوندو رهيو پر هن سامهون بيٺل انسان کي هن جي ڪا ڳالهہ ٻڌڻ ۾ نہ آئي. ان واڻڻ جيان هن اجنبيءَ کي ڏنو پوءِ اهو ٻانهن ڇڏائي هليو ويو. ان جي اهڙي عمل تي هن کي روئڻ اچي ويو. هو سڏڪڻ لڳو. هن جي بي نور اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ماڻهن جا ڪن پٿرن ۾ تبديل ٿي چڪا هيا. هن وري همت ڪئي ۽ هو لٽ سهاري اٿي بيٺو.

”ٻڌو اي انسانو ٻڌو.“ هن وڏي آواز ۾ چيو ”اچو منهنجي زبان مان وڪرندڙ لفظ چونڊيو. پنهنجا ڪن کوليو ۽ آوازن کي رستو ڏيو. آواز جيڪو جادو آهي. آواز جيڪو سامري آهي. آواز جيڪو حڪمران آهي. آواز جيڪو ڪنن جا درواز کولي ٿو. آواز جيڪو جا ڳائي ٿو. آواز جيڪو حڪم هلائي ٿو. آواز جيڪو اٿاري ٿو. پردا هٽايو ۽ ٻڌو. اها ڪپهہ ڪڍو جيڪا وڏي وئي آهي. اهو سيهو جيڪو تپايو ويو آهي. اها ڪِلي جيڪا لڳائي وئي آهي. توهان ڪوشش ڪيو توهان جا ڪن ڪم ڪرڻ لڳندا. توهان ٻڌي سگهو ٿا. ٻڌڻ اڃان بہ توهان جي وس ۾ آهي.“

هو وڏي آواز ۾ چوندو ويو ۽ ٻوڙن جي دنيا جي رهاڪن هن جو هڪ لفظ نہ ٻڌو. اهي هن تي رحم جي نظر وجهي ائين گهوريندا رهيا هيا جيئن هو ڪو چريو هجي ۽ سياڻن جي دنيا ۾ رستو ڀلجي پيو هجي. ماڻهن هن جي هڪ نہ ٻڌي. هو رڙيون ڪندو ڳالهائيندو رهيو ۽ پوءِ وقت سان گڏ هو چپ ٿي ويو. ٻوڙن جي دنيا ۾ هن کي ڪيئي سال گذري ويا. هن جي زبان پوءِ ڪڏهن نہ اٿلي. هن ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. ڇو جو هن کي پڪ ٿي چڪي هئي تہ سندس ٻڌڻ وارو ڪير بہ نہ آهي. پوءِ هن جي چپ کي صديون گذري ويون. هن جي زبان سُن ٿي وئي ۽ هو گونگو ٿي ويو.

هو وقت جو ستايل انسان جيڪو مظلوم هيو. بڪايل هيو. بي گهر هيو. جنهن جا ڪپڙا سفر جي ڌوڙ ۾ لٽجي ڦاٽي چڪا هيا. جيڪو دردن جي دانهن بنجي در در گهميو هيو. ان وري همت ڪئي ۽ هو لٺ سهاري اٿيو. هن جون ٽنگون ڌڪي رهيون هيون ۽ ڏبرو جسم چيلهه وٽان ڇپو ٿي چڪو هيو هو ڏنڊيو ٿي لٺ سهاري ڌڪندو اڳتي وڌندو. رت گاڏڙ پگهر ڳاڙيندو. لڙڪڙائيندو. ٿيڙ کائيندو. گهٽي وقت ڪانپوءِ هڪ اهڙي دنيا ۾ اچي پهتو جتان جا رهواسي ڳالهائي رهيا هيا ٻڌي رهيا هيا ۽ ڏسي رهيا هيا. هو جڏهن ان دنيا ۾ پهتو ته ماڻهو هن کي چوگرد ورائي ويا. اهي ان اجنبي پوڙهي کي ڪنهن عجوبي جيان ڏسڻ لڳا جنهن جو وجود وقت جي واءُ ۾ لرزي رهيو هيو ۽ سندس منهن جي چمڙي ڍلي ٿي هيٺ لڙڪي رهي هئي.

”تون ڪير آهين؟“ هجوم مان ڪنهن هن چيو.

”توسان هي ظلم ڪنهن ڪيو آهي؟“ ڪنهن ٻئي چيو.

”ڇا تون ڳالهائي سگهين ٿو؟“ وري ڪنهن چيو.

”ڇا تون ٻڌي سگهين ٿو؟“ ڪنهن ٽئين چيو.

”ڇا تون ڏسي سگهين ٿو؟“ ڪنهن چوٿين چيو.

وقت جو ڇچريل پوڙهو اتي ماڻهن جي وچ ۾ چوسول تي هيٺ ڪري پيو ۽ هن جي بند بي نور اکين مان ڳوڙها ڪنارن ڪان هيٺ وهڻ لڳا. هو نه ڳالهائي سگهيو پئي. نه ٻڌي سگهيو پئي ۽ نه ڏسي سگهيو پئي.

***

مورتي

ساڌوءَ جي ڳالهه
سمجهڻ ۾
دير لڳي.
ڀڳوان جي
جلد ڀڳي.

جڏهن ٽي محقق استوپا واري کنڊر ويجهو ٿيا ته تاڪ منجهند هئي. انهن جا ڪپڙا پگهر ۾ آلا ٿي چڪا هيا. اهي ٿڪيل قدمن سان پنهنجن خشڪ چپن تي زبان ڦيري اڳتي وڌي رهيا هيا.

”چا توکي پڪ آهي ته اهو ساڌن جي ان ڪتنب جو آخري فرد آهي جنهن جي سيني ۾ ڀڳوان جي ان دفن ٿيل مورتيءَ جو راز محفوظ آهي؟“ راهه هلندي هڪ محقق پڇيو.

”ها, مون وڏي کوجنا ڪانپوءِ اها ڳالهه معلوم ڪئي آهي.“ ٻئي محقق جواب ڏيندي چيو ”ان مندر ۾ موجود ساڌو ان سلسلي جي ڪڙي آهي, جنهن جي سيني ۾ ڀڳوان جي ان ناياب مورتي جو راز محفوظ آهي.“

”ته پوءِ دير نه ڪرڻ گهرجي.“ ٽئين محقق چيو ”جلدي هلو ته ان ساڌوءَ جي مڙهيءَ ۾ پهچي مدفون ڀڳوان جي ان مورتيءَ جو راز معلوم ڪري ان کي حاصل ڪريون.“

هو ٽيئي ڳالهائيندا کنڊرن ڏانهن وڌندا رهيا. جڏهن هو اتي پهتا ته هر طرف سانت ڇانيل هئي. پري کان انهن ڏٺو هڪ کنڊر جي ڀت تي ڪانءَ ويٺل هيا. انهن اوڏانهن رخ ڪيو. ڪانءَ ٿهي اڏاڻا ۽ هر طرف گوڙ مچي ويو. انهن اتي پهچي ڏٺو. ڊٺل ڀتين وچ ۾ هڪ ڪوٺڙي هئي. ان اندر هڪ ساڌو پلٿ ماري اکيون بند ڪري گيان ۾ گم هيو. هو ٽيئي وڏي ادب مان اندر وڃي ان آڏو ويٺا. انهن جي اچڻ جو ساڌوءَ تي ڪو اثر نه ٿيو. ساڌو اکيون بند ڪيو سانت ويٺل هيو. هو هڪ ٻئي جي منهن ڏي ڏسي چپ ڪري ويهي رهيا. انهن کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڳالهه ڪيئن شروع ڪن. هڪ محقق پرسان پيل ٿڌي پاڻيءَ جو مٽ ڏسي ڀڪڙ کولي جيئن گلاس ڀريو ته ساڌوءَ جون ٻئي اکيون کلي ويون. ساڌوءَ ٿوري دير گنڀير منهن سان انهن ڏانهن ڏٺو. ۽ پوءِ هٿ سان اشارو ڏنو ته ڀل پاڻي پي پنهنجي اڄ اجهائي ٽڪ ڀڃن. جڏهن هو پاڻي پي ٺڌا ٿيا ته هڪ محقق هن آڏو هٿ ٻڌي عرض ڪيو

”سائين, ويجن جي جلد ستين باب چوٿين جي پنجيتاليهين پني تي اهو لکيل آهي ته اڄ کان

سادا ست هزار سال پهريون هن خطي ۾ هڪ مهاپاري ويڙهه ٿي هئي، ان ويڙهه جو سبب ٻگوان جي اها مورتي هئي جيڪا ان وقت وڏي ڪرامت واري ليکي ويندي هئي، اها جنهن قبيلي يا ملڪ وٽ هوندي هئي ان جا ڀاڳ کلي پوندا هيا، اتي ترقي ۽ امن جو دور شروع ٿي ويندو هيو. ان مورتيءَ پويان وڙهندي لکين ماڻهو مارجي ويا، هزارين هاٿي ڪم آيا. اڳتي هلي ول برائون پنهنجي ڪتاب، 'تهذيبن جي تباهي' جلد ٻيون باب پنجون صفحو سورهون، لکي ٿو ته، "جڏهن سڪندراعظم هن خطي ۾ آيو ته وڏي ويڙهه کانپوءِ اها مورتي ان جي هٿ لڳي. جيڪا هن اهو سوچي هتي دفن ڪري ڇڏي هئي ته واپس يونان ويندي هو اتان کوٽي ٻاهر ڪڍي پاڻ سان گڏ کڻي ويندو، پر حياتيءَ هن کي مهلت نه ڏني ۽ هڪ زهريلي تير لڳڻ سبب هن جو موت واقع ٿيو. هڪ تحقيق کانپوءِ اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته اها مورتي هنن کنڊرن ۾ ڪٿي دفن ٿيل آهي. اها به ڄاڻ ملي آهي ته ان مورتيءَ جي راز بابت صرف ساڌن جي ان گهراڻي کي خبر آهي جنهن جي آخري ڪڙي توهان آهيو."

ڳالهائيندي ڳالهائيندي محقق جو آواز ائين جهيڻو ٿي ويو جيئن هن کي تنڌ لڳي هجي. هو چپ ٿيو ته ٻئي محقق ڳالهايو.

"سائين، جيڪڏهن توهان مدد ڪريو ته اها تاريخي مورتي ٻاهر ڪڍي دنيا آڏو آڻيون. اسان جو ماڻ متانهون ٿئي ۽ دنيا کي خبر پوي ته اسان ڪيڏا نه مهان آهيون."

ڳالهه ٻڌي ساڌوءَ کڻي اکيون بند ڪيون ۽ ان کان اڳ جو گيان ۾ گم ٿئي، ٽئين محقق ڳالهايو.

"سائين، آهي ته نيڪيءَ جو ڪم. مدد ڪندا ته مهرباني ٿيندي." ساڌو جيڪو سماڌيءَ تي اکيون بند ڪيو انهن جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هيو ان وري اکيون کولي انهن ڏانهن ڏٺو. ان جي اکين مان ائين لڳي رهيو هيو جيئن هو انهن تي رحم کائيندو هجي. ان محققن جي سوالن جو ڪوبه جواب نه ڏنو. هن صرف پنهنجو هٿ مٿي ڪيو ۽ پوءِ اشهد آڱر سان عرش ڏي اشارو ڪيو. جنهن سان اهو پئي ظاهر ٿيو هن کي ان مورتيءَ بابت ڪابه ڄاڻ نه آهي. ساڌوءَ جي اهڙي جواب تي هو ٿيئي ڏاڍا مايوس ٿيا. پر انهن همت نه هاري ۽ هڪ دفعو وري هٿ جوڙي عرض ڪيائون.

"سائين، ائين مايوس نه ڪيو. اسان کي پڪ آهي ته ان عظيم مورتيءَ متعلق توهان وٽ اها سڀ ڄاڻ آهي جيڪا صدين کان اوهان جي وڏڙن جي سيني ۾ سانڍجي هلندي پئي اچي."

محقق جي ڳالهه تي ساڌوءَ ڪوبه جواب نه ڏنو ۽ هن وري پنهنجي اشهد آڱر مٿي ڪري عرش ڏي اشارو ڏنو. ساڌوءَ جي اهڙي رويي تي محقق ڏاڍا پشيمان ٿيا. هڪ ٻئي جي منهن ڏي ڏسي ڪجهه دير ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيا. جڏهن ڪنڊرن مٿان سانجهيءَ پنهنجا پر پکيڙيا ته انهن آخري دفعو ساڌوءَ ڏانهن آس ڀريل اکين سان نهاريو. پر ساڌو ساڳيو سانت پنهنجي نڪاٽي ۾ پلٽ ماري اکيون ٻوٽيو ويٺو هيو. لاچار ٿئي محقق ڪپڙا ڇنڊي اٿيا. ۽ ساڌوءَ اڳيان ادب مان هٿ ٻڌي موڪلائي مڙهي مان ٻاهر نڪري اچي کنڊر جي پٽ تي ويهي خاموشيءَ سان لهندڙ سج ڏي نهارڻ لڳا. انهن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته آخر هو ان ناياب مورتيءَ تائين ڪيئن پهچن. انهن کي اها پڪ هئي ته

مورتي اتي کنڊرن ۾ ڪٿي دفن آهي. پر کنڊر ايڏا تہ وسيع هيا جو انهن جي وَس کان ٻاهر هيو تہ صحيح هنڌ جو اندازو لڳائي کوٽائي شروع ڪن. ٽيئي محقق لهندڙ ڳاڙهي سج اڳيان کنڊرن جي ڇت تي ويهي سوچيندا رهيا تہ هو ساڌوءَ کي ڪيئن راضي ڪن جيئن اهو انهن کي ان مورتيءَ جي راز کان آگاهہ ڪري ۽ هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿين.

ٿوري دير کان پوءِ هڪ محقق پنهنجا چپ چوريا.

”جڏهن اسان ساڌوءَ کان مورتيءَ متعلق معلوم ڪيو تہ هن آڱر سان عرش ڏي اشارو ڪري ڇا واقعي ٿي اهو پئي چوڻ چاهيو تہ ان جي ڄاڻ ڀڳوان کي آهي؟“

ان جي اهڙي سوال تي ٻن ٻين محققن جي نرڙ جا گهنج گهرا ٿي ويا.

”تہ ڇا تنهنجو خيال آهي ساڌو اهو پئي چوڻ چاهيو تہ اها مورتي مٿي مڙهي جي ڇت تي موجود آهي؟“ ٻئي محقق ڳالهہ وڌائيندي چيو.

”ٿي سگهي ٿو اهوئي چوڻ چاهيندو هجي.“ ٽئين محقق چيو. ”ڇو نہ ڇت تي چڙهي ڏسجي متان اها اتي موجود هجي.“

هو ٽيئي اهو سوچي اٿيا ۽ کنڊرن ۾ڦهلجندڙ هلڪي اوندهہ ۾ پير پير ۾ ڏئي هلندا ساڌوءَ جي مڙهي پويان هڪ پپل پٽ وٽ وڃي بيٺا. هڪ محقق کي سهارو ڏئي مٿي پٽ تي چاڙهيائون. ان اتي سڌو ٿي بيهي مڙهي جي ڇت مٿان هيڏانهن هوڏانهن نهاريو اتي ککن ۽ کانن کانسواءِ ڪجهہ بہ ڪونہ هيو. پوءِ هن هيٺ ڏسي ٻين محققن ڏانهن مايوسيءَ مان ڪنڌ لوڏيو ۽ هيٺ لهي آيو. نااميدي ۽ ٿڪ کان ٽنهي محققن جون ڪچيون ڍڳهيون ٿي ويون ۽ انهن جا ڪنڌ هيٺ جهڪي آيا.

هو جڏهن واپس پنهنجي ڪمري ۾ پهتا تہ تازا توانا ٿي اچي ڪاٺي جي ٽيبل چوڌاري ويٺا. ماني کائي چانهہ جي ڪوپ مان ڍڪ ڀريائون تہ انهن جو دماغ هڪ دفعو وري تيزيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳو. اهي ٽيئي ساڌوءَ جي ڏنل اشاري تي غور ڪرڻ لڳا. انهن اڳيان تصور ۾ مڙهيءَ تي ويٺل ساڌو هيو جيڪو هر هر آڱر سان عرش ڏي اشارو ڪري رهيو هيو. هو چانهہ جي ڪوپ مان ڍڪ ڀريندا ويا ۽ سوچيندا ويا. سوچيندي اوچتو هڪ محقق جو ڇرڪ نڪري ويو. ان جي هٿ ۾ جهليل چانهہ جو ڪوپ ڏڪڻ لڳو.

”مون سمجهيو. ان ذريءَ گهٽ رڙ ڪندي چيو. ”مون ساڌوءَ جو اشارو سمجهيو.“

ٻيا بہ محقق وائڙن وانگر ان جي منهن ۾ ڏسندا رهيا.

”جڏهن ساڌوءَ جي هڪ آڱر مٿي اشارو پئي ڪيو تہ هن جي ٽن آڱرين هيٺ اشارو پئي ڪيو.“ ان ڳالهہ سمجهائيندي چيو.

ٻن ٻين محققن جو تجسس وڌي ويو.

”ڳالهہ ٿوري کولي بيان ڪر تہ سمجهہ ۾ اچي.“ هڪ محقق چيو.

”ڳالهہ صاف ظاهر آهي جڏهن ساڌوءَ هڪ آڱر مٿي ڪري اشارو پئي ڪيو تہ هن جون ٽي

آڱريون هيٺ اشارو ڪري رهيون هيون.“

”جيڪڏهن تي آڱريون هيٺ اشارو ڪري رهيون هيون تہ هيٺ مان ڇا مطلب آهي؟“ هڪ محقق سوال ڪيو.

”ساڊوءَ جون تي آڱريون هيٺ اشارو ڪري اسان تنهي کي ٻڌائي رهيون هيون تہ پڳوان جي مورتي هيٺ دفن آهي.“ محقق ڳالهہ سمجهائيندي چيو.

اهڙي ڳالهہ تي ٻہ محقق وڏي سوچ ۾ پئجي ويا.

منهنجي خيال ۾ پڳوان جي مورتي بلڪل اتي دفن ٿيل آهي جتي ساڊو مڙهيءَ تي وينل آهي.“ پهريون محقق جيڪو بي حد ذهين هيو ان وڏي اعتماد سان چيو.

ٽيئي محقق ان ڳالهہ تي متفق ٿيا تہ ساڊوءَ جي هٿ جي هڪ آڱر مٿي ۽ ٽي آڱريون هيٺ اهو ظاهر ڪري رهيون آهن تہ توهان ٽنهي لاءِ اهو اشارو آهي تہ مٿين پڳوان جي مورتي بلڪل اتي دفن ٿيل آهي جتي ساڊوءَ جي مڙهي آهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير هو ٽيئي هوٽل مان نڪتا ۽ ساڊوءَ جي ماڳ کان ٿورو پري هڪ ڪنڊر ۾ اچي لڪي ويهي رهيا. ساڊو ڪم سانگي جيئن جهنگ جو رخ ڪيو تہ هو ٽيئي بيلچن سان ڪنڊر مان ٻاهر نڪري اچي ساڊوءَ جي مڙهي تي بيٺا. انهن وٺ سٽ ڪري کوٽائي شروع ڪئي. انهن ساڊوءَ جي واپس ورڻ کان اڳ پنهنجو ڪم مڪمل ڪرڻ پئي چاهيو. انهن جي ٻانهن ۾ جوانن جهڙي طاقت اچي ويئي. تيزيءَ سان کوٽائي ڪرڻ سبب مڙهي ۾ هر طرف ڌوڙ ڦهلجي وئي ۽ انهن جا منهن مٽيءَ ۾ پيوت ٿي ويا. کوٽيندي اوچتو هڪ محقق جو بيلچو ڪنهن سخت شيءِ سان ٽڪرائجڻ ڪري آواز پيدا ٿيو. انهن خوف ۽ حيرت مان هڪ ٻئي جي منهن ڏي ڏٺو. هڪ محقق بيلچو اڇلي ان سخت شيءِ چوڌاري مٽيءَ کي هٿن سان هٽائڻ شروع ڪيو پوءِ انهن گڏجي ان کي ٻاهر ڪڍيو. اها بيرجي تجوڙيءَ نما پيٽي هئي. جنهن تي پراڻي رسم الخط ۾ الفاظ اڪريل هيا. انهن برش سان صاف ڪري اهي الفاظ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي پر وقت گهٽ هجڻ ڪري جلديءَ ۾ اهي انهن کي سمجهہ ۾ نہ آيا. پيٽيءَ کي پاسي کان پراڻو ڪٽ لڳل تالو هيو. هڪ محقق پنهنجي چمڙي جو ٿيلهو کولي ان مان هٿوڙي ٻاهر ڪڍي جيئن تالي کي هڻئي تہ تالو پڃي وڃي پري ڪريو. انهن پيٽيءَ جو ڍَڪ کولي اندر ڏٺو تہ حيرت ۽ خوشيءِ مان انهن جي منهن تي چڙهيل ڌوڙ ڳاڙهي ٿي وئي. اهي وڏي تجسس ۽ پيار مان اندر ڏسندا رهيا جتي پڳوان جي مورتي موجود هئي. انهن پيٽيءَ ۾ هٿ وجهي پڳوان جي مورتيءَ کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. پڳوان جي مورتي ڏاڍي وزني هئي جنهن ڪري انهن وڏي احتياط سان ان کي هموار پٿر تي رکي صاف ڪيو پوءِ هو ٽيئي ڪنهن فاتح جيان ڪنڌ مٿي ڪري سامهون رکيل مورتيءَ آڏو ويهي جائزو وٺڻ لڳا. انهن ڏٺو پڳوان جڻ پلٽ ماري مڙهيءَ تي شانت گيان ۾ وينل هيو. ان جون اکيون بند هيون ۽ هڪ هٿ مٿي هيو. هٿ جي آڱرين کي ڏسي ٽنهي محققن جي رڙ نڪري وئي. انهن ڏٺو پڳوان جي مورتيءَ جون ٽي آڱريون مٿي اشارو ڪري

رهيون هيون ۽ هڪ آڱر هيٺ اشارو ڪري رهي هئي. تنهي محققن ڀڳوان جي عرش ڏانهن اشارو ڪندڙ ٽن آڱرين کي ڏٺو ۽ پوءِ ڌرتيءَ ڏانهن اشارو ڪندڙ آڱر کي ڏٺو. هو جيئن ڀڳوان جي آڱرين جي اشارن کي سمجهندا ويا، انهن جي نرڙ ۾ پيل گهنجن تي پگهر وڪڙ هڻي هيٺ وهندو ڪنن وٽان ٽمڻ لڳو.

هو ٽئي تڪڙ ۾ اٿيا ۽ خوف مان پنهنجون اتي پيل سامان ڇڏي وٺي ڀڳا. جڏهن ساڌو واپس مڙهي ۾ آيو ته مڙهي جي حالت ڏسي هن کي ڪوبه ڏک نه ٿيو. هن ڀڳوان جي مورتيءَ کي واپس پيٽيءَ ۾ وجهي کوٽيل کڏ ۾ رکي مٿان مٽي وڌي ۽ پوءِ هو سماڌيءَ کي سڌو ڪري وچائي ان مٿان پلٿ ماري اکيون بند ڪري گيان ۾ گم ٿي ويو.

***

پريو مڙس...

ڪلرائين قبرن مٿان
ڪنهن روح جيان
اڏرندڙ يادون
سي سپ
اگربتي
دونهين ۾
واءُ ۾
بدلجي ويون.

ان شام ائين ئي ٿيو. پوڙهو اڪيون ٻوٽي کٽ تي ليٽي زندگيءَ جو ٽڪ ٻڇي رهيو هيو. ڪجهه ماڻهو هن جي در تي آيا ۽ انهن ڪڙو کڙڪايو. هڪ ٻار ڀڪندو در تي ويو ۽ جڏهن در کولي ڏٺائين ته اتي ٻه شخص بيٺل هيا. اندر جي ڪنهن گهري صدمي کان انهن جا منهن ڪپهه جهڙا اڇا ۽ نرم پئي ڏٺا . ائين پئي لڳو جڻ انهن کي اڇي ڏاڙهي نه ڀڳا منهن هيا جيڪي انهن جي پيٽ تائين لڙڪي رهيا هيا.

”ٻچا, ڏاڏي کي ٻڌاءِ ماڻهو آيا آهن. هلڻو آهي.“

ٻار ڊوڙندو واپس آيو ۽ ڏاڏي مٿان بيهي ان کي سڏڻ لڳو.

”ڏاڏا, او ڏاڏا ماڻهو آيا آهن. توکي سڏين ٿا.“

ٻار جي سڏ تي پوڙهي جون اکيون ائين کلي ويون جيئن اهي ان جي وس ۾ نه هيون.

هو چادر سوري اٿيو ۽ ٻار ڏي منهن ڪري پڇيو.

”ڪير آهن؟“

ٻار ڏاڍو گهبرايل هيو.

”خبر نه آهي ڪير آهن.“ هن جواب ڏنو.

پوڙهي ڪجهه گهڙيون سوچيو.

”ڪهڙا وري فرشتا هوندا؟“ هن چيو. هو کٽ تان اٿيو.

هن پاسي سان پيل ٽيڪم ۽ بيلچو کنيو. پوءِ در کولي انهن سان روانو ٿي ويو.

پوڙهو قابرو جنهن کي سپ پريو مڙس چوندا هيا, ڪمري جي ڪنڊ ۾ کٽ تي اکيون ٻوٽي ائين بي سڌ پيل هوندو هيو جيئن هڪ ڀڳهي ڊوڙ ڪانپوءِ ٿڪجي ڪريو هجي. ۽ هن جي ٻت ۾ ڪم

ڪرڻ جي سگهه نه رهي هجي. ڳوٺ ۾ مرتيو ٿيندو هيو ته ماڻهو ڪانو ڪيچي هن جي در تي ايندا هيا ۽ ڪڙو ڪڙڪائي انتظار ڪندا هيا. پوڙهي قابروءَ جو اهو ڪو خانداني پيشو نه هيو. حالتن هن کي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو هيو. جوانيءَ جي ڏينهن ۾ هو رئيس جو خاص ملازم هيو. هن کي ويڪري منهن تي وڏيون وٽيل مڇون هونديون هيون. هو رئيس جون زمينون سنڀاليندو هيو. ڳوٺ ۾ هن جو رعب ۽ دٻدٻو هيو. انهن ڏينهن بازار ۾ ريشمي ڪپڙي جي وڏي کپت هوندي هئي. جڇان کان اهڙو ته شفاف ريشم ايندو هيو جو اس پوڻ سان ان جو اولڙو نهندو هيو. ريشم جي گهٽي کپت ڪري اهو ڪوتا تي ملندو هيو ۽ ڪارخاني اندر ڪوتا کان وڌيڪ ريشم رکڻ ڏوهه هوندو هيو.

هو رئيس جي مدد سان ريشم جي ڪوتا وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ ريشم جو ڪارخانو هنيو جيڪو هن جي هڪ دوست جي دغا سبب گهڻا ڏينهن نه هلي سگهيو.

زماني جا ٿاپا ڪائي واپس ڳوٺ پهتو ته رئيس مري چڪو هيو ۽ ان جي پوين لاءِ هو ڪارآمد نه هيو. هن پيٽ گذر لاءِ مزدوري ڪئي ۽ مٽي تي گاري جون ٽوڪريون ڍوئڻ ڪري اهڙا زخم ڪاڏا جن جا نشان هن کي يا ڇمار ياد رهجي ويا.

ڪالراجي ڏينهن ۾ جڏهن روز ماڻهو مري رهيا هيا ۽ قبرون کوٽيندڙن جي کوٽ ٿي وئي ته هو قابرو ٿي پيو. زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين رزق حاصل ڪرڻ لاءِ هن ساڳي پيشي کي جاري رکيو. ڳوٺ ۾ ڪوبه مرتيو ٿيندو هيو ته ماڻهو هن جي در تي اچي ڪڙو ڪڙڪائيندا هيا. هو بيلچو ۽ ڪوڏر کڻي انهن سان گڏ روانو ٿي ويندو هيو.

ڪجهه ڏينهن اڳ پوڙهو سخت بيمار ٿي پيو. هن تي دمڪشيءَ جو حملو ٿيو ۽ سيني اندر سيٽيون ائين وڄڻ لڳيون جيئن آنڌيءَ ۾ تيز هوا جي روشندانن سان ٽڪرائڻ ڪري پيدا ٿينديون آهن. ڳوٺ جي حڪيم هادن هڪ هفتو ساندهه هن جو علاج ڪيو پر ڪو افاقو نه ٿيو. سڀ هيانءُ هاري وينا. اها پڪ ٿي وئي ته پوڙهو ڪجهه ڏينهن جو مهمان آهي. ۽ هن جو بچڻ مشڪل آهي.

تڪ جي سيني ماڻهن ڏي نياپا موڪليا ويا ته پوڙهو موت جي ويجهو آهي جيڪڏهن ڪو هن سان ملڻ چاهي ته جلد پهچي وڃي.

پري مڙس جو ٻڏي ٻُڇي ڏاڙهيءَ وارو موسيٰ ڍهه ڪوهه پري کان کهي آيو هيو. هن جا بوٽ ڌاڀ ۾ پريل هيا ۽ پاسن کان ائين ڦاٽل هيا جيئن اڃ ۾ خشڪ چپ. هو جڏهن اتي پهتو ته ٻيا ڪجهه ماڻهو اڳ ئي موجود هيا. پورين مڇن ۽ سرمئي اکين وارو سچل. سڄي ٻانهن جي ويٽيءَ ۾ ڪارو ڪنگڻ پائي وينل احمد. ننڍڙي قد ۽ هيڊي منهن وارو جيئند ۽ ٻيا ڪجهه ٻاڙي جا ماڻهو جيڪي ڇڳل کٽن تي ڪنڌيءَ هينان ڳالهائي رهيا هيا. ٻيڙين جو دونهو وڪڙ ڏئي هوا ۾ ملي هڪ پٽي تي ويو. پرسان ڏرتيءَ ۾ کوڙيل پاٽيءَ جو برمو ان پوڙهي عورت جيان پئي ڏنو جيڪا ڄڻ نٽ پائي بيٺل هجي ۽ ان جا ڊگها وار لوهه جي هٿئي جيان چيلهه تي ايندا هجن.

ٻار هر هنڌ ڪيڏيا پئي. پڊر ۾ ڪوني تي ۽ پاسي کان هو وڪڙ ڏئي ويندڙ ڏاڪڻ ۾. ڪمري اندر

عورتون ائين ڏسجي رهيون هيون جيئن پٿين تي لڳل مورتيون هجن.

پوڙهو آخري ساهه کڻي رهيو هيو. هو زندگيءَ جي ان در وٽ بيٺل هيو جيڪو حياتي ۽ سڪرات جي وچ تي کلي ٿو. موت کي ٽي در آهن. هڪ در جيڪو حياتيءَ وٽ کلي ٿو. ٻيو در جيڪو حياتي ۽ سڪرات وٽ آهي ۽ ٽيون در جيڪو سڪرات کان موت ڏي وڃي ٿو. پوڙهي لاءِ اڃا موت جو در نه کليو هيو. بس اهو کلڻ وارو هيو. موت جو در جنهن جو فاصلو ايترو ته گهٽ آهي جيترو ڌرتيءَ آسمان جو. ڇو جو ڌرتي آسمان جو حصو آهي.

”پريا مڙس، او پريا مڙس.“ پري کان ڪهي آيل موسيٰ هن مٿان ٻيهي هٿ سان ٿلهن شيشن واري عينڪ کي اکين تي هيٺ مٿي ڪري چئي رهيو هيو.

”مونکي سڃاڻين ٿو؟“

پوڙهو کٽ تي شانت اکيون ٻوٽي ائين ليٽيل هيو جيئن پٿر جو ٺهيل هجي. هن جو جسم اڇو ڪير جهڙو هيو ۽ هلڪي روشنيءَ ۾ ڏاڙهي ءَ جا وار چمڪندڙ سئين جهڙا هيا. اهو هڪ ٿڪيل وجود هيو جنهن تي موسيٰ جي سڏن جو ڪو اثر نه ٿي رهيو هيو. هو ان کي سڏيندو رهيو.

”پريا مڙس، او پريا مڙس.“

پوءِ پوڙهي اکيون ائين کوليون جيئن بدامنيءَ جي ڏينهن ۾ ماڻهو احتياط سان گهر جو در کولي ٻاهر ڏسندو آهي.

”مونکي سڃاڻين ٿو؟“ موسيٰ چيو.

پوڙهي جي اڌ کليل اکين مٿان نرڙ تي گهنج پئجي ويا. هن کي لڳو ڌور ڌرتيءَ تي اٿندڙ ڄر ۾ ڪو پاڇو لڏي رهيو آهي. جڻ شيشيءَ تي پيل مينهن ڪڻين پويان ڪو هن ڏانهن ڏسندو هجي. هن جي ذهن اندر يادگيرين جي ميلي ۾ ڪو ماڻهو گهمڻ لڳو. هن جو دوست موسيٰ جنهن جي پاسن کان وار هن جي ڪلهن تي لڙڪي رهيا هيا. اهو تارونءَ وٽ گنج لڪائڻ لاءِ ٽوپي پائيندو هيو. انهن ڏينهن سنڌوءَ جي ڪچي واري علائقي ۾ پڪا هنداڻا ٺهندا هيا. هر هنداڻي جو وزن ايڏو ته هوندو هيو جو مڙس ڪلهي تي نه کڻي سگهندو هيو. موسيٰ هنداڻن جو ڪاروبار ڪندو هيو. طاقتور مڙس هيو. قد ۾ ڊينڊو ۽ جسم ۾ وريل هجڻ ڪري ڳوٺ کان ٻاهر ان، 'جنن واري ٻڙ' هينان ٺهيل پراڻي مندر جي ڪريل پائي جهڙو ڏسبو هيو. جيڪو مندر هندن جي وڃڻ ڪري ويران ٿي ويو هيو ۽ اتي بيٺل ٻڙجي لڙڪندڙ پاڙن تي جن لڏندا هيا. هن کي موسيٰ ائين نظر آيو جيئن ڪنهن ڇريءَ سان هنداڻي کي ٻه اڌ ڪيو هجي. هنداڻي جي ٻن لڏندڙ ناهموار اڌن ۾ ڪارن ٻجن مان موسيٰ هن ڏانهن ڏسندو هجي.

”ها.“ پوڙهي چيو ۽ ڪنڌ لوڏيو.

موسيٰ جي چپن تي مرڪ اچي وئي. هن کي خوشي محسوس ٿي ته هن جو دوست مرڻ ڪنڌيءَ تي به هن کي سڃاڻي رهيو هيو.

”برابر.“ هن پوءِ ماڻهن ڏي منهن ڪندي چيو. ”ساڃاهه اٿس.“

هو واپس اچي کٽ تي وينو ۽ پوڙهي جي ساراهه ڪرڻ لڳو.

”وڏي عقل ۽ فهم وارو شخص هيو. مان هن کي سڃاڻان. جڏهن ننڍا هياسين ته ڏاڍو ذهين هيو. مولويءَ کان اسان نه سکياسين. پريو مڙس ائين سکي ويو جيئن لفظ آڱرين ۾ قاٿل هيس. واهه جون صلاحون ڏيندو هيو. مان ڪيترا دفعا نقصان کان بچي ويس. الله حياتي ڏيس.“

سڀ ڪنڌ هيٺ ڪري پوڙهي جون چڱايون ياد ڪرڻ لڳا.

پوڙهي جو آخري وقت ٻُڌي هن سان اهڙا ماڻهو به ملڻ آيا جيڪي هن جي صحتمند هوندي ڪڏهن لڙي نه آيا هيا. انهن کي ملي سال گذري چڪا هيا. ڪنهن وقت اهي پوڙهي جا دوست هيا پر پوءِ زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ ايڏا ته پوئتي رهجي ويا جو پويان ايندي انهن جا منهن اڳين جي قدمن جي اڏامندڙ ڌوڙ ۾ لتجي اوجهل ٿي ويا. انهن مان هڪ اهڙو شخص جيئند به هيو. هو کيرڙ واهه جي پريان ٻيلي مان ماکي لاهيندو هيو. هن کي منهن تي ماتا جا نشان هيا ۽ منڊڪائي گهمندو هيو. ٻيلي ۾ هڪ دفعي جڏهن ماکي لاهي رهيو هيو ته هڪ سوئر لکي هن تي حملو ڪيو. ڪيس ڪاتن تي ڪٽي پري ڦٽو ڪيو. حملي ۾ هو موت کان ته بچي ويو پر پوءِ سڄي عمر منڊڪائي گهميو. هن جي هٿ ۾ جستي ڏول هوندو هيو. جنهن ۾ ڏانڊيءَ سميت مانارو لاهي گڏ ڪندو هيو. هن جي اڪ جي ماکي مشهور هوندي هئي. ماڻهو ڏانڊيءَ کي ڏسي سڃاڻي ويندا هيا. جڏهن پريو مڙس رئيس جون ٻنيون سنڀاليندو هيو ته ان هن کي خاطري ڪرائي هئي ته کيرڙ جي ٻيلي مان پل ماکي لاهي هن کي ڪوبه نه روڪيندو ان عيوض جيئند پري مڙس کي ان وقت تائين ماکي پهچائيندو رهيو جيسين رئيس جي زمينن جو سنڀاليندڙ هيو. جيئند هٿ ۾ ڏول لڙڪائي شهر جي ڪپڙي مارڪيٽ ۾ ويندو هيو ۽ ڪانياواڙي ڏانڊيءَ کان ماناري کي جهلي ڏسي پڪ ڪندا هيا ته واقعي ئي ماکي اصلي آهي.

جيئند منڊڪائيندو پري مڙس مٿان آيو.

”پريا مڙس، او پريا مڙس.“ هن ان کي ائين سڏ ڪيا جيئن دشمن کي سامهون ايندو ڏسي ڪو خوف مان پرسان ٻيٺل دوست کي هوشيار ڪندو آهي.

”مون کي سڃاڻين ٿو؟“ هن ان جي منهن مٿان ويجهو ايندي چيو. پري مڙس هلڪيون اکيون کولي هن ڏانهن ڏٺو. هن جي پوڙهي منهن جا گهنج ائين هيا جيئن ڪيترا ناهموار رستا هڪ ٻئي ۾ قاٿل هجن. هو هن کي نه سڃاڻي رهيو هيو.

”مان جيئند ماکيءَ وارو. تنهنجو دوست جيئند.“

هن هڪڙي جملي ۾ ٻه دفعا نالو ڪٽي جڻ هن کي اهو ياد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو پنهنجي ماکيءَ جي نه وسرندڙ ذائقي جيان هن جي يادن ۾ ڪٿي موجود هوندو.

پوڙهي جون اکيون وسامي ننڊڙيون ٿي ويون. هن کي ائين لڳو جيئن پوئتي سفر ڪري اهڙي بيابان ۾ پهتو هجي جتي پڙاڏا شڪست کائي پوئتي پڇندا هجن.

هن ٻن پاڻيءَ پريل مٽڪن جهڙين اکين سان وري ان جي منهن ۾ ڏٺو. هن محسوس ڪيو جيئن

اڇايل نارنگي پٽن واريون راڳ ڳائيندڙ مکيون هن جي ڪنن وٽان گذري ويون هجن. هو اهڙو جوان هجي جنهن جي مٿين چپ تي نم جو ڀُور لڙڪندو هجي. هن پٽر هٿ ۾ ڪٽي ماڪيءَ جي مانارِي ۾ وهائي ڪڍيو هجي. سوين نارنگي پٽن واريون مکيون اڏاميون هجن ۽ انهن هيئان هڪ منهن ظاهر ٿيو هجي. جيئند جو منهن جنهن تي ماتا جا نشان هيا.

”ها.“ پوڙهي ڪنڌ لوڏيو.

”شابس ٿي پريا مڙس، شابس.“ جيئند چيو ۽ پوءِ هن ڪٽ تي واپس ويهندي پنهنجي ڳالهه جاري رکي، ”ورهيہ ٿيا مون سمجهيو پريو مڙس نہ سڃاڻيندو هوندو. پر برابر ذهين ۽ حوصلي وارو ماڻهو آهي.“

هو سڀ پرئي مڙس مٿان ويهي هن جي گذريل وقت کي ياد ڪندا رهيا. پريو مڙس زندگيءَ جا آخري ساهہ ڪڻندو رهيو. هو چوڏاري ويٺل ماڻهن جون ڳالهيون غير واضح ۽ سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ٻُڌي رهيو هيو. هن کي خبر هئي تہ هو مري رهيو آهي ۽ ڪجهہ گهڙين جو مهمان آهي. هو پاڻ متعلق ٿيندڙ ڳالهين کان بي سڌ هيو. اهي نہ هن لاءِ خوشيءَ جو باعث هيون نہ ڏک جو. ماڻهن جا آواز هن لاءِ پکين جا آواز هيا جيڪي حياتي جي جهنگ مان گذرڻ ويل وڻن تي ٻڌبا آهن. هو جڻ رسي ۾ ٻڌل هيو. ماڻهو هن کي سڏي هر هر رسو ڇڪي اهڙي کوهہ مان ٻاهر ڪڍي رهيا هيا جنهن کوهہ جي تري ۾ هو تيزيءَ سان هيٺ لهندو پئي ويو.

اتي ڪمري جي در وٽ اهو ڏڍو شخص ظاهر ٿيو جنهن کي بوسڪيءَ جي پڳ ٻڌل هئي. ان جي منهن تي پاسن کان پگهر ائين وهي رهيو هيو جيئن تڪڙ ۾ ڪيترا کوهہ سفر ڪري پهتو هجي. اهو آيو ۽ پنهنجي بوسڪيءَ جي پڳ لاهي پري مڙس جي پيرن تي رکيائين.

”پريا مڙس، مونکي معاف ڪجانءِ.“ هن عاجزي مان هٿ ٻڌي چيو. ”مون توکي تڪليف ڏني. توسان دغا ڪئي. دوستيءَ جو ناجائز فائدو ورتو. مرڻ کان اڳ منهنجو ڏوهہ بخش.“

پري مڙس اهي لفظ ائين ٻڌا جيئن پاڻيءَ ۾ غوطا کائيندو هجي ۽ ٻڏڻ کان اڳ ڪنهن ٻانهن ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڇڪيو هجيس. هن جڏهن آهستي اکيون کولي ان کي ڏٺو تہ سندس دل چاهيو هن کان ٻانهن ڇڏائي ٻڏي وڃي. اهو ساڳيو شخص، هيو جنهن ڪري هن حياتيءَ ۾ ڏکيا ڏينهن ڏٺا. ان شخص ڪري پري مڙس تي اهڙو وقت بہ آيو جو هن وٽ کيسي ۾ ويلي جيترا پئسا بہ نہ هيا. هن جي پوڙهي زال سبزي مارڪيٽ جي گند مان ڦِٽل شيون ميڙي ايندي هئي ۽ جڏهن پچنديون هيون تہ ٻار کائيندا هيا. هن کي اهو شخص اهڙي سِرڻ جيان نظر آيو جنهن پنهنجا ڏکها پر ڪٽي هن جي پيرن تي رکيا هجن. پري مڙس جي دماغ ۾ يادن جي قبرستان اندر هڪ اهڙي واقعي جي دل ڏڙڪي رهي هئي، جڏهن ان ڏڍي شخص ڳوٺ جي هڪ عورت سان پيار ڪري ان کي گهر کان ڀڄايو هيو. تن ڏينهن هو رئيس جي ٻنين جو سنڀاليندڙ هيو. اثر رسوخ وارو هيو. ان کان اڳ جو هن کي ڪارو ڪري مارين، پري مڙس ان کي اهڙي هنڌ پناهہ ڏني جتي کوبہ پهچي نہ سگهيو.

اهو ڏڍو اندر جو ننڍڙو هيو. ان پري مڙس کي ڪيل ڀلائيءَ جي سِلي ۾ سني موٽ نہ ڏني. جڏهن

پري مڙس رئيس جي نوڪري ڇڏي ريشم جي پٽ تي نهندڙ ڪپڙي جو ڪارخانو هنيو تہ ڪجهہ ڏينهن اندر ڪاروبار اهڙو چمڪيو جو هر هنڌ هن جي ڪارخاني جي ريشم جا تاڪيا پيا جرڪندا هيا. ريشم جا پڙا ڪوتا تي ملندا هيا ڇو جو ان جي ڪپت تمام گهڻي هئي. پري مڙس ڪجهہ ريشم بليڪ تي خريد ڪري ڪارخاني ۾ رکيو هيو. ان ڏکهي شخص کان پري مڙس جي ترقي ڏٺي نہ وئي. هن پوليس کي اهڙو اطلاع ڏنو تہ پري مڙس جي ڪارخاني ۾ بليڪ جو سٽ پيل آهي. پوليس ڇاپو هنيو ۽ پريو مڙس گرفتار ٿي ويو. هن جي زندگيءَ جي جمع پونجي ڪيس ۾ لڙهي وئي. هن جي جان تہ ڇٽي پر ڪائڻ لاءِ ڪجهہ نہ بچيو.

هن جو مٿو تارونءَ وٽان ڇچريل هوندو هيو. هو ڪڏهن پرايل اکين سان پوٽن کي پڳ لاهي نشان ڏيکاريندو هيو ۽ چوندو هيو.

”هي انهن ڏينهن جا نشان آهن جڏهن مون وٽ کائڻ لاءِ ڪجهہ نہ بچيو. منهنجو سڀ ڪجهہ ڪيس ۾ لڙهي ويو. مون مٿي تي گاري جون ٽوڪريون ڍوئي رزق ڪمايو.“

پري مڙس ان ڏکهي شخص سان وري ڪڏهن نہ ڳالهايو. ان ڳالهہ کي گهڻو وقت گذري ويو. ٻہ ڏينهن پهريان ان کي خبر پئي تہ پريو مڙس دنيا مان موڪلائڻ وارو آهي, هو ڪجهہ ڏينهن جو مهمان آهي. سوچيائين ڇو نہ مرڻ کان اڳ ان سان ملاقات ڪري ڏوهہ بخشرايان. هو سهڪندو اتي پهتو ۽ پري مڙس مٿان بيهي ليلائيندو رهيو.

پري مڙس جڏهن هن کي ڏنو تہ محسوس ڪيو ڄڻ هن جو دماغ مري چڪو آهي. هزارين ڪيڙا مغز کي چنبڙي ريشم ٺاهي رهيا آهن. شهتوت جا پن مينهن ۾ آلا ٿي پاڻ ۾ ڳنڍجي ويا آهن. انهن مان پاڻي ٽمي هيٺ ان ڦوهاري جي گندي پاڻيءَ ۾ ڪري رهيو آهي. جنهن ۾ مڇرن جا ٻچا پڇ سان ساهہ کڻي رهيا آهن. اهو ڦوهارو جيڪو رئيس جي اوطاق ٻاهران هوندو هيو. جنهن جي ڪناري هو ان ڏکهي شخص سان ويهندو هيو.

”پريا مڙس, مونکي معاف ڪر.“ اهو هر هر چئي رهيو هيو.

پري مڙس پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ اهو مايوس ٿي ڪٽ تي ائين ويهي رهيو جيئن مزار تي پهچندڙ آخري فقير هجي جنهن جي پهچڻ کان اڳ ديڳ ورهائجي وئي هجي.

پوڙهي اکيون بند ڪيون تہ هن کي هڏڪي شروع ٿي وئي. سڀ مايوس ٿي ويا ۽ عورتون سڏڪڻ لڳيون.

ڪالراجي ڏينهن جي ٻچي ويل مرادي هن مٿان آئي ۽ سڏڻ لڳي,

”او پريا مڙس, پريا مڙس.“

پري مڙس اکيون نہ کوليون. هن کي مٿان بيٺل مراديءَ جو آواز گند تي ويٺل مکين جهڙو محسوس ٿيو. هن کي لڳو ڄڻ هو هوا ۾ تبديل ٿي چڪو آهي. اهڙي هنڌ گهلي رهيو آهي جتي سوين بيمار هڪ مزار ٻاهران وڏي پڌر ۾ موت جو انتظار ڪري رهيا آهن. هر طرف آهون ۽ دانهون آهن. هو

قبرستان ۾ بيٺل ڪٻڙن جي پنن سان ٽڪرائجي رهيو آهي. ڪٻڙن هيٺان هنن جون ڪوٽيل قبرون آهن.

مرادي جيڪا ڪالراجي بچي ويل ڪجهه مريضن مان هڪ هئي. جڏهن اها بيمار هئي ته هن جو ڪفن تيار ٿي چڪو هيو ۽ پوڙهي هڪ اهڙي قبر کوٽي هئي جنهن ۾ مراديءَ کي دفن ٿيڻو هيو. پر اها بچي وئي ۽ ان قبر ۾ هڪ ٻيو شخص دفن ٿيو جيڪو بيمار نه هيو پر دهشت ۾ مري ويو.

مرادي هن مٿان ٻيهي سڏيندي رهي پر پوڙهي هن دفعي اکيون نه کوليون. هو ائين هڏڪندو رهيو جيئن ساهه هن جي هاضمي جي نليءَ ۾ ڦاٿل هجي.

ان شام ائين ئي ٿيو. پوڙهو اکيون ٻوٽي کٽ تي ليٽي زندگيءَ جو ٽڪ پڇي رهيو هيو. ڳوٺ ۾ ٽيل مرتيي ڪانپوءِ ڪجهه ماڻهو هن جي در تي آيا ۽ انهن ڪڙو کڙڪايو. هڪ ٻار ڊڪندو در تي ويو ۽ جڏهن در کولي ڏٺو ته اتي ٻه شخص بيٺل هيا. اندر جي ڪنهن گهري صدمي ڪان انهن جا منهن ڪپهه جهڙا اڇا ۽ نرم پئي ڏٺا. ائين پئي لڳو جڻ انهن کي اڇي ڏاڙهي نه ڊگها منهن هيا جيڪي انهن جي پيٽ تائين لڙڪي رهيا هيا.

”بچا ڏاڏي کي ٻڌاءِ ماڻهو آيا آهن. هلڻو آهي.“

ٻار ڊوڙندو واپس آيو ۽ ڏاڏي مٿان ٻيهي ان کي سڏڻ لڳو.

”ڏاڏا، او ڏاڏا ماڻهو آيا آهن توکي سڏين ٿا.“

ٻار جي سڏ تي پوڙهي جون اکيون ائين کليون جيئن اهي ان جي وس ۾ نه هيون. هو چادر سوري اٿيو ۽ ٻار ڏي منهن ڪري پڇيو.

”ڪير آهن؟“

ٻار ڏاڍو گهبرايل هيو.

”خبر نه آهي ڪير آهن.“ هن جواب ڏنو.

پوڙهي ڪجهه گهڙيون سوچيو.

”ڪهڙا وري فرشتا هوندا.“ هن چيو. هو کٽ تان اٿيو. هن پاسي سان پيل ٽيڪم ۽ بيلچو کنيو. پوءِ رواني ٿيڻ کان اڳ هن پٺ ورائي پوٽي ڏٺو. هن کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته ڪمري ۾ ويٺل عورتون ۽ ٻار آخر ڇو روئي رهيا هيا؟

***

سوڙهه

ان رات:

هو ست ٻار ۽ اميران ننڍڙي پلنگ تي ائين ويڙهيا سيڙهيا پيا هئا جيئن گدام ۾ رکيل ٻوريون. غربت پتين جي لٽل چوني ۾ چٽيل هئي. اتي چٽيل هيو هڪ پيءُ جيڪو قداور هيو. ان پويان کلهي جيتري زال ۽ ست ننڍا ٻار جيڪي هڪ ٻئي پويان پاتال ۾ ويندڙ لاهيءَ جيان بيٺل هيا. هڪ ڪٽنب جو چتر جيڪو پوسل ڪري ڇٽيل چوني ۾ نروار ٿيو هيو. ٻار اڌپيٽ ڪائي سوڙهه ۾ سمهيا هيا. هو ننڊ جي انتظار ۾ هيو. هن پويان اميران سڏڪي رهي هئي. ان وٽ پنهنجيون حسرتون هيون، پنهنجا احساس هيا. وٽس ڪجهه نه رهيو صرف پيار هيو جيڪو ٻک متائي نه پئي سگهيو. هو سڏو تي سمهيو ۽ پوءِ هن کي ڀاڪر ۾ ڀري پرچائڻ لڳو.

”نه روءُ، ڏک حياتيءَ جيان اڇٽي وڇٽي شيءَ آهي.“ هن چيو.

زال هن جي ويجهو آئي ۽ ائين سڏڪندي رهي جئين ڏک ضدي ٻار جيان هن جي من ۾ ڦاٿل هجي. ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ احتجاج ڪندو هجي. هو اميران کي سيني سان لائي پرچائيندو رهيو. اميران هن جي گرم ٻانهن ۾ سڏڪندي رهي.

دريءَ کان ٻاهر:

اتي پيچل ڳاڙهين سرن جو روڊ هيو. انهن ڳاڙهين سرن جي چُوري ۾ ٻار کوتا سڪا مهٽي صاف ڪندا هيا. ٽامي جا ٽنگر سڪا جن تي فيروزي ڪٽ چڙهيل هوندي هئي. ان پيچل رستي جي ڪنڊ اڳتي هلي ائين ٽيڙي ٿي ويندي هئي جئين زخمي سپاهيءَ جي چٻي تلوار جيڪا هن جي هٿن مان هيٺ ڪري هجي ۽ ان تي ڳاڙهين سرن جي ڇٽيل چوري جهڙي رت جا نشان هجن. اهو رستو اڳتي هلي ان شهر جي گهٽين مان لنگهندو هڪ وڏي رستي ۾ ٿي پيو. اهو وڏو روڊ ائين هلندو هيو جيئن وقت جي ابابيل کي گهڙيال جي سئين جهڙا پرلڳل هجن- ان ڪانپوءِ ڪجهه ميلن جو فاصلو ۽ سمنڊ ڪناري اڏيل هڪ شهر جنهن جي گهرن جا دريون ۽ در اڌوهي کاڌل هيا- اهو اهڙي لٽ سهاري بيٺل هيو جيڪا ٻاهران چمڪندڙ ۽ اندران کوکلي هئي- اتي پاءُ جو گهر هيو- اهو گهر نه هيو ڄڻ پيچل مجسمو هيو جنهن جي مرمرتي چانڊوڪيءَ جا داغ هيا- هڪ ويران باغ هيو جنهن جي مٺل نرگس ۾ بلبل جي قبر هئي-شهر طرف رستو نه هيو هڪ ليڪ هئي ۽ هر شيءَ رولاڪ ليڪ مان اٽيل هئي

ان شهر ۾:

اتي وڏو پاءُ رهندو هيو جنهن جي زال تازو وفات ڪري وئي. پاءُ ائين رنو جيئن زندگيءَ ۾ ٻيو ڪم نه ڪيو هجي. هوسڏڪيو پئي ته هن جو وجود لرزيو پئي. هو رنو پئي ته لڳو پئي دنيا ۾ روئڻ ڪانسواءِ هر شيءَ استور اندر پيل فضول ۽ بيڪار آهي-اهو ڏک کي ڳيي جيان چٻاڙي ڳوڙهن جا

ڍڪ پيري رهيو هيو. اهو روئندو رهيو ۽ ماڻهو ان کي پرچائيندا رهيا.

ان گهر ۾:

اتي ڏاڍي سوڙهه هئي. اهڙو تہ ننڍو ۽ بدبودار هيو جئين وئشيا جو چاول ٻار جنهن ۾ غير مرد جي بوءِ هوندي آهي. نون ورتل ڪارن بوٽن جي دٻي جيترو اڱڻ ۽ ڪوٺي جنهن جون ڀتيون ايتريون تہ ويجهو هيون ۽ هڪ ٻئي سان ملڻ لئي بي قرار هيون جو ان اندر ويٺل ماڻهو چڻ ڪباب ۾ هڏيءَ جهڙا هيا. مٽن مائٽن ۽ اوڙي پاڙي مائيءَ جي مرڻ جي خبر بيماريءَ جيان ڦهلجي وئي هرڪو ڪاري پڳ ٻڌي اچي سهيڙيو. ننڍي گهر ۾ وڏي خلق سمائجي وئي.

در اندر:

اتي هو اميران کان موڪلائي رهيو هيو. "ياجائي گذاري وئي" هن چيو ياءُ جو فون آيو تيجهو گذاري موٽندس."

اميران هيٺ ڪنڌ ڪري ٻڌندي رهي.

"تون نہ وڃ." ان ڏکوئيل آواز ۾ چيو"گهر جون حالتون خراب آهن." ڪبٽ مٿان ڪاري ٿيلهي ۾ ڪجهہ پئسا رکيا آهن." هن ويجهو اچي اميران کي دلجاءِ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هوءَ سوڙهي ٿي پلنگ تي رئي ۾ اڌ منهن لڪائي روئندي رهي. ست ٻار ننڊ ۾ چنڊ ڏسي رهيا هيا. ستارا ڏسي رهيا هيا گول ماني ٻڪ جي ڪاري رات جنهن ۾ ڪنڊ چمڪي رهي هئي.

وقفي ڪانپوءِ:

اتي وڏي ياءُ وٽ پهتو تہ اهو ڏک ۾ ورتل هيو. هڪ رات جي انتظار ڪانپوءِ لاش سرد خاني مان پهتو هيو. اتڪل سڀ گڏ ٿي چڪا هيا. ان ٻڙجيڏي ڪٽنب جا ياتي، ٻڙ جنهن جون پاڙون هيٺ ڌرتيءَ ۾ وڃي الڳ الڳ ٿي رهيون هيون. ڌرتيءَ مٿان بيٺل سگهاري ٻڙ جهڙو ڪٽنب جنهن جا ڏار ويهارو کن ٻانهن جهڙاهيا ۽ انهن ٻانهن جي هٿن جون پنج آڱريون جيڪي هڪ جهڙيون نہ هيون. اولهہ واري ٻانهن اوڀر واري ٻانهن ڏکڻ واري ۽ اتر واري ٻانهن. انهن ۾ ڪيتريون ٻانهون هيون جن جو ڪو طرف نہ هيو. ساون پنن جهڙا ٻار. هڪ مضبوط ٿڙ ۽ ڌرتيءَ تائين لڙڪندڙ پاڙون پوڙهي جي ڏاڙهي جي لڙڪندڙوارن جيان هيون جيڪي مٽيءَ ۾ ملي رهيون هيون.

جنازي ۾:

اتي هو هيو جيڪو وڏي ياءُ جي سچي ڪلهي پرسان ڪنڌ هيٺ ڪري ائين ٿي هليو جئين سندس پٽر چيلهہ سان ٻڌل هجي. هڪ هجوم هيو جنهن وٽ هلڻ ڪانسواءِ چارو نہ هجي. ڍوري وارا. ناري وارا. اولهہ وارا. اوڀر وارا. ڏکڻ وارا. اتر وارا. هيڏانهن وارا. هوڏانهن وارا. مٿان وارا. هيٺان وارا. مون وارا. اوڙي وارا. پاڙي وارا. ڪانءَ قبرستان ۾ گوڙ مچائي رهيا هيا. ٻاهرين پٽ وٽ گندجي ڪونڊي هئي ميونسپل جي مزدا گند سان لوڊ ٿي رهي هئي. ان پڪ ۾ بس اسٽاپ هيو. جنهن جون سيٽون پٽيل هيون. قبرن مٿان نم جا وڻ هيا. انهن تي ڪانءَ گند ڍوئجڻ تي احتجاج

ڪري رهيا هيا. جڏهن عورت کي قبر ۾ لاٿائون تہ وڏي ياءُ آخري ديدار ڪيو. اهو منهن جنهن کي جيئري هو وري ڪڏهن ڏسي نہ سگهندو. هو سڏڪيو رنو ڏاڍو رنو. ننڍو هن کي ڪلهي ۾ هٿ وجهي جهلي بيٺو رهيو. ”نہ روءَ“ ان چيو. ”اهو مقدر آهي، ائين ٿيندو آهي رضاتي راضي رهہ“ هن ياءُ کي دلداري ڏئي سيني سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي وڏو ياءُ هٿن مان ٿي نڪتو ويو. هن ياد ڪيون اهي راتيون اهي ڏينهن. سوڙهي گهر ۾ انسان هڪ ٻئي کي وڌيڪ ويجهو هوندا آهن. ايڏا ويجهو جوسوڙهہ جو احساس قرب ۾ بدلجي ويندو آهي. اها سوڙهي گهر جي مالڪياڻي جيڪا هاڻ قبر جي اگهڻ ۾ دفن ٿي رهي هئي. مٽي وٽن تي ڪانءَ هڪ وڻ کان ٻي وڻ تي اڏامي گوڙ ڪندا رهيا. بس اسٽاپ تي ماڻهو سيٽن بنا بيهي ايندڙ بس جو انتظار ڪندا رهيا. ميونسپل جي گاڏي وچي چڪي هئي. ڪچري ڪونڊي خالي هئي پر پوءِ بہ بوءِ جو احساس ساڳيو هيو.

مرڻي جي پهرين رات:

اتي هڪ بدگونياڪمري ۾ جنهن جون بنيادي لڪيرون ٽڪنڊي ۾ چوڪنڊي جي وچ جهڙيون هيون. ماڻهو سوڙهہ ۾ ائين سمهيل هيا جيئن نموريون ڪريل هجن. ماڻهن جي پيهہ ۾ گهر جي پاليل ٻليءَ کي لنگهڻ جيتري جاءِ نہ ملي. ياءُ زال جي غم ۾ بي حال هيو. هن ڪجهہ نہ کاڌو هيو. لنگهڻ جي پلاءَ جا بہ گرهہ هن کي زوريءَ کارايا ويا هيا. پلاءَ جي نمڪيات هن جي ڳلي ۾ لهندڙ ڳوڙهن جي نمڪيات کان گهٽ هئي. هن جو هيانءَ قاتل هيو. اندر ۾ مسلسل سڏڪي رهيو هيو. بدگونيا ڪمري جي گونيا ڪنڊ سان هو مئل زال کي اکڙ ۾ گهمندي ڏسي رهيو هيو.

”پياري“ هن ڳوڙها اگهندي چيو. ”ملڻ جي مند ۾ وڇڙڻ ائين آهي جيئن مينهن بنا سانوڻ جو لنگهي وڃڻ.“

هوءَ جڻ هلندي هن وٽ آئي.

”ها.“ ان چيو. ”تنهنجي منهن جي وچ ۾ جيڪو خال آهي. مان ان خال ۾ ڍليل هوندس. ا تي غير موجودگي منهنجي هم شڪل هوندي“ هو ڳالهائيندو رهيو. مسلسل سڏڪندو رهيو. ننڍو هر هر هن وٽ پئي آيو پرچائڻ. هٿ هٿ ۾ وني گونيا ڪنڊ مان ڪڍي پنهنجيءَ پر ۾ سمهارڻ لاءِ التجائون ڪرڻ. هونہ آيو. سوڙهہ ۾ سپ سمهيل هيا. ننڊي سمهڻ کان اڳ تصور ۾ ڏٺو. هن جي ياجائي جيڪا هڪ سني عورت هئي. عبادت گذار. زندگيءَ سان مطمئن. هن ان جي وڇوڙي جو ڏک محسوس ڪيو. ياءُ جي حالت هن کان ڏٺي نہ پئي وئي. هو سوڙهہ ۾ ليٽي ياءُ کي سڏيندو رهيو تہ پر ۾ اچي سمهي ۽ ڪجهہ آرام ڪري. ڪمري ۾ ماڻهو سڪل سيمنيٽ ۾ ڪنڪريٽ جي قاتل پٿرن جيان جميل هيا. ڪا وٿي نہ هئي. هو بدگونيا ڪمري جي گونيا ڪنڊ ۾ گوڏن تي مٿو رکي سڏڪندو رهيو. ننڊي کي ننڊ ورائي وئي. ان ڏٺو اميران ستن ٻارن سان سمهيل هئي. پلنگ تي هن جي جاءِ خالي هئي جيئن پاڇو ڇڏي آيو هجي. هن خواب ۾ سوچيو. انسان جو خال هڪ پاڇي جيان رهجي وڃي ٿو. پرجي وڃي ٿو. پر ڏک من اندر ائين سمائجي وڃن ٿا جو گهٽي جاءِ خالي رهجي

وجي ٿي. ڏکن لئي هر گونيا بدگونيا وڏي وسعت رکي ٿي. ڏک سوڙهه نه ٿا ڪن. ڏک جي هڪ قطري ۾ پيڙائن جو سمنڊ سمايل ٿئي ٿو. هو ان رات ننڊ ۾ اميران کي روئندي ڏسندو رهيو. تڙپندو رهيو.

مرڻي جي پي رات:

اتي سمهڻ کان اڳ تيجهي جي انتظار ۾ گذري رهي هئي. لنگهڻ جي ماني. ڳوڙهن جهڙا نمڪين چانور ۽ وچوڙي جهڙا ڇهرا سوسٽ. سياڻي سيني کي دعا ڪانپوءِ روانو ٿيڻو هيو. ٻئي رات پهرين رات کان ٿوري مختلف هئي. ان رات هن زال جي لنگهڻ جا اٽ گرهه کاڌا. ڪيس بک محسوس ٿي هئي. ڳلي ۾ ڳوڙهن جي آلاڻ اجان هئي پر پوءِ به هن کي پاڻي پيئڻو پيو. جڏهن گلاس مان ڍڪ پريائين ته هن جي ڳلي جو اپريل هڏو هن جي زال جي قبر جهڙو هيو. اهو ائين هيٺ مٿي ٿيو جئين ساهه ڪٽندي هجي. ان رات هو پاءُ جي پڪ ۾ سمهيو. هو پاءُ پرسان سوڙهه ۾ ائين سمائجي ويو جئين صدين کان قاتل پنڊ پهڻ هجي. هن جي وجود جهڙو خال هجي جنهن ۾ ماپي سوگهو ٿي ويو هجي. ننڊ هن جي اکين کان ڏور قبرستان جي اوندهه ۾ گم هئي. اهار ات هن لاءِ اهو نياپو ڪٽي آئي هئي ته هن جي زال پڪ سان مري چڪي آهي. گهر اندر ڪٽي به ان جو پاڇو نه آهي. اهو احساس ته هن جي پياري شيءِ هيٺ ڪري سدائين لاءِ مٽيءَ ۾ ملجي چڪي آهي. ڏاڍو دل ڏاريندڙ هيو. هو جاڳي سوڙهه ۾ پاءُ پرسان اکيون کولي ليٽي سڏڪندو رهيو. هن جو منهن پاءُ جي ڪن پرسان هيو. وچ ۾ وڇوڻ جيتري وٿي هئي هو ڏڪندو رهيو ۽ ننڊي پاءُ کي ننڊ ورائي وئي. اهو خواب ۾ هڪ ليڪ ۾ تبديل ٿي ويو.

اها ليڪ ڊگهي ٿيندي هن جي پاءُ جي در وٽ اک وجهي ٻاهر ڏسڻ واري سوراخ مان نڪري وئي. نڪرندڙ لڪير جي ڇهاءَ کان در ائين لڏيو جيئن هوا تي ڪڙڪيو هجي. پنهنجي گهر ٻاهران پهچندي هن جي رفتار فرش تي هاريل پڳل شيشي جي گلاس جي ذرن وچ مان وهندڙ ڪير جهڙي ٿي وئي. روڊ رستا ڳاڙهين سرن واري گهٽي ائين گذري ويا جيئن چايو وڌيو. گهميو ۽ پوڙهو ٿي ويو هجي. هوا جئين داخل ٿي پلنگ تي پهتو ته هن جهڙو خال موجود هيو. ان ۾ سمائجي ويو. هن جي ڪن وٽ اميران مسلسل سڏڪي رهي هئي. ان جون اکيون سجي ٻن قبرن ۾ تبديل ٿيڪيون هيون. اهي ڳاڙهيون هيون جيئن انهن تي گل رکيل هجن. بکايل جون اکيون ڳوڙهن جو سرمايو هونديون آهن.

هو پرسان سمهيل اميران جا سڏڪا مسلسل ٻڌندو رهيو. اميران جنهن جي ڳوڙهن ۾ مينهن جي پهرين بوندن سان ڪرڻ ڪري تازي قبر جي مٽيءَ جهڙي خوشبوءَ هئي. هو اميران ۽ ست ٻار ننيڙي پلنگ تي ائين ويڙهيا سيڙهيا پيا هئيا جئين گدام ۾ رکيل ٻوريون. غربت پيٽين جي لٽل چوني ۾ چٽيل هئي، اتي چٽيل هيو هڪ پيءَ جيڪو قداور هيو. ان پويان ڪلهي جيتري زال ۽ ست ننڍا ٻار جيڪي هڪ ٻئي پويان پاتال ۾ ويندڙ لاهيءَ جيان بيٺل هيا. هڪ ڪٽنب جو چتر جيڪو پوسل ڪري چٽيل. چوني ۾ نروار ٿيو هيو. ٻار اڌ پيٽ ڪائي سوڙهه ۾ سمهيا هيا. هو ننڊ جي انتظار ۾ هيو. هن پرسان اميران سڏڪي رهي هئي. ان وٽ ڪجهه نه هيو صرف پيار هيو جيڪو بک مٽائي نه پئي

سگهيو. هو سڌو ٿي سمهيو ۽ پوءِ هن کي پاڪر ۾ پري پرچائڻ لڳو. ”نہ روءُ.“ ڏک حياتيءَ جيان اڻٽي وڇٽي شيءَ آهي.“ هن چيو. زال هن ويجهو آئي ۽ ائين سڏڪندي رهي جئين ڏک ضدي ٻار جيان هن جي من ۾ قاتل هجي ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ احتجاج ڪندو هجي. هو اميران کي سيني سان لائي پرچائيندو رهيو. اميران هن جي گرم ٻانهن ۾ سڏڪندي رهي. ٻئي پائر هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ هيا. ننڍو اميران کي پرچائيندو رهيو ۽ وڏو جنهن کي ننڍ جو گيرٽ اچي ويو هيو. ڏسي رهيو هيو. هڪ اونداهو قبرستان جتي هڪ قبر اندر سج جهڙي تيز روشني هئي. ان روشنيءَ ۾ هن جي زال جو منهن هيڊي ريشم جهڙو هيو. اها ڳاڙهن چپن سان مرڪي، ناسي اکين سان هن ڏانهن نهاري رهي هئي.

***

پيار

پيءُ دنيا مان بيزار ٿي چڪو هيو.هو پوڙهو هيو. سندس مٿي جا وار مينهن وسڻ ڪانپوءِ ڇڳل اڇي جهڙ جهڙا هيا. زندگيءَ جي تجربي هن کي مايوسيءَ ڪانسواءِ ڪجهه نه ڏنو هيو. دنيا ۾ ڦهليل بدامني ۽ فسادن ڪري هو ان کي جيئڻ لائق نه سمجهي رهيو هيو. هو دنيا جي مستقبل تي سوچيندو هيو. پوءِ اکين تي پاتل عينڪ لاهي ان جا ڏنڊلا شيشا صاف ڪري وري پائي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهندو هيو.

هن جي دل ۾ دنيا ۽ ان جي رهاڪن لاءِ ڪابه عزت نه هئي. هر شيءِ کي نفرت مان ڏسندو هيو ۽ هر انسان کان خوف محسوس ڪندو هيو.

نوجوان پٽ جنهن جي عمر ٻاويهه سال هئي، سهڻو قداور هيو. ان جي منهن جي تازگي بهار ۾ ٽڙيل ڳاڙهي گل جهڙي هئي. اهو ڏاڍو خوش مزاج ۽ پر اميد هيو. اهو مرڪندو هيو ۽ هر ڳالهه ۾ چڱائي ڳولهي دل تي ڪڏهن بوجهه نه کڻندو هيو.

اهو هڪ ڏکو گهر هيو جنهن جي اڳياڙي ريل جي ڪٽ چڙهيل دٻي جهڙي هئي. پاسن کان سوڙها ڪمرا هيا ۽ پوياڙيءَ جو ننڍڙو پٽڙ پپل جي سڪل پنن سان ڍڪيل هوندو هيو.

هڪ ڏينهن نوجوان دنيا جو نقشو خريد ڪري آيو ۽ اهو دالان ۾ پيل ڪاٺي واري ميز جي شيشي هيٺان هٽي ڇڏيو. هو جڏهن ڪاٺو ڪائيندو هيو ته هن جون نظرون ان نقشي تي کتل هونديون هيون.

پيءُ هن سامهون ويٺل هوندو هيو. اهو ڏڪار ۽ نفرت مان هن ڏانهن ڏسندو هيو. ان کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي ته هن جو نوجوان پٽ آخر ان نقشي ۾ ڇا ڳولهي رهيو آهي. ان دنيا جي نقشي ۾ آخر ڪهڙي ڳالهه آهي جيڪا هن کي متاثر ڪري رهي آهي؟

”آرام سان ڪاڌو کاءُ.“ هڪ ڏينهن هن پٽ کي ٽوڪيندي چيو. ”خبر نه آهي ته تنهنجو ڪاڌو ڪيئن ٿو هضم ٿئي؟ جيڪڏهن مان ائين ماني ڪائيندي دنيا تي نظر وجهان ته جيڪر اوڪارا ڏئي ٿڪجي پوان.“

پٽ اکيون مٿي ڪنيون ۽ پيءُ جي ڳالهه تي مرڪيو.

”بابا تاريخ ۽ سياست منهنجا تعليمي مضمون آهن. مونکي دنيا جي نقشي ڏسڻ سان مطالعي ۾ مدد ملي ٿي ۽ خبر پوي ٿي ته دنيا سياسي طرح ڪيئن ورهايل آهي ۽ اسين هڪٻئي کان ڪيترو پري ۽ ويجها آهيون.“

پيءُ ڪائيندي مڇيءَ جي ٻيري مان ڪنڊو ائين ڪڍيو جيئن هن جي وجود ۾ ٽنبيل هجي.

”ڇاجي تاريخ؟ ڇاجو فلسفو؟ ڇا جي سياست؟ سڀ بڪواس.“ هن ڪاوڙمان چيو ”علم ۽ سائنس دنيا کي تباهيءَ طرف وٺي وڃي رهيا آهن. دنيا جون حالتون ڏينهون ڏينهن بدتر ۽ زوال پذير آهن. دنيا رهڻ لائق نہ رهي آهي.“

نوجوان ڪنڌ هيٺ ڪري گرهہ وات ۾ وجهي چٻاڙيندو رهيو. هن پيءُ جي ڳالهہ جو ڪو جواب نہ ڏنو. ٿوري ماٺ ڪانپوءِ پيءُ وري ڳالهايو.

”ڪهڙي دنيا جي ڳالهہ ٿو ڪرين؟... اها دنيا جنهن ۾ هر هنڌ بي امني ۽ فساد ڦهليل آهي. انسان انسان جو دشمن آهي. جتي مذهب، ناٽي، رنگ، نسل، زبان ۽ اقتدار جي نالي ۾ ڪيترن بي گناهن جو رت وهايو وڃي ٿو. جتي تاريخ جي ڪنهن بہ حصي ۾ امن جو دور ڪنهن خواب جهڙو ۽ حقيقت کان ڏور نظر اچي ٿو.

اهڙي دنيا جتي هر ڪو هڪٻئي جو ماس کائي ٿو ان جي رت چوسي زندگي برقرار رکڻ جي جدوجهد ڪري ٿو. دنيا جيڪا خصي ڍڳي جي سڱ تي رکيل آهي يا جيڪا راهہ وڃائي ويٺل جيان پولارن ۾ بي مقصد ڦري رستو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.“ پيءُ جي ڳالهين تي نوجوان ڪنڌ هيٺ ڪري مرڪندو رهيو. هو پر عزم ۽ جوشيلو جوان هيو.

هن وٽ پنهنجا خواب هيا. پنهنجا خيال هيا. هن ڪڏهن بہ پيءُ جي ڳالهين کي دل تي نہ ورتو. پيءُ جون ڳالهيون ٻڌي هن انهن کي بردباري ۽ مزاح سان ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي.

”بابا اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي.“ هن چيو. ”جيڪڏهن ڪوشش ڪجي تہ دنيا نيڪ ٿي سگهي ٿي. منهن جي خيال ۾ اهو ٿوري دير ۾ ممڪن آهي.“

پيءُ جڻ چڙي پيو.

”سڀ بڪواس جيڪڏهن تون تاريخ ۽ سياست جي ڄاڻ رکندڙ آهين تہ پوءِ ٻڌاءِ دنيا جي ڪهڙي ملڪ ۾ امن آهي؟“ پيءُ چيو ۽ پوءِ هن دنيا جي نقشي ۾ گهوريندي، سڀ کان پهريون آمريڪا تي آڱر رکي.

”ڇا توکي خبر آهي تہ هتي ڇا ٿي رهيو آهي؟ دنيا جي ناٽي ۽ وسيلن تي قبضي ڪرڻ لاءِ هن ملڪ ۾ ڪهڙيون سازشون ٿي رهيون آهن. سائنس ۽ جدت جي نالي ۾ تسلط کي نئون روپ ڏئي آزاديءَ جي نالي ۾ ڪيترن ملڪن کي غلام بنائي لتيو ويو آهي. ٻاهڻ ۽ ٻين معدني ذخيرن تي قابض ٿيڻ لاءِ تبليغي ذريعن جو غلط استعمال ڪري ماڻهن کي بيوقوف بنائي، ملڪن کي هڪ ٻئي سان وڙهائي، ثياڪڙي جو ڪردار ادا ڪري پاڻ کي طاقتور ثابت ڪري انهن کي زير ڪيو ويو آهي. دنيا جا ڪمزور ملڪ مانيءَ ڀِيي لاءِ آمريڪا طرف واجهائي رهيا آهن.

هيءُ اهو ملڪ آهي جنهن سوويت يونين خلاف دنيا ۾ مذهبن کي هوا ڏني. هاڻي دنيا جو سڪون تباهہ ٿي چڪو آهي. اسين پنهنجي ٻاريل باهہ ۾ پاڻ سڙي رهيا آهيون.“

نوجوان ساڳيو مرڪي هن ڏانهن ڏسندو رهيو. هن کي پيءُ جي جذبن جو احساس هيو پر هو مايوس نہ هيو. پيءُ جي ڪاوڙ جو بظاهر هن تي ڪو اثر نہ ٿي رهيو هيو.

”بابا اها ڳالهہ بلڪل درست آهي تہ هر طرف نفرت جي باهہ ڀڙڪي رهي آهي.“ نوجوان چيو. ”سڀ نفرتون ختم ٿي سگهن ٿيون. يقين ڪيو اهو سڀ ٿوريءَ دير ۾ ممڪن آهي.“

پٽ جي ڳالهہ ٻڌي پيءُ ڳاڙهو ٿي ويو. هن جو جوش ۾ ڪاوڙ ڀريون ڪان وڌي ويو. هن وري نقشي ۾ نهاريو ۽ روس تي آڱر رکي.

”هيءُ اهو ملڪ آهي جتي انقلاب جي نالي ۾ دنيا کي برباد ڪيو ويو. هڪ مخصوص نظريي کي دنيا تي مڙهڻ لاءِ پورهيتن ۽ غريبن کي سنهري خواب ڏيکاري ڀڙڪايو ويو.

پاڙيسري ملڪن تي ڪاهہ ڪري انقلاب جي آڙ ۾ انساني حقن جي لتاڙ ڪئي وئي. غريب پورهيت هاري ٽينڪن هيٺان چيڀاتجي مئا. دنيا ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي. دنيا جو توازن هيٺ مٿي ٿي ويو. امن جي نعري هيٺ جنگين جو بنياد پيو. دنيا کي پڇتاءَ ۽ پريشانيءَ کانسواءِ ڪجهہ نہ مليو. دنيا انقلاب جي دفن ٿي وڃڻ کانپوءِ ان جي قبر تي مرثيا پڙهي رهي آهي. اڄ بہ جارجيا جي گهٽين مان سرندڙ لاشن جي بوءِ اچي رهي آهي. چيچنيا ۾ بدامني آهي. دنيا ان قابل نہ آهي جو ان جي تعريف ڪجي.“

نوجوان پيءُ ڏي پيار ۽ عزت مان ڏسندو رهيو.

”واقعي ئي اسين ماضيءَ جي غلطين جو پوڄي رهيا آهيون.“ نوجوان چيو ”پر بابا منهنجيءَ ڳالهہ تي يقين ڪيو سڀ نفرتون ختم ٿي سگهن ٿيون. اهو سڀ ٿوريءَ دير ۾ ممڪن آهي.“

پيءُ پٽ ڏي ڪاوڙ ۽ حيرت مان ڏسندو رهيو. هن کي يقين ئي نہ پئي آيو تہ هن جي ايڏي تقرير جو هن مٿان ڪو اثر نہ ٿي رهيو هيو. هو پٽ جي مطمئن منهن ڏانهن ڏسي وري قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

پيءُ وري دنيا جي نقشي ۾ يورپ جي ملڪن ڏانهن اشارو ڪيو ”هيءُ ڏس برطانيہ جنهن سوين سال دنيا جو سڪون تباهہ ڪيو. پرامن ملڪن تي قابض ٿي انهن جو استحصال ڪيو. غدارن کي انعام ۽ اڪرام ڏئي سورهين جا سِر ڪپايا. دنيا جي وٹج واپار جو رخ پاڻ ڏانهن ڪري غربت جو ٻج ڇٽيو. مذهب جي نانءَ تي ملڪ ٽاهيا ۽ عوامي طاقتن کي ٽوڙي ٻہ اڌ ڪيو.“

پوءِ هن نقشي ۾ فرانس تي هٿ رکيو.

”هيءُ اهو ملڪ آهي جنهن يورپ جو سڪون تباهہ ڪيو. غير قانوني قبضا ڪيا ۽ عوام کي ڪوڙي انقلاب جي آڙ ۾ سدائين جنگين لاءِ تيار رکيو.“

هن نقشي ۾ جرمنيءَ تي هٿ رکيو.

”هيءُ اهو ملڪ آهي جنهن نفرتن مان جنم ورتو جيڪو استحصال جي باهہ جي ٽانڊن تي پچي راس ٿيو. هٽلر جهڙو دماغي مريض ان جي ڄر مان نڪتو ۽ ان دنيا کي هيٺ مٿي ڪري وڌو.“

پوءِ هن پنهنجي پٽ کي نقشي ۾ اسپين ۽ اٽليءَ ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌايو تہ ڪيئن اسلام جي نانءَ جو غلط استعمال ڪري عياشيءَ جا اڏا کوليا ويا ۽ ماڻهن کي بدظن ڪيو ويو. ڪيئن اٽليءَ آفريقي ملڪن تي قابض ٿي ظلم جا دروازا کوليا. ميسوليني ۽ جنرل فرانڪو دنيا سان ڪهڙيون تعديون ڪيون."

هن پوءِ وري پٽ ڏانهن ڏٺو جيڪو اڃان هن ڏانهن ڏسي مرڪي رهيو هيو. پيءُ کي محسوس ٿيو هن جو پٽ بي حس ۽ ڪند ذهن آهي. پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ لاءِ پيءُ وري ڪوشش ڪئي. هن دنيا جي نقشي ۾ ڏسندي هندستان طرف اشارو ڪيو.

"هيءُ ڏس اهو ملڪ آهي جنهن کي استحصالي قوتن ٽوڙي ٽڪر ڪيو. هتي مذهب جي آڙ ۾ اهڙي باهہ ڀڙڪائي وئي جنهن جا شعلا ڏينهون ڏينهن بلند ٿيندا پيا وڃن. هتي لکين ماڻهو جلاوطن ٿيا. ان الميي جو سڀ کان گهڻو اثر سنڌ تي ٿيو جنهن جو وجود خطري ۾ آهي. جنهن جا ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ تي دربدر آهن. مذهب جي آڙ ۾ آپگهاتي بمبارن ظلم مچائي ڏنو آهي. خدا جا گهر سلامت نہ آهن. شهرن ۾ نسلي فساد ٿي رهيا آهن. بي گناهہ ماڻهو قتل ٿي رهيا آهن. ٻاهران آيل طاقتور ۽ حڪمران آهن. ڌرتيءَ جا وارث ڏڦل ۽ پريشان آهن. شريف جو ڪو قدر نہ آهي. بدمعاش جي لٺ کي ٻہ مٿا آهن. مونکي ٻڌاءِ ڇا دنيا رهڻ لائق آهي؟ اهڙي دنيا جي ڪهڙي تعريف ڪري سگهجي ٿي جتي بدامني، آپگهاتي بمر ڌماڪا هجن. جتي خدا جا گهر محفوظ نہ هجن ۽ نسلي بنيادن تي انسانن جو قتل عام ڪيو وڃي. جتي جاهل حڪمران هجن ۽ جتي سياستدان مري ويل نظرين جي قبرن تي حڪمراني ڪندا هجن."

پيءُ ڏاڍو جذباتي ٿي چڪو هيو. پٽ پيءُ جي جذبن کي محسوس ڪيو. "تون بلڪل ٺيڪ چئي رهيو آهين بابا." هن چيو "واقعي ئي ناانصافيون ۽ ظلم دنيا ۾ عروج تي آهي. هر طرف نفرت جي باهہ ڀڙڪي رهي آهي. پر مان توهان کي عرض ڪيان تہ دنيا ۾ بي امني ۽ ظلم جو دؤر ختم ٿي سگهي ٿو. نفرت جون پاڙون پٽجي سگهن ٿيون. منهنجي خيال ۾ اهو ٿوري دير ۾ ممڪن آهي."

پٽ جي ڳالهہ ٻڌي پيءُ جوش ۾ ڏڪڻ لڳو. هن هٿ ورائي ٽيبل جي شيشي هيٺان لڳل دنيا جو نقشو ڇڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ ٻنهي هٿن سان ڇيهون ڇيهون ڪري پري ڦٽو ڪيو. نقشو ذرا پرزا ٿي ويو. ان جي ڪاغذ جا ٽڪر هيڏانهن هوڏانهن وکرجي ويا.

"دنيا آهي ئي ان لائق تہ ان کي گند جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلايو وڃي." پٽ ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ هيٺ جهڪي فرش تي وکريل دنيا جي نقشي جا ڦاٽل ٽڪر گڏ ڪرڻ لڳو. پيءُ ان جي اهڙي حرڪت تي حيران ٿي ويو. هو سمجهي ويو تہ هن جو پٽ اهي ڦاٽل نقشي جا ٽڪر ميڙي انهن کي ضرور ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪندو پر نقشو ايڏو تہ بي ترتيب ڦاٽل هيو جو ان جو پاڻ ۾ ڳنڍجڻ ڏکيو پئي نظر آيو.

"ڇا تون سمجهين ٿو تہ ان ڦاٽل نقشي کي ڳنڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندين؟ منهنجي خيال ۾ اهو ناممڪن آهي. اهو ايئن آهي جيئن پٿ سان مٿو ٽڪرائڻ." پيءُ چيو. ڇو جو هن کي پڪ هئي تہ

سندس پٽ ڪوشش باوجود به انهن کي اصلي صورت ۾ آڻي نه سگهندو.

پٽ ڦاٽل نقشي جا ٽڪر ميڙي ڪمري ۾ ويو ۽ ٿوري دير ۾ نقشو ٺڳنڍي ڪٺي اچي پيءُ اڳيان ٽيبل تي رکيائين. پيءُ ڏٺو. نقشو بلڪل صحيح ڳنڍيل هيو. سڀ ملڪ پنهنجي جاءِ تي موجود هيا. باردرن جون سڀ لڪيرون ترتيب سان هيون ۽ ڪابه گهٽ وڌائي ڪانه هئي. پيءُ عجب ۾ پئجي ويو ۽ حيرت مان پٽ ڏانهن ڏسڻ لڳو. پٽ سا ڳيو مرڪي هن ڏانهن نهاري رهيو هيو.

”تون ايترو جلدي آخر نقشي کي ڳنڍڻ ۾ ڪيئن ڪامياب تي وئين؟“ پيءُ پڇيو.

پٽ جي منهن جي مرڪ وڌيڪ گهري ٿي وئي.

”مان دنيا جو نقشو ڳنڍڻ جي ڪابه ڪوشش نه ڪئي، پر مون نقشي پويان لفظ پيار لکيو هيو. مون نقشي جي پوئين پاسي کان لفظ پيار کي ڳنڍيو، جيڪو آسان هيو. دنيا جو نقشو پنهنجو پاڻ ڳنڍجي ويو. پٽ جي ڳالهه ٻڌي پيءُ جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون. هو اٿيو ۽ هن پٽ کي سيني سان لائيندي چيو.

”بيشڪ پٽ پيار ئي آهي جيڪو اسان کي ڳنڍي سگهي ٿو.“

***

گڏهن جي آزادي

اهي سانوڻ جا ڏينهن هيا، اجان مينهن نہ وٺو هو. بي آب پٽن تي تيز اُس ۾ واريءَ جا ذرا چمڪندڙ اکين سان اپ مان آب جو انتظار ڪري رهيا هئا. خشڪ هوا ۾ مورن جي اجايل ڳلي جي ٽهوڪن جا آواز ڳورا ٿي چڪا هئا. پٽن وچان ويندڙ پيچرن جي پاسن کان بيٺل گاهہ ان ڪولهڻ جي ميرن وارن جيان ٿي لڳو جيڪا واٽ تي ويهي روزگار جي ڳولها ۾ ڏور ويل محبوب جو انتظار ڪندي آهي. واءُ جي پڙاڏن ۾ ڏوڙپئي ڳُهلي ۽ اپ ۾ اڇي جهڙ جا ڪڪر ڪنهن اجايل جيان ٿي پٽڪيا.

ٿهڪندڙ زمين مان اپرندڙ جر ۾ نظر ايندڙ وڻ ڄڻ پاڻي ۾ عڪس جيان پئي لڏيا. رمو ڪولهي جيڪو هاڻي سؤ گڏهن جو مالڪ هو، پراڻي پڳ تي ميري ڏوتي پائي اڳين گڏهہ تي ائين ويٺل هيو جيئن ڏيهہ مات ڪرڻ نڪتو هجي. هن پويان نوانوي گڏهہ ادب مان ڪنڌهيٺ ڪري هڪ ٻئي پويان ائين هلندا هيا جيئن ماڪوڙن جي قطار مينهن وسڻ کان اڳ محفوظ جاءِ جي ڳولها ۾ هوندي آهي.

ڪو وقت هيو هو ٻن گڏهن جو مالڪ هيو جيڪي هن کي پيءُ پاران ورثي ۾ مليا هيا. هن محنت ڪئي ۽ وڏي جاکوڙ ڪانپوءِ هو هاڻي سؤ گڏهن جو مالڪ هيو.پنهنجي تڪ ۾ گڏهن جو مشهور واپاري هيو. ڪڏهن ڪنهن کي ضرورت پوندي هئي تہ اهو رموءَ کان ئي گڏهہ خريد ڪندو هيو. رمو ٿوري منافعي تي گڏهہ وڪڻي رقم ڪمائيندو هيو جنهن ڪري هن جي گڏهن جا خريدار گهڻا هيا.

پل ٽر جو پاڻي هر هنڌ ڪسارو هجي پر ڪاسبي کان ننگر تائين اهڙو تہ منو هيو جو اڄ تہ اجهائيندو هيو پر بک پڙڪائي وجهندو هيو. اتي گڏهہ روزگار جو وڏو وسيلو هيا. ڪمي ڪاسبي انهن جي پٺ تي پاڻيءَ جون مشڪون پري ننگر پارڪر جي سرڪاري آفيسن، اسپتال ۽ گهرن تائين پهچائيندا هيا. ڪٿي گڏهہ جي پاسن کان ڪنڌيءَ جون ڪاٺيون لڙڪندي نظر ايندڙيون هيون تہ ڪٿي گڏهہ گاهہ ڍوئيندي ڏسبا هيا. ڪارونجهر جي جڙ مان وٽيل ننگر شهر جي رات جتي مورن جي ٽهوڪن سان گونجندي هئي اتي گڏهہ هينگون ڪري ماڻهن جي ننڊ ڦٽائيندا هيا.

رموا ڪولهيءَ جو نندپڻ اتي ئي گذريو هيو. ننگر کان پوڏيسر ويندڙ رستي تي جهوني مسجد جي مٿين پاسي پٽن تي ڪل ملائي يارنهن چونئرا هيا. اولهاري پٽ جي لهواري تي ڪنڊيءَ جي وڻ جو جهڳٽو هيو. ڪنهن وقت اتي هڪ چونئري اندر رموءَ جو پيءُ ميگهو پن جون بيڙيون وٽي انهن ۾ تماڪ پريندو هيو. ان جي آمدنيءَ جو ذريعو اهي بيڙيون ۽ ٻہ گڏهہ هيا، جيڪي ڪنڊيءَ ۾ رسي سان ٻڌل هوندا هيا. رمو چونئري جي ڪنڌ ۾ ويهي پيءُ کي بيڙيون ٻڌندي ڏسندو هيو جيڪو روز پنهنجي ٻڌل بيڙين جو وڏو انگ پاڻ ئي پي ويندو هيو. رموءَ کي اها عادت بہ اتان ئي پئي. هو پيءُ کان پيئڻ لئي

ٻيڙي گهرندو هيو. پيءُ پٽ تي رحم کائي ڪڏهن ٻيڙي ڏئي ڇڏيندو هيو نه ته هو اڪثر پيءُ جون ٻڏل ٻيڙيون ان کان اک بچائي چوري ڪري پيئندو هيو.

"اڙي ڇورا ايڏيون ٻيڙيون پيئندي ته کائيندا سين ڇا؟ گڏهه جي لڏ."

هو جڏهن پٽ کي نصيحت ڪندو هيو ته هن جي ڳالهائڻ تي ڇپن جي ڪنڊ ۾ قاتل ٻيڙي ائين لڏندي هئي جو ان مان نڪرندڙ دونهي مان هن جا لفظ اکرن جي صورت ۾ لڪجندي نظر ايندا هيا.

اڃا پٽس جي ڏاڙهيءَ جا وار اڃا ئي نه ٿيا هيا جو دنيا مان راهي ٿيو. رمو ۽ گڏهن سان اڪيلو رهجي ويو. وقت سان رمو سگهارو ثابت ٿيو. هن پيرين پند سوين ميل سفر ڪيو. ڪارونجهر جي سلسلي کان اڳتي ڪاسبي جي زرخيز زمينن تائين ويو. جتي گڏهه جو ملهه ٽڪو هيو اتي هن کي رپيو مليو. هو آيو پنهنجي علائقي مان سستا گڏهه خريد ڪري وري ويو ۽ وڪيا. هن ججها ڏوڪڙ هٿ ڪيا. رمو ويو واپار ڪندو۽ وڌندو.

هڪ ڏينهن هو سؤ گڏهن جو مالڪ بڻجي ويو. اولهاري پٽ جي لهواري پاسي ڪنڊيءَ جي وڻن ۾ هن جا سؤ گڏهه ٻڌل هوندا هيا. ننگر ۽ ڪاسبي وڃڻ کان اڳ هو گڏهن جي سٺي سيوا ڪندو هيو. صبح جو سوير پلو گڏهه چونڊي ان تي ويهي اڳتي هلندو هيو ۽ نوانوي گڏهه هن پويان ڪنڌ جهڪائي قطار ناهي هلندا هيا. ڪنهن ڪوهه ڪناري گڏهه گاهه کائي پاڻي پي تازا توانا ٿيندا هيا. سج لٿي کان اڳ واپس ورندو هيو ۽ اولهاري پٽ جي لهواري پهچي هر گڏهه کي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي ڪنڊيءَ جي وڻ سان ٻڌي چونئري ۾ وجي پيءُ جي ڇڏيل پاٿاريءَ تي ليٽي ٻيڙيءَ جا سوٽا هڻندو هيو.

هڪ دفعي هن واپار سانگي ننگر ۽ ڪاسبي وڃڻ جو پهه ڪيو. صبح جو اٿيو ۽ گڏهه ڇوڙيا. جڏهن پلي گڏهه تي چڙهي هڪليندو پويان ايندڙ نوانوي گڏهن سان ننگر کان ٿورو پري پهتو ته آسمان ڪارن ڪڪرن سان ڍڪجي ويو. رموءَ سوچيو ڪيترا ڪڪر آيا، ڪيترا ويا. ڪڏهن مينهن نه وٺو. اهي وري ڪهڙو مينهن وسائيندا جو ڊڄي واپس وري جيڪي ٽيٽو هوندو ٿيندو. اهو سوچي سؤ گڏهه ساڻ ڪري هنومان مندر وٽ پهتو ته مينهن شروع ٿي ويو. مينهن جون بوندون هن جي پراڻي پڳ تي ڪري ان ۾ جذب پي ٿينديون ويون. هو اڳتي هلندو رهيو. جڏهن ڳاڙهي جبل وٽ پهتو ته هن جي پڳ ڪرندڙ بوندن ۾ ايڏي ته ڳوري ٿي چڪي هئي جو ان جو وزن مٿي تي محسوس ڪري رهيو هيو. هن جي ڏاڙهي جا وار آلاڻ ۾ جمي هڪ ٿي ويا ۽ گڏهه تي ويٺي هن جي پسيل ڌوتيءَ مان ڪاراسٽر ائين ڏسجي رهيا هيا جيئن ٻه سانوريون رئي ۾ منهن لڪائي هن جي گوڏن ويٺل هجن.

هن پويان هلندڙ نوانويءَ گڏهن جي رفتار سست ٿي وئي. وسندڙ مينهن جي بوندن ۾ هر شيءِ ڏنڌلي ٿي وئي. پٽن ۽ ڳاڙهي جبل تان پاڻي رڙهندو هيٺ وهڻ لڳو. سمورا گس پاڻيءَ جي وهڪرن ۾ تبديل ٿي ويا. اهو ساوڻ جو پهريون وسڪارو هيو. هر طرف خوشيءَ جي لهر هئي پر رموءَ جي دل جي هورا ڪورا وڌندي وئي. هو گهڻو اڳتي نڪري آيو هيو. هاڻي واپس ورڻ محال هيو. هن کي خبر هئي ته

پٽن ۾ جبلن تان رڙهندڙ پاڻيءَ سپ گس ٻوڙي ڇڏيا هوندا. هو گڏهن کي هڪليندو اڳتي وڌندو رهيو. هن محسوس ڪيو هاڻي اڳتي هلڻ ڏکيو آهي. هن ڪنڌ ورائي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو جيئن لڪڻ جي جاءِ ڳولهيندو هجي. پريان هن کي هڪ پٽ نظر آئي جنهن تي ڪنڊين جا وڻ هيا ۽ اها وهندڙ نين کان گهڻو مٿي ۾ محفوظ هئي. هو گڏهن کي هڪليندو ان پٽ طرف وڌيو. اتي پهچي مٿي ڪنڊين جي جهڳٽي ڏانهن هليو. جڏهن پهتو ته گڏهن کي گڏ ڪري ڪنڊين هيٺيان پناهه ورتائين. هن شڪر ڪيو ته کيس لڪڻ لاءِ سٺي جاءِ ملي هئي نه ته گڏهن مان آسرو لاهي ويٺو هيو. هن محسوس ڪيو جيڪڏهن اها جاءِ نه ملي ها ته جيڪر گڏهه پاڻيءَ ۾ لڙهي وڃن ها. هو گڏهن کي ساڻ ڪري ڇڱي دير مٿي پٽ تي ويهي مينهن بند ٿيڻ جو انتظار ڪندو رهيو. جڏهن مينهن جهڪو ٿيو ته هن ڏٺو هيٺ وچڻ جا سپ رستا بند ٿي چڪا هيا. پاڻي گسن تان ندين جي صورت ۾ وهي رهيو هيو. هن لاءِ اهو ممڪن نه هيو ته گڏهن کي ساڻ ڪري سفر جاري رکي سگهي. انهن ئي سودائن ۾ هيو ته هن کي پريان ڪو واٿهڙو پٽن جي وٽ وٺي ايندي نظر آيو. هن کي اباڻڪو ڏسي مٿي چڙهي آيو ۽ پڇيائينس.

”ڏي خبر ڏاڍو منجهيل ڏسجي رهيو آهين؟ ڪو مسئلو هجي ته جيڪر مان تنهنجي مدد ڪيان.“

هن جي ڳالهه ٻڌي راموءَ ٿڌو ساهه پريو.

”گڏهن جو واپاري آهيان. سؤ گڏهه ساڻ ڪري اهو سوچي گهران نڪتو هوس ته ننگر ۾ ڪاسبي وچي اهي وڪڻي سنو ناڻو ڪمائيندس پر مينهن رستو روڪي وڌو آهي. هجان ها اڪيلو سِرُ ته منهن ڏئي مٿانهين کان هلندو ڳوٺ پهچان ها پر هاڻي هنن سؤ گڏهن جو ڇا ڪيان؟“

هن جي ڳالهه ٻڌي واٿهڙو سندس پڪ ۾ وينو ۽ ڪنڌ ورائي ڏٺو. ڪو گس خالي نه هيو جتي پاڻي نه هجي.شام ٿيڻ واري هئي ۽ رات تائين رستن تان پاڻي جي نڪرڻ جو ڪو امڪان نه هيو.

”لڳي ٿو توکي رات هتي رهي صبح سان سفر ڪرڻو پوندو.“ واٿهڙوءَ چيو.

”چوين ته سچ ٿو.“ راموءَ مايوسيءَ مان چيو. ”پر هنن گڏهن کي ڪٿي لڪايان. هجي ها گهر ته هنن کي رسن سان ٻڌي هٿيڪو ڪيان ها. هن رڻ پٽ ۾ مون وٽ ايڏا رسا نه آهن. رات ٿيندي ئي جيڪڏهن اوندهه ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي ويا ته وڏي نقصان ۾ پئجي ويندس. رسن بنا هنن کي هٿيڪو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.“

هن جي ڳالهه ٻڌي واٿهڙو ٽهڪن ۾ ٻڏي ويو.

”اها ڪهڙي ڳالهه آهي.“ هن چيو. ”مان سمجهان ٿو ته تون ضرور سؤ گڏهن کي سؤ رسن سان ٻڌي هٿيڪو ڪندو هوندين پر اهو ڪو مسئلو نه آهي. منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌ.“

پوءِ واٿهڙو راموءَ پرسان اچي وڏي راز مان ٻڌائڻ لڳو.

”تون هيئن ڪر. جيئن گهر اڳيان گڏهن جي ڳچيءَ ۾ رسو وجهي ڪنڌيءَ جي وٽن سان ٻڌندو آهين ائين هر گڏهه کي ڪنڌيءَ جي وڻ وٽ بيهاري خالي هٿ ان جي ڳچيءَ چوڌاري ڦيرائي

ڪنڌيءَ جي ٽڙ ۾ ڳنڍ جو اشارو ڏي. گڏهه ائين سمجهندا ته اهي ٻڌجي ويا آهن. تون منهنجيءَ ڳالهه تي يقين ڪر اهي پاڻ کي ٻڌل سمجهي بيهي رهندا. جڏهن رات گذري ته صبح سان راهي ٿجانءِ.“ واٽهڙو هن کي صلاح ڏئي روانو ٿي ويو. ان جي وڃڻ کان پوءِ رموءَ ائين ئي ڪيو. هن هر گڏهه کي ڪنڌيءَ جي وڻ وٽ وٺي خالي هٿ ان جي ڳچيءَ چوڌاري ڦيري ٽڙ ۾ ڳنڍ جو اشارو ڏنو. جڏهن هو واندو ٿيو ته ڏٺو سڀ گڏهه ائين بيٺل هيا جيئن اولهاري پٺ جي لهوارڙيءَ تي ٻڌجڻ کان پوءِ بيٺل هجن. رموءَ سک جو ساهه کنيو ۽ سوچيو چڱو ٿيو واٽهڙو مليو جنهن اهڙي صلاح ڏني جا وقت تي ڪارائتي ثابت ٿي.

جڏهن رات پنهنجا پنک پکيڙيا ته مينهن بند ٿي چڪو هيو پر وڄ آسمان ۾ چير وجهي چمڪي رهي هئي. پٺ هيٺ نانگن جي تيز ترڻ ڪري پاڻيءَ ۾ سرڙاٽ پئي ٿيا. هن جا ڪيسا پريل هيا پر ڪائڻ لاءِ ڪجهه نه هيو. هن سوچيو هيو. ننگر پارڪر پهچي مختيارڪاريءَ ٻاهران دينوءَ جي هوٽل تان دال ماني کائي اڳتي وڌندو پر ننگر پارڪر اتان ڪجهه پنڌ پري ڪارونجهر جي ڪارڻ ۾ لڪيل هيو. هن کي بک ورائي وئي هئي. موسم جي وٺ سٺ ۾ هن مانجهاندو به نه ڪيو هيو. هن سوچيو الاءِ هوٽل ڪليل هوندو الاءِ نه. اهو سوچي وري مايوسيءَ مان ڪَرَ پيچي اوباسيون ڏيڻ لڳو. ڪيس بک تپائي رهي هئي. هو لٺو ڇنڊي اهو سوچي اڳتي وڌيو ته جي دينوءَ جو هوٽل بند هوندو ته مانيءَ ڳيو ضرور هِتان هُتان ملي پوندو. هو هلندو جڏهن ڪارونجهر کي ويجهو ٿيو ته اوچتو اتر کان واءُ مينهن ٿي ويو. وڏڦڙو وسيو ۽ آسمان ۾ نڪاءُ ٿيو جڻ اپ ڦاٽي پيو هجي. وڄ باهه جيان وسڻ لڳي ۽ جڏهن ڪارونجهر تي ڪري ته اهو ٻرڻ لڳو. هو منهن پير هيٺ ڪريو. جبل تان رڙهندو جڏهن جين مندر جي پڊر ۾ ڪريو ته ڪپر ڇرڪي وڃي مها وير جي بت ۾ لڪيا. رموءَ جي وات مان وهندڙ رت ڄمي ويو. هن جون اکيون کليل هيون ۽ اپ مان مينهن ڪٽيون ڳوڙهن جيان انهن تي ڪري رهيون هيون.

پٺ تي ڪنڌيءَ جي وڻن هيٺان بيٺل گڏهه اتي ئي بيٺا رهيا. صفا نه چريا. رمو نه اچڻو هيو نه آيو. چار ڏينهن گذري ويا. ساڳيو واٽهڙو جنهن رموءَ کي صلاح ڏني هئي اوچتو اتان اچي لنگهيو. ڏٺائين رموءَ جو ڪو نانءُ نشان نه هيو. گڏهه ڪنڌيءَ جي وڻن هيٺان بکن ۾ پاهه ٿي رهيا هيا. هو سمجهي ويو ضرور ان رات رموءَ سان ڪو حادثو ٿيو آهي. گڏهه ان خيال کان ته رسي سان ٻڌل آهيون پنهنجيءَ جاءِ تان نه چريا آهن. بک ۽ اڃ انهن جا حال هيٺا ڪري ڇڏيا هيا. گڏهه ڏاڍا مظلوم پئي ڏٺا. هو هر گڏهه وٽ ويو ۽ انهن کي آزاد ڪرڻ جي نيت سان ڳچيءَ چوڌاري ائين هٿ ڦيريا جيئن رسي مان ڇوڙيندو هجي. گڏهن جڏهن محسوس ڪيو ته اهي رسن مان آزاد ٿي چڪا آهن. خوشيءَ مان نڪ ڇنڊي چپ ڦڙڪائڻ لڳا. واٽهڙوءَ انهن کي گاهه ڪارائي پاڻي پيئاريو. پوءِ هو پلي گڏهه تي چڙهي وينو ۽ نوانوي گڏهه ادب مان هيٺ ڪنڌ ڪري قطار ٺاهي ائين هلڻ لڳا جيئن هو رموءَ پويان هلندا هيا.

❋❋❋

چور ۽ بهادر سپاهي

هو چور هيو هڪ عقلمند چور. جڏهن ننڍو هيو تہ هن انڌن فقيرن جي ڪشڪولن مان پئسا چورايا. جڏهن جوان ٿيو تہ دليون چورايون ۽ جڏهن پوڙهائپ ڪي ويجهو ٿيو تہ هن کي خبر پئي ڪتي نوفل جو محل آهي جتي ابوجهل جي پندرنهن سو سال پراڻي بوتل ڪنهن پياڪ جو انتظار ڪري رهي آهي.

ڪنهن وقت نوفل ۽ ابوجهل جي پاڻ ۾ ياري هئي. انهن ان محل ۾ گڏجي تي بوتلون پيتيون ۽ هڪ ڪتي اهو سوچي لڪائي ڇڏي تہ ڪڏهن ايندڙ نسلن جو ڪو پياڪ اتي ايندو ۽ پراڻيءَ جو مزو ماڻيندو. هن کي اها بوتل چورائڻي هئي جيڪا ناياب هئي. هن کي ڪا خبر نہ هئي تہ نوفل جو محل ڪتي آهي. ڪنهن ڪيس ٻڌايو هيو "نوفل جو محل اهڙي جهنگ ۾ آهي جتي گڏهہ نما انسان رهن ٿا. اتي هڪ ڪنڊر آهي جنهن ۾ مرڪندڙ ٻلي ستن ڪوئن کي ڪير پيئاري ٿي."

هن کي اهڙي ڪنڊر جي ڳولها هئي. ۽ هن کي اها بوتل چورائڻي هئي. هڪ ڏينهن هن اهڙو جهنگ ڳولهي لڌو جتي گڏهہ نما انسانن جي حڪمراني هئي. ۽ انسان نما انسان ڪلهن تي بار ڍوئي رهيا هيا. جهنگ ايڏو تہ گهاٽو هيو جو مٿان بيٺل سج جا ڪرڻا اتي نہ پهچي رهيا هيا. اتي جهڙو ڏينهن هيو تهڙي رات ۽ جهڙي رات هئي تهڙو ڏينهن. هو هلندو سردار وٽ پهتو ۽ ان کي نِوڙي سلام ڪيائين.

"اي ظل خراساني سردار عالمِ پريشاني. توهان بيشڪ هوشمند حڪمران آهيو. پر مان بہ وقت جو ولي آهيان. توهان جي خدمت ۾ انڪري حاضر ٿيو آهيان تہ مونکي نوفل جي محل ڏسڻ جو ڏاڍو شوق آهي. اهو محل هن گهاٽي جهنگ جي ڪنهن حصي ۾ موجود آهي. جيڪڏهن مهرباني ڪري ڪو سونهو ساڻ ڏيو جيڪو دڳ ڏيکاري تہ اهو محل ڏسي توهان کي دعائون ڏيندس."

هن جي ڳالهہ تي سردار ڏاڍو ڪليو جنهن جي منڍي گڏهہ جي هئي ۽ ٿهڪ ماڻهوءَ جهڙا هيا.

"ڪهڙي نوفل جي ڳالهہ ٿو ڪرين جيڪو اسان جي ڏاڏي جو دوست هيو؟"

"ها سردار." چور چيو "اهوئي جيڪو عقلمند ابوجهل جو دوست هيو."

پنهنجي بزرگ جي تعريف ٻڌي سردار ڏاڍو خوش ٿيو. هن هڪ بهادر سپاهيءَ کي سڏ ڪيو جيڪو تازو ان لشڪرن سان گڏ موٽيو هيو. جنهن زالن جو حڪم مڃيندڙ ڪافرن کي گهرن ۾ گهري شڪست ڏني هئي. اهو گڏهہ جي منڍيءَ وارو بهادر سپاهي بدن جو ڏاڍو سگهارو هو. اهو قداور ۽ ڪثرتي جسم وارو هيو. ان جي ويڪري ڇاتيءَ تي ڳچيءَ ۾ پاتل سونو تعويذ لڙڪي رهيو هيو. سردار سپاهيءَ کي حڪم ڪيو.

”هن وليءَ کي نوفل جي تباهہ ٿيل کنڊر ۾ وٺي وڃ. پر اهو ياد رکجانءِ . هيءُ اتي کا اهڙي حرکت نہ کري جو اسان جي وڏڙن جو روح رنجائي ۽ پريشاني پيدا کري وجهي.“

بهادر سپاهي هٿ ۾ تلوار جهلي سينو سڌو کري هن اڳيان ائين هلڻ لڳو جيئن کنهن جو سر قلم کرڻ نڪتو هجي. چور ان پويان هلندو جڏهن کنڊر ٻاهران پهتو تہ هن کي دروازي تي هڪ کاري ٻلي ويٺل نظر آئي جيکا ستن کوئن کي کير پيئاري رهي هئي. سپاهيءَ اڳتي وڌي مقدس ٻليءَ کي سلام کيو ۽ ان کان اندر وڃڻ جي اجازت گهري. ٻليءَ اک کي ائين ڇنڀيو جيئن چوندي هجي، ”لنگهي وڃ مون کي کو اعتراض نہ آهي.“ پوءِ اها مرکڻ لڳي.

کنڊر سوين سال پراڻو هيو. پر ان جون پٿيون اڃان بيٺل هيون. پٿين جي پراڻن پٿرن ۾ انيڪ شبيهون اپريل هيون. هڪ ڏکهي برج مٿان شينهن اکريل هيا جن جي وات مان مينهن وسڻ کانپوءِ پاڻي نيسارن جي صورت ۾ هيٺ وهي رهيو هيو. اتي اڇي کاري پٿر جو اڱڻ هيو ۽ اندر هڪ کمرو هيو جنهن جي ڇت اڃان سلامت هئي. اوپر واري دَرَ مان اس جو پاڇو فرش تي ائين پيل هيو جيئن اکيلائپ جي زندگي گذاري مري ويل کنهن کوڙهہ جي مريض جو لاش هجي. چور کمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. اهو خالي هيو. اتي کجهہ نہ هيو هر طرف سوين سال پراڻي ڌوڙ ڦهليل هئي. هو مايوس ٿي ويو. هن کي اتي ابوجهل جي لڪايل بوتل کٿي نظر نہ آئي. هن مٿي ڇت ڏي نهاريو اتي ڇير ائين پيل هيا جيئن وقت چاقوءَ سان ان تي حملو کيو هجي. هن جون نظرون ڇت تان ٿينديون هيٺ پٿين تي پيون. هن ڏٺو هڪ پٽ جي مٿين جاري ۾ پراڻي بوتل رکيل هئي جنهن مٿان مٽيءَ جا تهہ چڙهيل هيا. اها بوتل کنهن وسري ويل محبوب جي ياد ايندڙ ڏکهي ڳڇيءَ جيان هئي. ان کي ڏسي چور سمجهي ويو تہ اها ساڳي بوتل آهي جنهن جي هن کي ڳولها هئي پر اها مٿي رکيل هئي ۽ هن جي پهچ کان پري هئي.

بهادر سپاهي هن پرسان سينو کولي هر حرکت جو جائزو وٺي رهيو هيو. هن کي خبر هئي تہ جيکڏهن هن کا اهڙي حرکت کئي تہ اهو گڏهہ جي منڍيءَ وارو بهادر سپاهي هٿ ۾ جهليل تلوار هڻي ٻہ اڌ کندي دير نہ کندو. چور محسوس کيو اهو ناممکن آهي تہ هو سپاهيءَ کان اک بچائي ٽپو ڏئي اها بوتل کڻي لکائي ڇڏي. اها گهڻو مٿي رکيل هئي. هن کي وڏي پٿر جي ضرورت هئي جيکو اتي رکي ان تي چڙهي بوتل کي حاصل کري سگهي. هن ٻاهر اڱڻ ۾ نظر ڦيرائي اتي اهڙا پٿر پيل هيا جيکي کم جا نہ هيا. هنکي کا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ ڇا کري ۽ ان بوتل تائين کيئن پهچي. سندس دل چاهيو تہ هو بهادر سپاهيءَ جي کلهن تي چڙهي هٿ وڌائي اها کڻي وٺي پر اهو ناممکن هيو. هو هيڏانهن هوڏانهن ڏسي سوچيندو رهيو تہ آخر هن کي ڇا کرڻ گهرجي. هن وٽ ان کانسواءِ کو چارو نہ هيو تہ هو بهادر سپاهيءَ کي ان ڳالهہ جو قائل کري تہ هن کي کلهن تي کڻي ان جاري تائين پهچائي. پر بهادر سپاهي ڏاڍو اٽل ۽ سيٽيل پئي نظر آيو. هن سوچيو اهو هن کي کلهن تي چڙهڻ جي اجازت کڏهن نہ ڏيندو. اهو کڏهن نہ چاهيندو تہ نوفل

جي تاريخي محل جي ڪاشيءَ سندس ڪو سامهون ڪٽي هليو وڃي. اهو گڏهه جي منهن وارو بهادر سپاهي هن پويان ائين بيٺل هيو جيئن هن کي ٻانهن کان وٺي محل کان ٻاهر اڇلائڻ وارو هجي. تيز تلوار ان جي هٿ ۾ چمڪي رهي هئي ۽ هن جي هر حرڪت جو جائزو وٺي رهيو هيو.

هن وٽ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو طريقو نه هيو ته هو بهادر سپاهيءَ کي پاڻ سان ملائي ان کي اهڙيءَ طرح زير اثر ڪري جو اهو مدد لاءِ تيار ٿي وڃي. ڪيس ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو نظر نه آيو. هن ڇا ڪيو جو هيٺ ميري فرش جي پراٽين سرن تي پَلٿ ماري اکيون ٻوٽي ويهي رهيو.

”مان ڏاڍو ٿڪيل آهيان.“ هن سپاهيءَ کي چيو ”جيڪڏهن اجازت ڏين ته هت ويهي ڪجهه دير آرام ڪريان.“

سپاهيءَ ڪجهه نه چيو ۽ هو اکيون ٻوٽي ويٺو رهيو. سپاهي ڪجهه دير بيهي هن کي ڏسندو رهيو. ۽ پوءِ اهو به هن سامهون تلوار پاسي رکي ويهي رهيو.

”مان وقت جو ولي آهيان.“ چور اکيون کوليندي چيو. ”مون اڌ دنيا جو سفر ڪيو آهي ۽ ڪيترا ماڻهو منهنجا پوئلڳ آهن. مان توکي هڪ قصو ٻڌائڻ چاهيان ٿو جنهن جي ٻڌڻ سان تنهنجي من جو بار هلڪو ٿي ويندو ۽ سڀ پيڙائون ختم ٿي وينديون.“

بهادر سپاهيءَ هن جي نوراني چهري کي چتائي ڏٺو ۽ متاثر ٿي هن کي ان قصي ٻڌائڻ لاءِ چيو.

چور دل ۾ خوش ٿيو ته سندس ڦهريون تير ڪاميابيءَ سان نشاني تي لڳو آهي. پوءِ چور هن کي، ’اصل وڏو قصو دائمي خوشي حاصل ڪرڻ جو‘ ٻڌايو.

”ڪو ٻڍڙهيو ان جو ٽڙ ڏاڍو ٿلهو هيو. ان ٻڙ هيٺان هڪ پاسيريون نڪتل سنهڙو جوان اکيون ٻوٽي ويٺل هوندو هيو. هوا تي ٻڙ جا پن ته لڏندا هيا پر هن جي ڏاڙهيءَ جا وار هوا ۾ نه اڏرندا هيا ڇو جو اهي هن جي اميدن موجب انسان ذات جيان جميل مٽيءَ ۾ ملي هڪ ٿي ويا هيا. ان ڪيئي سال ان ٻڙ هيٺان ويهي گذاريا. روز رات جو حورون هن اڳيان اچي پنهنجا ٽڻ لوڏينديون هيون پر هن تي ڪو اثر نه ٿيندو هيو. ان جي ويراڳ جو سبب ڌرتيءَ تي اتان جون پوڳنائون ۽ درد هيا. محدود زندگي هئي جيڪا ڪن پل ۾ اک ڇنڀ جيان گذريو وڃي ۽ موت جي خوف مان پيدا ٿيندڙ ڪيفيت هئي. اهو جڏهن شهزادو هيو ۽ محل کان ڦهريون دفعو ٻاهر نڪتو ته هن جي نظر هڪ جنازي تي پئي. هن ڪنهن کان پڇيو ”اهو ڇا آهي؟“

”اهو جنازو آهي.“ ڪنهن کيس جواب ڏنو.

”جنازو ڇا ٿيندو آهي؟“ هن سوال ڪيو.

”جڏهن ماڻهو مري ويندو آهي ته ان جو جنازو نڪرندو آهي.“

ان شخص جي جواب تي هن کي حيرت ٿي ۽ سوچيائين، ”ڇا انسان مرندو به آهي؟ جيڪڏهن انسان مرندو آهي ته پوءِ هن مختصر زندگيءَ جو ڇا حاصل؟ هو ڏاڍو ڏکي ٿيو. ۽ هن کي هر شيءِ ۾ ڏک ڪانسواءِ ڪجهه نظر نه آيو. هن تاج ڦٽو ڪيو. ۽ جهنگ ۾ نڪري ويو. هو ٻڙ هيٺان اچي ويٺو ۽

حياتيءَ متعلق سوچڻ لڳو. دنيا ۾ ان جي ڏکن سورن بابت سوچيو. هن چاهيو پئي تہ جيڪر ڌرتيءَ جا ڏک گهٽائي سگهي. شل هن جي عمل سان انسان اهڙي خوشي حاصل ڪري جيڪا عارضي نہ پر دائمي هجي. انسان هر حال ۾ پاڻ کي مطمئن ۽ مڪمل سمجهي، اهو اندر ۾ ڪُتيل نہ هجي.

چور ڳالهيندي سپاهيءَ جي منهن ۾ ڏٺو. اهو مڪمل طرح هن جي گرفت ۾ اچي چڪو هيو. ان جي گڏهہ جهڙي منهن تي نرڙ وٽ فڪر انگيز گهنج ظاهر ٿيا هيا. اهو ادب مان ڪنڌ لوڏي هن جي نصيحت جو جواب ڏئي رهيو هيو. جيئن چور ڳالهيندو پئي ويو سپاهيءَ جي دل نرم پئي ٿيندي وئي. نيٺ اهڙو وقت بہ آيو جو سپاهيءَ جذبات ۾ اچي هٿ ۾ جهليل تلوار پري ڦٽي ڪئي ۽ اها ويران محل جي خاموش فرش جي پٿرن جي نند ڦٽائيندي پري وڃي پئي.

”اهنسا.“ چور چيو. جنهن جي مانڱرمڇ جهڙين اکين ۾ پاٽي پرجي آيو.

”اهنسا ئي آهي جيڪا دنيا جي تقدير بدلائي سگهي ٿي. تشدد ۽ ظلم بي چينيءَ جا سبب آهن.“

پوءِ هن سپاهيءَ جي اهڙي جذبي جي تعريف ڪئي جنهن تحت هن تلوار کي هڪ پاسي ڦٽو ڪيو هيو.

”توکي لک شابس اي بهادر سپاهي.“ هن چيو. ”فتح حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن هٿيار جي ضرورت نہ آهي. فتح صرف ان صورت ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿي جڏهن من کي مات ڪبو. اندر کي شڪست ڏبي. اصل جنگ تنهنجي اندر ۾ جاري آهي. تنهنجا دشمن تو ۾ موجود آهن. تون جيڪڏهن انهن کي مات ڏيندين تہ جيئڻ جو مزو ماڻيندين. جيڪڏهن توتي اهي حاوي ٿي ويا تہ ڏکن ۽ ڏوجهرن کانسواءِ ڪجهہ پڙ نہ پوندو. تون انهن کي تلوار سان وڙهي نہ ٿو حاصل ڪري سگهين، ڇو جو تنهنجا دشمن ٻاهر نہ آهن اندر آهن. ٻاهر اوندهہ آهي. اندر کي اجرو ڪندين تہ ڪڏهن ڪمزور نہ ٿيندين. اصل بهادري پاڻ سان مقابلو آهي. توکي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ اهنسا جي هٿيار جي ضرورت پوندي. هڪ اهڙي تلوار جي ضرورت پوندي جيڪا تو اندر موجود آهي. تون جڏهن ان کي ڳولهي لڌو تہ امر ٿي ويندين. تولاءِ موت بيڪار ٿي ويندو. اهو ڪڏهن توتي حاوي نہ ٿي سگهندو. جڏهن تو مرندين تہ محسوس ڪندين پيو ڪو مري ويو.“ چور جي ڳالهين جو بهادر سپاهيءَ تي ايڏو اثر ٿيو جو هن جو ٻوٽ لڙڪي پيو ۽ ذري گهٽ روئڻ وارو هيو. ان جذبات ۾ اچي پنهنجيورديءَ جا بٽڻ کولي ڪوٽ لاهي پري ڦٽو ڪيو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري هن کي ٻڌندو رهيو. چور جنهن جي لفظن جو جادو هن تي هلي رهيو هيو. اهو دل ۾ مرڪڻ لڳو. سندس من جي مراد پوري ٿيڻ واري هئي ۽ اهو وقت پري نہ هيو جڏهن سپاهي هن جي چنبي ۾ هوندو ۽ هو جيئن چاهيندو ان کي استعمال ڪري سگهندو. چور ڳالهيندو ويو ۽ بهادر سپاهي هن کي ٻڌندو ويو.

”انسان جا وڏا دشمن ان جي اندر ۾ آهن.“ چور چيو. ”جنهن ڪاوڙ ڪئي ان پاڻ سان ظلم ڪيو. تون ڪاوڙ ڪري ٻئي کي ڌمڪائي تہ سگهين ٿو پر ان سان گڏ پنهنجي اندر کي پڻ تباهہ ۽ برباد

ڪرين ٿو. ڪاوڙ تنهنجي شخصيت کي نقصان پهچائي ٿي. اها جذبن جي اپار سان بيمارين کي جنم ڏئي ٿي. تنهنجو روح بي چين ٿئي ٿو ۽ سڪون موڪلائي وڃي ٿو. تون جڏهن ڪاوڙ ڪرين ٿو ته دنيا کي ناراض ڪرين ٿو. توسان هر ڪو پاڻ کي ناخوش ۽ بيزار محسوس ڪري ٿو. تون دشمن پيدا ڪرين ٿو جنهن صورت ۾ تنهنجي من ۾ خوف جي ڪيفيت بيدار ٿئي ٿي. تون پاڻ کي اڪيلو ۽ ويڳاڻو محسوس ڪرين ٿو. جيڪڏهن ڪاوڙ نه ڪندين ته ماڻهو توکي سنو سمجهي ويجهو ايندا. تون پاڻ مان مطمئن ۽ پرسڪون هوندين. هر ڪو تنهنجو دوست هوندو.“

هن جون ڳالهيون ﭘڌي بهادر سپاهيءَ جي منهن تي اهڙي مرڪ اچي وئي جيڪا ﭔي تاريخ جي چنڊ جهڙي هئي.

”بيشڪ ولي بيشڪ.“ بهادر سپاهيءَ چيو. ”تنهنجيون ڳالهيون ٻڌي دل کي ڏاڍي فرحت پئي محسوس ٿئي. دل جا بار هلڪا پيا ٿين ۽ جسم ۾ سرور جون لهرون پيون پيدا ٿين.“

چور دل ۾ ٺهڪ ڏنو جنهن کان هن جو نڪ ڳاڙهو ٿي ويو.

”مان چاهيندس ته تنهنجا سڀ مونجهارا ختم ڪري توکي دائمي خوشيءَ جي پلصراط پار ڪرائي هڪ اهڙي دنيا ۾ پهچايان جتي ڪو خوف نه هجي ڪا مايوسي نه هجي. جتي پريشانيون ختم ٿي ويون هجن ۽ موت بي موت مري چڪو هجي. مان توکي اهڙي دنيا جو سير ڪرائڻ چاهيان ٿو جيڪا تو اڳ نه ڏٺي آهي. تون جيڪڏهن اهڙي دنيا ڏسڻ چاهين ٿو ته پاڻ کي فنا ڪر. هر برائيءَ جي جڙ انا آهي. انا پرستي انسان کي اهڙي اڪڙيل وڻ جيان ڪري وجهي ٿي جنهن جا ڏار طوفان ۾ ٽڙڪا ڏئي ڪري پون ٿا. تون نرم ٻوٽو ٿيءُ جڏهن طوفان ايندا ته تون هيٺ نوڙي پوندين ۽ اهي تنهنجو ڪجهه بگاڙي نه سگهندا. جهڪڻ سک ۽ نوڙت ڏار.“

چور ڏنو سپاهيءَ جا ڪلها مٿي ٿي ويا. هن جو ڪنڌ هيٺ ۽ ڪپ ٻاهر نڪري آهي. هو نوڙت ۽ عقيدت مان هيٺ جهڪي ويو. چور چاهيو ته وقت آهي ان تي چڙهي پنهنجو ڪم سرانجام ڏئي پر محسوس ڪيائين اڃان منزل پري آهي. ڪهڙي خبر سپاهيءَ جي حيواني صفت جاڳي پوي ۽ تلوار ڪڍي هن جو سر تن کان جدا ڪري وجهي. اهو سوچي چور مقناطيسي شخصيت سان لفظن جي جادوگري جاري رکي ۽ ويو هن کي چار ۾ ڦاسائيندو ۽ زير ڪندو.

”لالچ هڪ بري بلا آهي.“ چور چيو. ”جڏهن اسين لالچ ۾ پئون ٿا ته ڪِف اسان جي ڪبي واچ کان وهندي هيٺ ڪري ڪپڙا خراب ڪري ٿي. لالچ اسان جي اندر کي بزدل ۽ منافق بنائي ٿي. اسين دنيا ۾ پاڻ کي ڪمزور ۽ ٻين جي سهاري محسوس ڪيون ٿا. حلال ۽ حرام جي تميز ختم ٿي وڃي ٿي. لالچ مفاد پرستي ۽ غداريءَ کي جنم ڏئي ٿي. اسين پنهنجي ۽ پرائي ۾ تميز وساري ويهون ٿا. خواهشون جيڪي پڻ بري بلا جيان اسان جي پٺيان اچن ٿيون اهي ڊيڪائي سهڪائي مارين ٿيون. اسان جون خواهشون اهڙا زنجير آهن جن مان پاڻ ڇڏائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. خواهشون مايوسين کي جنم ڏين ٿيون. جڏهن خواهشن جو پورائو نه ٿو ٿئي ته اسين غمگين ٿي وڃون ٿا. ۽ ائين مايوسين ۾

وڪوڙجي اڪيلائين جي دنيا جو حصو بنجي وڃون ٿا. اسان جيڪڏهن لالچ نہ ڪيون ۽ خواهشن جي تمنا وساري ڇڏيون تہ ذهني طرح آزاد ٿي اهڙي هنڌ پهچي ويندا سين جتي دائمي خوشيون اسان جو انتظار ڪنديون. ۽ اسين ڪڏهن مايوسين ۽ ڏکن جو منهن نہ ڏسنداسين.“

چور جي ڳالهين جو بهادر سپاهيءَ تي ايڏو تہ اثر ٿيو جو ان کي گهاريل زندگي ڏوهن ۽ گناهن ڪانسواءِ ڪجهہ نظر نہ آئي. سندس ضمير جاڳي پيو جنهن کان محسوس ڪيائين هن ڪيڏا نہ ظلم ڪيا. ڪيترن بي گناهہ معصوم ماڻهن کي قتل ڪيو. انهن جا گهر اجاڙيا ۽ عورتن کي بيواهہ ڪيو. بهادر سپاهيءَ کي پنهنجو ماضي ائين نظر آيو جيئن ڪو ازدها هن آڏو ڪنڊ ڪڙي وات کولي بيهي رهيو هجي ۽ ان جي وات مان اهڙي باهہ نڪرڻ واري هجي جنهن ۾ هن جو وجود سڙي رک ٿي ويندو. بهادر سپاهيءَ کي ڏاڍو خوف محسوس ٿيو ۽ هن جو جسم ڏڪڻ لڳو. هن هٿ ٻڌي چور کي عرض ڪيو.

”اي ولي تنهنجيون ڳالهيون ٻڌي مان گناهن جي خوف ۾ ونجي ويو آهيان.“ چور اکيون بند ڪري سڌو ٿي ويٺل تہ سانت هيو پر اندر ۾ ٺهڪ ڏئي تاڙيون وڄائي ايڏو تہ کلي رهيو هيو جو سندس پيٽ ۾ سور پئجي ويو. ”موهہ“ پوءِ هن چيو. ڪنڌر ۾ هن جي آواز جو پڙاڏو پيدا ٿيو. ”موهہ انسان کي چريو ڪري وجهي ٿو. موهہ جي ڌاڳي ۾ هو ٻڌل ڪٺ پتليءَ جيان اشارن تي ناچ ڪري ٿو. هن جي حياتي پنهنجي حياتي نہ ٿي رهي. هن جي زندگي ٻين جي غلام بنجي وڃي ٿي. جدائي هن کي ڏک ڏئي ٿي. ۽ وڇوڙو هن لاءِ پريشانيءَ جو سبب بنجي ٿو. موهہ اهڙو ڏوهہ آهي جنهن کي ڪرڻ سان ماڻهو سزا طور پاڻ ۾ قيد ٿي وڃي ٿو. ۽ ان کي ضمير ڪڏهن آزاد نہ ٿو ڪري. موهہ جا ڌاڳا ايڏا تہ ڪچا آهن جو اهي انهن ۾ ٻڌل لڙڪندڙ دلين جو بار نٿا جهلي سگهن. اهي ڇڄن ٿا ۽ دليون هيٺ ڪري مٽيءَ ۾ ملي وڃن ٿيون. جيڪڏهن تون دائمي خوشي چاهين ٿو تہ توکي رسا ڇنائڻا پوندا. رسا ڇنائيندين تہ آزاد ٿيندين ۽ دائمي خوشي تنهنجا قدم چمندي.“

چور جي ڳالهہ ٻڌي بهادر سپاهيءَ کي پنهنجي بيوفا زال ياد اچي وئي. جنهن سان هن کي موهہ هيو. اها هن کي ڇڏي هلي وئي. هو جڏهن مهاڀاري جنگ تان ٻن سالن کانپوءِ موٽيو هيو تہ هن جي زال گهر ۾ موجود نہ هئي. اها گهٽيءَ جون ناليون صاف ڪندڙ هڪ ڀيل سان ڀڄي وئي. زال کي ياد ڪري هو ڏاڍو رنو ۽ اهو گڏهہ جي منهن وارو سپاهي ڪنڌر جي پراڻي ڌَسَ ۾ ليٽڙيون پائي ڇڙيون هڻڻ لڳو.

بهادر سپاهيءَ جي حالت ڏسي بظاهر سانت ويٺل چور جي من ۾ ايڏا تہ ٺهڪ ايامي رهيا هيا جو هن ضروري سمجهيو تہ ڳالهائڻ جاري رکي نہ تہ اهي ٺهڪ هن مٿان حملو ڪندا ۽ سندس سمورو کيل ختم ٿي ويندو. هن پوءِ بهادر سپاهيءَ کي جنت ۽ دوزخ جون ڳالهيون ٻڌايون. حورن ۽ ماکيءَ جي ذائقي جو ذڪر ڪيو. طوفانن زلزلن ۽ قهرن جا قصا بيان ڪيا ۽ قبر جي عذاب کان ڊيڄاريو. بهادر سپاهي رڍ جي ٻچي جيان سامهون ويهي رحم جي نظرن سان هن ڏانهن ڏسڻ لڳو. چور اٿيو ۽ هن کي

هٿ کان جھلي ان پٽ وٽ وٺي ويو جنھن مٿان جارو هيو. هن کي اتي ٻيھاري چيائين،

"هيءُ اهو مقام آهي جتي جھڪندين ته تنھنجا سڀ گناهه ڌوپي ويندا. تنھنجو مرتبو بلند ٿيندو ۽ دائمي خوشي حاصل ٿيندي."

هن سپاهيءَ کي کلھن کان وٺي هيٺ ڪيو ۽ سپاهي ائين جھڪندو ويو جيئن ميڻ جو ٿھيل هجي. سپاهي گوڏن ڀر جھڪي ٿونين تي ٻانھون رکي پٺي مٿي ڪئي ته هو ان تي لت رکي چڙهيو ۽ هن جو هٿ آرام سان جاري تائين پھچي ويو. هن پندرهن سو سال پراڻي ابوجھل جي لڪايل بوتل هٿ ۾ ڪنئي ۽ ٽپو ڏئي ڪنڌر کان ٻاهر نڪري ويو.

بھادر سپاهي اتي ائين جھڪيل هيو جيئن فنا ٿي ويو هجي.

***



رسول ميمڻ صفا نه بدليو آهي، هو اڄ به اهڙين ئي آهي . مانيلو، سگهارو، آڙينگ ۽ منفرد . جيئن ٽيهارو کن سال اڳ هيو، جڏهن پبلشر طور مون سندس ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب "اڌن جي ٽالي" ڇپرايو هيو. تڏهن پڙهندڙ سندس ڪهاڻيون پڙهي حيران ٿي ويا هئا، اهي ڪهاڻيون نه امر جليل جهڙيون هيون، نه نسيم کرل جهڙيون . اهي رسول ميمڻ جون ڪهاڻيون هيون، الڳ نظر ايندڙ. شعور ۽ احساس جي نئين ڳس تي ونڊيندڙ ڪهاڻيون . جيڪي رسول ميمڻ اڄ تائين لڳاتار ۽ ٺڪ جي احساس سوا، لکندو پيو اچي.

رسول ميمڻ جي ڪهاڻين جا موضوع انوکا ۽ ٽريٽمينٽ، سنڌي جي ٻين ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين کان بنهه مختلف آهي. سندس ڪهاڻيون، سندس شخصيت جيان پُراسرار آهن. زندگي ۽ زندگي جي مسئلن سان ڀرپور . ماحول چٽڻ جو انداز به هُن وٽ گهڻو مختلف آهي. جيڪو رُڳو وٽس ئي ملي ٿو . هڪڙو جادوئي ماحول، جنهن جي اُٿت ۾ پڙهندڙ رچي ٿو ڦاسندو ۽ ڪهاڻي پڙهي پوري ڪري به قائل ٿي رهي ٿو . رسول ميمڻ جهڙي تحرير، انداز، تشبيهن ۽ استعارن سان ڀرپور منظرنگاري، واري شاهوڪاري خليل جبران وٽ ئي ملي ٿي. بيشڪ سندس ڪهاڻيون آرٽ ۽ ڪرافٽ جو خوبصورت ميلاپ آهن . جيڪي سندس گهري ۽ تيز تکي آرٽسٽڪ نظر، وسيع مطالعي، مشاهدي ۽ تجربن جي بُنياد تي مضبوطي، سان بيٺل آهن

رسول ميمڻ سدائين، پذيرائي، جي ميلن جهميلن کان ٻاهر رهي تخليق جون سڀ قوتون ڳڏ ڪري هي ڪهاڻيون لکيون آهن . سندس ڪهاڻي، اڄ جي جيئري جاڳندي ڪهاڻي آهي جنهن کي نه نه گولي لڳي آهي، نه ئي هُو، ڪنهن ٻَر پلاسٽ ۾ زخمي ٿيل آهي . صحتمند ۽ سگهاري ڪهاڻي، جيڪا پنهنجو تعارف پاڻ آهي، نه هُو، رسول ميمڻ جي ڪهاڻي آهي .

- اياز گل

رسول ميمڻ